اطلاعات کاتو
حکومتِ سنڌ

ماهوار
# پيغام
ڪراچي

ڊسمبر-2023ع



قائد اعظم
محمد علي جناح
عظيم اڳواڻ



## شهيد محترمہ بينظير ڀٽو
ڌرتي ۽ عوام سان
محبت ۽ بهادريءَ جو
تاريخي مثال



سنڌ جو نگران وڏو وزير (ر) جسٽس مقبول باقر آرٽس ڪائونسل ۾ عالمي اردو ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي.




سنڌ جو نگران وڏو وزير (ر) جسٽس مقبول باقر 18 هين ڪراچي عالمي بڪ فيئر جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي.

اطلاعات کاتو
حڪومتِ سنڌ

# ماهوار پيغام ڪراچي

جلد 53، شمارو 1، ڊسمبر 2023ع

نگران اعليٰ
**محمد احمد شاهه**
نگران صوبائي وزير اطلاعات، حڪومت سنڌ

نگران
**نديم الرحمان ميمڻ**
سيڪريٽري اطلاعات، حڪومت سنڌ
...
**محمد سليم خان**
ڊائريڪٽر جنرل، پبلڪ

چيف ايڊيٽر
**منصور احمد راجپوت**
ڊائريڪٽر پبليڪيشن
...
**ارم ملڪ**
ڊپٽي ڊائريڪٽر

ايڊيٽر
**علاب علي ڏيٽو**
انفارميشن آفيسر

اسسٽنٽ ايڊيٽر
**علي حسن چانڊيو**

سوشل ميڊيا ڪوآرڊينيٽر
**محمد آصف ٽيبو**

## فهرست

| | | |
|---|---|---|
| جمهوري عمل جو تسلسل ۽ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جو ڪردار | ايڊيٽوريل | 2 |
| قائد اعظم محمد علي جناح: عظيم اڳواڻ | عبدالحميد | 3 |
| شهيد محترمہ بينظير ڀٽو: عوام سان محبت ۽ بهادريءَ جو تاريخي مثال | شرجيل انعام ميمڻ | 6 |
| روشن خيال، انسان دوست ۽ ڊجيٽل سنڌ جو خواب | محمد ياسين | 8 |
| اوجها ڪئمپس ۾ ڪينسر جي مفت علاج جي شروعات | طارق احمد | 11 |
| آزاديءَ جي تحريڪ ۾ سنڌ جو حصو | فرحان ٽنيو | 14 |
| تعميرِ پاڪستان ۾ سنڌ جو ڪردار | امام ڏنو | 16 |
| ٻہ قومي نظريو: پاڪستان جي اساس | سليم انور عباسي | 19 |
| شاهہ جو رسالو: سنڌي ٻوليءَ جو ضرب خانو | اقبال جاڪرو | 23 |
| ”اکيون يار تنهنجون، صدين جون صدائون“ | پروفيسر لطافت علي جوهر | 28 |
| انساني آجپي جا گيت سرجيندڙ ڪوي فيض احمد فيض | سرمد سولنگي | 36 |
| سرموڙ ڪهاڻيڪار نسيم کرل | زين سولنگي | 38 |
| عالمي شهرت رکندڙ ليکڪ چيخوف جي چونڊ ڪهاڻي شرط | سنڌيڪار: محمد عثمان | 40 |
| مستقبل جي گهرن جون ڊزائنون: خيال ۽ حقيقت | قربان حسين | 46 |
| شهرسازيءَ ۾ آرٽ ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال | محمد مبين | 49 |
| اسڪرپٽ رائٽنگ جي وڌندڙ گهرج | فرح ناز | 53 |
| موبائل فون جو وڌيڪ استعمال صحت لاءِ نقصانڪار آهي... پر ڇو؟ | امبر احمد | 56 |
| هڏين کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪيلشيم مهيا ڪندڙ غذا قدرتي طريقي سان حاصل ٿيندڙ ڪيلشيم | حبدار علي | 59 |

رابطي لاءِ:

www.information.sindh.gov.pk/publications
publication.sid@gmail.com
Publication_sid
www.facebook.com/publication.sid

**ڇپائيندڙ: اطلاعات کاتو، حڪومت سنڌ.**
بلاڪ 95، سنڌ سيڪريٽريٽ 4-B، ڪراچي، 74200.
Ph: 021-99202610

**ڇاپيندڙ: افيئر پبلشنگ هائوس، ڪراچي**
9 ماڙ آفيس نمبر 924، ٽريڊ ٽاور، عبدالله هارون روڊ، ڪراچي.

## ايڊيٽوريل

# جمهوري عمل جو تسلسل ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو ڪردار

پاڪستان ۾ جمهوريت جي بحاليءَ جي جدوجهد ڇئن ڏهاڪن تي مشتمل آهي. ان دوران جمهوريت جي تسلسل ۾ ڪي رڪاوٽون به آيون پر عوام ۽ سياسي قيادت جي قربانين جي نتيجي ۾ نيٺ اهو ممڪن ٿيو ته چونڊيل حڪومتون پنهنجو آئيني مدو پورو ڪرڻ لڳيون ۽ ادارن کي سگهارا بنياد فراهم ٿيا آهن.

ڏٺو وڃي ته جمهوريت جو تسلسل ڪنهن به ملڪ جي مضبوطيءَ لاءِ انتهائي ضروري آهي. عوام جي آواز کي دٻائڻ سان نه رڳو ماڻهن کي انهن جي انساني حقن کان محروم ٿيڻو پوي ٿو پر ان سان ادارا ڪمزور ٿي وڃن ٿا ۽ معاشرو هر سطح تي انتشار جي ور چڙهي وڃي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ اهليت، اصول ۽ قاعدا قانون بي معنيٰ ٿي وڃن ٿا. غير جمهوري معاشرن ۾ ”جيڪو ڏاڍو سو گابو“ سمجهيو ويندو آهي. عوام جي وڏي اڪثريت پنهنجي بنيادي انساني حقن ۽ ضرورتن کان محروم هوندي آهي. اهڙي قسم جي سوسائٽيءَ ۾ ڪو به باصلاحيت فرد پنهنجي اهليت ۽ قابليت جي بنياد تي گهربل منزل ماڻي نه سگهندو آهي. جڏهن ته جمهوري وهنوار ۾ ادارا نه رڳو ماڻهن جي اهليت کي وڌائڻ جو باعث بڻجا آهن بلڪ اهي قابل فردن کي معاشري لاءِ لاڀائتو بڻائڻ جي سلسلي ۾ هر مرحلي تي ڏاڪڻ ثابت ٿيندا آهن. اهڙي صورتحال ۾ ادارن تي ڀروسو پيدا ٿيندو آهي ۽ صلاحيتن جي ضايع ٿيڻ جا امڪان گهٽجي ۽ اڳتي هلي ختم ٿي ويندا آهن. هر ماڻهو پنهنجي منزل تي پهچڻ جي حوالي سان پراعتماد هوندو آهي.

ان ڪري دنيا جا اڪثر ملڪ مختلف تجربن کان پوءِ نيٺ ان نتيجي تي پهتا ته جمهوري نظام ئي اهڙي سوسائٽي جو اساس ٿي سگهي ٿو جنهن ۾ هر ماڻهوءَ جي فلاح ۽ ڀلائي يقيني هجي. اسان ڏسون پيا ته مهذب دنيا جمهوريتن جي مضبوطيءَ تي ان ڪري زور ڏئي ٿي ڇاڪاڻ ته ان ۾ ماڻهن جي عملي شرڪت سان اهڙو فلاحي نظام جُڙي ٿو جيڪو وڏي اڪثريت جي بنيادي ضرورتن جي پورائي جو ضامن هوندو آهي.

پاڪستان جي پهرئين چونڊيل وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو جي جمهوري حڪومت تي راتاهي ۽ 4-اپريل 1979ع تي سندس شهادت ڪانپوءِ هن ملڪ تي وڏي عرصي تائين آمراڻو راڄ رهيو. عوام جا بنيادي انساني حق معطل رهيا. ڊڪٽيٽر جنرل ضياءالحق پاڪستان جي آئين کي معطل ڪري ملڪ تي مارشل لاڳو ڪري ڇڏيو. اظهار جي آزادي ختم ڪئي وئي. ماڻهن کي گهٽ ۽ ٻوسٽ ۾ زندگي گذارڻ تي مجبور ڪيو ويو. 1983ع واري ايم آر ڊي تحريڪ ۽ 17 آگسٽ 1988ع تي جهاز ڪريش ٿيڻ جي نتيجي ۾ جنرل ضياءَ جي موت ڪانپوءِ ملڪ ۾ جمهوريت جي بحاليءَ جا امڪان پيدا ٿيا ۽ محترمه بينظير ڀٽو طويل جلاوطني ختم ڪري وطن واپس موٽڻ جو اعلان ڪيو. گهڻين ئي رڪاوٽن باوجود سندن واپسيءَ ڪانپوءِ جمهوريت جي بحاليءَ جون ڪوششون تيز ٿي ويون. عوام ۾ نئين اميد جاڳي پئي. انساني ۽ جمهوري حقن جي جدوجهد ڏينهون ڏينهن تيز ٿيندي وئي. ملڪ ۾ عوامي راڄ جي قيام لاءِ عوام ۽ جمهوري قيادت بي مثال قربانيون ڏنيون. وڏي عرصي ڪانپوءِ 1988ع ۾ غير جماعتي ۽ ان ڪانپوءِ پارٽي بنيادن تي ٿيل عام چونڊن جي نتيجي ۾ آهستي آهستي جمهوريت پاڙون پختيون ڪرڻ لڳي. اڳتي هلي پ پ، ن ليگ توڙي مختلف پارٽين جي اقتدار ۾ اچڻ بعد گذريل ٻن حڪومتن تاريخ ۾ پهريون ڀيرو پنهنجو آئيني مدو پورو ڪيو آهي.

حقيقت اها آهي ته پاڪستان ۾ جمهوريت کي سگهارا بنياد فراهم ڪرڻ ۾ محترمه بينظير ڀٽو جو ڪردار غير معمولي آهي. هن طويل جمهوري جدوجهد جي نه رڳو سرواڻي ڪئي پر ان دوران اهڙيون قربانيون ڏنيون جن جو جمهوري تاريخ ۾ مثال ملڻ مشڪل آهي. عظيم والد ذوالفقار علي ڀٽو ڀائرن مير مرتضيٰ ۽ شاهنواز ڀٽو جي شهادت تي قصو دنگ نه ٿيو. محترمه بينظير ڀٽو ڪي به جمهوريت ۽ عوام لاءِ نيٺ پنهنجي زندگي به قربان ڪرڻي پئي. ايئن شهيد محترمه بينظير ڀٽو تاريخ جي ورقن ۾ هميشه لاءِ زنده رهجي وئي!

27 ڊسمبر 2007ع تي لياقت باغ راولپنڊيءَ ۾ محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت کي سورهن سال گذري ويا آهن پر اهو زخم اڄ به تازو لڳي ٿو سندن عظيم قربانيءَ جو نتيجو آهي ته وقت گذرڻ سان پاڪستان ۾ جمهوريت مضبوط ٿي رهي آهي. هر اداري کي پنهنجي پنهنجي دائري ۾ رهي ڪم ڪرڻ واري ڳالهه زور وٺي رهي آهي. اميد ته ڪجي ته ملڪ ۾ جمهوري عمل وڌيڪ جٽادار ٿيندو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو سميت هزارين سياسي ڪارڪنن ۽ عوام جون قربانيون رائيگان نه وينديون.

**منصور احمد راجپوت**
(چيف ايڊيٽر)

# قائد اعظم محمد علي جناح: عظيم اڳواڻ

عبدالحميد

25 ڊسمبر تاريخ ساز يادگار قومي ڏينهن آهي. باني پاڪستان محسن ملت دنيا جي عظيم جاکوڙي اڳواڻ قائد اعظم محمد علي جناح جو يوم پيدائش ۽ سالگرهه جو ڏينهن آهي. هر سال معمول مطابق 25 ڊسمبر کي وڏي جوش جذبي عقيدت احترام سان قومي تي ڏينهن ڪري ملهايو ويندو آهي. 25 ڊسمبر 1876ع تي قائد اعظم محمد علي جناح جو سنڌ ۾ جنم ٿيو. سندس والد جو نالو جناح پونجا هو. جناح پونجا ڪامياب ڪاروباري پيشي سان وابسته هو. 25 ڊسمبر تي سڄي ملڪ ۾ عام موڪل ۽ سرڪاري توڙي نجي طرح هن ڏينهن کي قومي ياگار طور ملهايو ويندو آهي. ملڪ ۾ قائد اعظم محمد علي جناح جو يوم پيدائش سرڪاري سطح تي ملهائڻ جو مقصد سندس قومي خدمتن جي اعتراف طور کين خراج تحسين پيش ڪرڻ هوندو آهي. سڄي ملڪ ۾ ان حوالي سان خاص تقريبون منعقد ڪيون وينديون آهن. ملڪ جون سياسي سماجي ذريون ان قومي يادگار ڏينهن تي پنهنجي شيڊول مطابق پروگرام ڪنديون آهن. قائد اعظم محمد علي جناح دنيا جي عظيم اڳواڻن ۾ شمار ٿئي ٿو. 25 ڊسمبر يوم پيدائش قائد اعظم محمد علي جناح جي موقعي تي سندس قومي خدمتن جو اعتراف پوري قوم ڪري ٿي. قائد اعظم محمد علي جناح دنيا جو مڃيل عظيم جاکوڙي اڳواڻ آهي.

برصغير جي مسلمانن جي وڏي خوشنصيبي هئي جو قائد اعظم محمد علي جناح جهڙو سچو هڏڏوڪي بهادر عظيم اڳواڻ کين مليو جنهن تي فخر آهي. قائد اعظم محمد علي جناح آزاد وطن جي قيام خاطر وڏي اڻ ٿڪ جدوجهد وطن جي آزاديءَ لاءِ شاندار ڪردار تاريخ جو سونهري باب آهي. وادي مهراڻ سنڌ کي اهو به اعزاز حاصل آهي ته دنيا جي عظيم اڳواڻ قائد اعظم محمد علي جناح جو تعلق به سنڌ سان آهي. ۽ سنڌ کي اهو به اعزاز حاصل آهي ته هتي بيشمار جاکوڙي ڪردارن جو جنم ٿيو. انهن عظيم ڪردارن قومي خدمت کي فرض سمجهيو. بنا فرق جي قوم سان وفا ۽ سچائي جو رشتو خوب نڀايو.

محسن ملت قائد اعظم محمد علي



جناح هڪ ئي وقت ڪيترين خوبين جو مالڪ هو. عالم، ڏاهو بـرڪ دانشور، اديب نالي وارو قانوندان، صحافي، سچو هڏ ڏوڪي مضبوط ارادن جو مالڪ، قول فعل جو سچو انصاف، اصول پسند عملي عوامي ليبر هو. تاريخ جي گهري مطالعي سان ۽ انصاف جي نظر سان ڏسبو تہ قائد اعظم محمد علي جناح پنهنجي زندگي قوم لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي. بنا فرق جي عوامي خدمت کي زندگي جو حصو بڻائي ورتو هو. هن بنا ڪنهن لالچ، بنا ڪنهن ذاتي مفاد خاطر جدوجهد جاري رکي. قائد اعظم محمد علي جناح جو قوم تي وڏو احسان آهي.

ان وقت برصغير جي مسلمانن جا معاشي سياسي سماجي حالات بهتر نہ هئا. انگريز ۽ هندو وڏيڪ طاقت ۾ هئا. برصغير جا مسلمان انهن جي رحم ڪرم تي هئا. ڪنهن بہ قوم جي غلامي بربادي ۽ زوال جي علامت هوندي آهي. آزادي خدا جي وڏي نعمت آهي. آزادي وڏين قربانين جي عيوض ملندي آهي. برصغير جا مسلمان غلامي جي زنجيرن ۾ قيد هئا. قائد اعظم محمد علي جناح غلامي کي پسند نہ ٿي ڪيو. بي سهارا قوم کي سهارو ڏيڻ لاءِ هڪ عظيم منظم جدوجهد جاري رکي نئين تاريخ رقم ڪئي. آزادي، امن، برابري، انصاف، ترقي ۽ خوشحالي جو نظريو ڏيئي برصغير جي مسلمانن ۾ نئون سياسي روح ڦوڪيو. وکريل قوم کي ايڪي ۽ اتحاد هڪ سياسي پليٽ فارم تي گڏ ڪيو. تاريخ ساز جدوجهد ۾ محسن ملت قائد اعظم محمد علي جناح جي بيشمار وفادار فدائي ساٿين حق سچ جي قافلي ۾ شموليت ڪري سندس هٿ مضبوط ڪيا. ان عظيم جدوجهد ۾ ڀرپور ساٿ نڀايو. انهن بهادر وفادار ساٿين جي قربانين کي بہ ڪڏهن نظر انداز نہ ٿو ڪري سگهجي.

ان سچ ۽ حقيقت جو ڪڏهن بہ انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي تہ پاڪستان جو بنياد سنڌ کان شروع ٿيندڙ تاريخ ساز جدوجهد ۽ قربانين جو ثمر آهي. محسن ملت قائد اعظم محمد علي جناح جن جي سچائي، قوم لاءِ تڙپ ۽ تاريخ ساز جدوجهد. جيڪا تاريخ جي سونهري ورقن ۾ محفوظ آهي. هن بر صغير جي مسلمانن جي الڳ وطن واري خواب کي حقيقت ۾ بدلايو. اهڙو عظيم ڪارنامو محسن ملت قائد اعظم محمد علي جناح جو آهي. . دنيا ۾ تسليم ڪيو ويو تہ بر صغير جا مسلمان قائد اعظم محمد علي جناح جي اڳواڻي ۾ پنهنجي عظيم مقصد حاصل ڪرڻ ۾ سوڀارا ٿيا. قائد اعظم محمد علي جناح تحريڪ پاڪستان





ڪي عروج ڏياريو. پاڻ قوم لاءِ درد ۽ تڙپ رکندڙ انسان هو. هن پنهنجي ساري زندگي قوم جي بهتري لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي. جواني ڪان پيري بلڪ زندگيءَ جي آخري لمحن تائين قوم سان وفا جو ناتو نڀايو. ملڪ ۽ قوم خاطر جدوجهد جاري رکي. ڏينهن رات مسلسل جدوجهد سان وکريل قوم کي ايڪي اتحاد ۾ آندو.

قائد اعظم محمد علي جناح کي باباءِ قوم ٻـ سڏيو ويندو آهي. انڊين نيشنل ڪانگريس سان مختلف معاملن تي اختلافن ڪان پوءِ هن آل انڊين مسلم ليگ جو بنياد وڌو. آل انڊين مسلم ليگ جو پيغام شهرن ٻهراڙين توڙي جهر جهنگ ۾ پهچايو ويو. قائد اعظم محمد علي جناح جي آواز کي نوجوانن، بزرگن، عورتن، شاگردن، هارين، مزدورن ۽ زندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ مسلمانن مان ڏنو. ڏسندي ڏسندي انڊين مسلم ليگ هڪ عوامي طاقت بڻجي چڪي هئي. انڊين مسلم ليگ جي شاگرد ونگ تنظيم مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن (ايم ايس ايف) پاڻ ملهايو. مسلم ليگ عورتن کي سياسي شعور ڏيڻ لاءِ قائد اعظم محمد علي جناح جي ڀيڻ محترمہ فاطمہ جناح جي قيادت ۾ ڀرپور تاريخي ڪردار ادا ڪيو. قائد اعظم محمد علي جناح جي اڳواڻيءَ ۾ تحريڪ پاڪستان ۾ عورتن جو سياسي ڪردار بي مثال رهيو. مسلم ليگ کي اهو ٻـ اعزاز حاصل آهي تہ هو پاڪستان جي خالق جماعت آهي. قائد اعظم محمد علي جناح بر صغير مسلمانن جو اهو اڳواڻ آهي جنهن قرباني جي شروعات پنهنجي ذات کان ڪئي. سياسي طرح گهڻو سرگرم رهيو. قائد اعظم محمد علي جناح نوجوانن کي اهو اهم پيغام ڏنو تہ هو وڌ ۾ وڌ تعليم ڏانهن لاڙو رکن ۽ چوتہ تعليم کان سواءِ دنيا ۾ ڪنهن شعبي ۾ ترقي جو تصور ٻـ ناممڪن آهي.

جهالت کي ختم ڪرڻ لاءِ ترقي ۾ نوجوانن جو ڪردار اهم هوندو آهي. قائد اعظم محمد علي جناح پنهنجي اربين رپين جي قيمتي جائداد قوم لاءِ وقف ڪري ڇڏي. ذاتي پراپرٽي جو وڏو حصو نوجوانن جي تعليم لاءِ وقف ڪرڻ جو مقصد اهو هو تہ جيئن ترقي ۽ خوشحاليءَ جو راهون کلن. نوجوان تعليم جي شعبي ۾ ترقي ڪري ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪري سگهن. قائد اعظم محمد علي جناح جو نظريو ملڪ ۽ عوام جي ترقي ۽ خوشحاليءَ جي ضمانت آهي. بدقسمتيءَ سان پاڪستان جي آزادي کان پوءِ قائد اعظم محمد علي جناح گهڻو وقت زندهہ رهي نہ سگهيو. هن جي وڇوڙي سان وڏو خال پيدا ٿيو جيڪو هن وقت تائين پرجي نہ سگهيو آهي. قائد اعظم محمد علي جناح جون قومي خدمتون هڪ حقيقت ۽ روشن باب آهن. پوري قوم قائد اعظم محمد

### شهيد محترمہ بينظير ڀٽو

# ڌرتي ۽ عوام سان محبت ۽ بهادريءَ جو تاريخي مثال

شرجيل انعام ميمڻ



شهيد محترمہ بينظير ڀٽو کي اسان کان وڇڙي 16 سال ٿي ويا آهن پر سنڌس مظلوميت واري شهادت جو زخم اڄ بہ تازو آهي. هن عظيم سانحي بابت سوچي اڄ بہ روح ڏکي وڃي ٿو جڏهن 27 ڊسمبر 2007 تي راولپنڊي جي لياقت باغ ۾ دهشتگردن حملو ڪري کيس بيدردي سان شهيد ڪيو هو. ان افسوسناڪ واقعي سان نہ صرف پاڪستاني عوام پر سموري دنيا ۾ جمهوري قوتن کي هڪ اهڙو صدمو رسيو جيڪو ڏک ۽ اداسي جي صورت ۾ نسل در نسل منتقل ٿي رهيو آهي.

اڄ بہ اڪثر ماڻهو اهو سوال ڪندا آهن تہ جڏهن شهيد محترمہ بينظير ڀٽو کي پهريان کان علم هو تہ سنڌس جان کي خطرو آهي تہ پوءِ هوءَ 8 سالن جي جلاوطني ختم ڪري وطن واپس ڇو آئي؟ انهن ماڻهن جي سوال جو جواب اهو آهي تہ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو کي صرف ان ڳالهہ جو علم ئي نہ هو پر يقين هو تہ ڪجهہ ملڪي ۽ عالمي قوتون گڏجي کيس قتل جو منصوبو ٺاهي چڪيون آهن. ان منصوبي کان نہ صرف پرڏيهي حڪومتن کيس آگاهہ ڪيو هو پر هن پاڻ بہ ڪجهہ عالمي اڳواڻن ۽ ميڊيا جي نمائندن کي ان سازش بابت ٻڌايو هو. هن ان وقت جي صدر جنرل پرويز مشرف کي بہ باقاعده طور ان منصوبي بابت ٻڌايو هو. ان باوجود هو وطن واپس آئي ۽ هن ان سوال جو جواب پاڻ ئي ڏنو هو. هڪ انٽرويوءَ ۾ هن ٻڌايو هو تہ ”اسان دليلن سان ڳالهائيندڙ مرد ۽ عورتون آهيون. اسان جا بہ نظريا ۽ جذبات آهن. اسان کي معلوم آهي تہ ڪيئن زنده رهڻو آهي ۽ ڪيئن مرڻو آهي. تاريخ شهيدن پاران لکي ويندي آهي. تاريخ انقلاب جي ڌاڳن سان سبي ويندي آهي.“

18 آڪٽوبر 2007 تي جڏهن شهيد بينظير ڀٽو دبئي کان رواني ٿي رهي هئي تہ اُن وقت بہ کيس سڀ ماڻهو اهو چئي رهيا هئا تہ هو وطن واپس نہ وڃي. ڇاڪاڻ تہ سندس جان کي خطرو آهي. پر هوءَ بار بار هڪ ئي ڳالهہ چئي رهي هئي تہ مان پنهنجي عوام کي اڪيلو نہ ڇڏينديس. اسان جو جيئڻ ۽ مرڻ عوام سان آهي. ان ڏينهن جڏهن هوءَ ڪراچي ايئرپورٽ تي لٿي تہ اتي عوام جو هڪ سمنڊ استقبال لاءِ موجود هو. هي اهو تاريخي ڏينهن هو جڏهن پاڪستان جي عوام فيصلو ڏئي ڇڏيو هو تہ هو محترمہ بينظير ڀٽو جي قيادت ۾ هڪ پر امن، ترقي يافتہ ۽ جمهوري پاڪستان چاهين ٿا. 18 آڪٽوبر 2007 تي پاڪستان ۾ انقلاب برپا ٿي چڪو هو جمهوريت دشمن عوام دشمن قوتن عوامي طاقت کي چيڀاٽڻ لاءِ بارود جي طاقت جو استعمال ڪيو ۽ دهشتگردن جي ذريعي محترمہ بينظير ڀٽو تي حملو ڪري ڇڏيو تہ هو هر حال ۾ شهيد بينظير ڀٽو کي جسماني طور تي عوام کان جدا ڪرڻ جي منصوبي تي بيحرميءَ سان عملدرآمد ڪرڻ چاهين ٿا. دهشتگرديءَ جي ان واقعي ۾ تقريبن 200 جمهوريت پسند شهيد ۽ ڪيترائي زخمي ٿي ويا. ان واقعي ۾ محترمہ بينظير ڀٽو تہ بچي وئي، پر سنڌس ڪتاب ”مفاهمت“ جا ورق شهيدن جي خون ۾ رنگجي ويا. ان ڪتاب ۾ پاڪستان سميت سڄي دنيا دهشتگردي جي خاتمي ۽ پر امن عالمي معاشري جي قيام لاءِ اهو حل ڏنو تہ دنيا ۾ جمهوريت کي ترجيح ڏني وڃي ۽ غريب ۽ امير جي وچ ۾ فرق کي ختم ڪيو وڃي. اهو تڏهن ممڪن ٿيندو جڏهن تڪرار جي بدران هر جاءِ مفاهمت جو رستو اختيار ڪيو ويندو.

ان جو مطلب اهو آهي تہ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو هڪ عالمي ليڊر طور تي

عظيم مشن کڻي 18 آڪٽوبر، 2007 تي پاڪستان جي سرزمين تي لٿي هئي ۽ هن مشن جي پڄاڻي به تڏهن ئي ممڪن هئي ته اها پاڪستان جي عوام سان گڏ رهي ڪري پنهنجي جدوجهد جو آغاز ڪري ها. ان جي مشن جو پهريون مرحلو اهو هو ته پاڪستان ۾ جمهوريت بحال ٿئي. ان ڪانپوءِ سڄي دنيا جي جمهوري ۽ امن پسند قوتن کي گڏ ڪري دهشتگردي جو خاتمو ڪجي ۽ جمهوري ۽ سياسي عمل لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪري دنيا مان غربت جو خاتمو ڪيو وڃي. عوام کان پري رهي هن مشن جي تڪميل ممڪن نه هئي. 18 آڪٽوبر، 2007 تي ڪراچيءَ ۾ ٿيندڙ ڪارساز سانحو ڪانپوءِ ٻيهر شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي پارٽي رهنمائن ۽ ٻين سياسي اڳواڻن بهرحال اهو مشورو ڏنو ته هو ٻيهر پاڪستان مان ٻاهر وڃي ۽ ٻاهر ويهي ڪري هي انتخابي مهم هلائي. 19 آڪٽوبر، 2007 تي هن سانحي ڪانپوءِ جڏهن بلاول هائوس ڪراچي ۾ هن پريس ڪانفرنس ڪئي ته ڪائنس ڪنهن صحافي سوال ڪيو ته 18 آڪٽوبر جي واقعي ڪانپوءِ به ڇا توهان چونڊن لاءِ عوامي رابطا مهم هلائيندا؟ ان تي هن بنا ڪنهن هٻڪ جي جواب ڏنو" اهي ماڻهو به اهو ئي چاهين ٿا ته آئون چونڊ مهم نه هلايان ۽ واپس هلي وڃان. اهي ماڻهو اهو چاهين ٿا ته پاڪستان ۾ حقيقي جمهوريت بحال نه ٿئي پر هاڻي جمهوريت بحال نه ٿي ته پاڪستان لاءِ خطرا وڌي ويندا. آئون پنهنجي ماڻهن سان گڏ رهنديس."

وري دنيا ڏٺو ته شهيد بي بي ٻيهر عوامي رابطا مهم شروع ڪري ڇڏي. هوءَ هر جلسي ۾ اهو ئي چوندي هئي ته آئون پاڪستان ۾ جمهوريت لاءِ پنهنجي جان جو رسڪ کڻي آئي آهيان. 18 آڪٽوبر جي سانحي ڪانپوءِ هن پنهنجي ڪتاب مفاهمت ۾ ڪجهه وڌيڪ اضافو ڪيو ۽ هڪ هنڌ لکيائين ته "مون پنهنجي والد جي گرفتاري، قيد ۽ قتل جا عذاب ڀوڳيا هئا ۽ ڄاڻندي هئس ته روح جا اهڙا زخم ڪڏهن به نه ڀرجندا. پنهنجي والد جي موت تي جيڪا تڪليف مون ڀوڳي، ان کان پنهنجن ٻارن کي بچائڻ لاءِ آئون ڪجهه به ڪرڻ لاءِ تيار هئس. مگر اهو واحد ڪم هو جيڪو آئون نٿي ڪري سگهيس." محترمه بينظير ڀٽو جي انهن لفظن مان اهو اندازو لڳائڻ مشڪل ناهي ته هوءَ پنهنجن ٻارن سان تمام گهڻو پيار ڪندي هئي ۽ هن کين پنهنجي موت جو صدمو به نٿي ڏيڻ چاهيو. ان جي باوجود هن شعوري طور تي پنهنجو موت قبول ڪيو. انتخابي مهم دوران هڪ ڀيرو هوءَ ڳڙهي خدا بخش ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي مزار تي وئي ۽ مزار جا سمورا دروازا بند ڪرائي اڪيلي ڪيترائي ڪلاڪ ويٺي رهي. انهيءَ ڏينهن ئي ماڻهن کي اندازو ٿي ويو هو ته شهيد بي بي کي پنهنجي موت جو پورو يقين آهي. ان ڪانپوءِ هوءَ ٻيهر انتخابي مهم تي نڪري وئي. انهيءَ دوران به ماڻهو کيس چوندا رهيا ته جلسن ۾ نه وڃو پر سندس اهو ئي جواب هوندو هو ته مون جيڪڏهن ائين ڪيو ته پاڪستان جي لاءِ خطرا وڌي ويندا، پوءِ اهو ئي ٿيو. 27 ڊسمبر 2007ع تي هوءَ عوام جي وچ ۾ ئي شهيد ٿي وئي.

اڄ جيڪڏهن پاڪستان ۾ جمهوريت آهي ته شهيد بي بي جي قربانين جو نتيجو آهي. شهيد بي بي تاريخ ۾ بهادري ۽ جرئتمنديءَ جو مظاهرو ڪيو. شهيد بي بي پنهنجي ڌرتي ۽ ماڻهن سان محبت ڪندي هئي. هن پنهنجي قرباني سان پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجن ماڻهن سان اڻ ٽٽندڙ رشتو قائم ڪيو آهي جيڪو هميشه قائم رهندو. اسان سڀني تي شهيد بي بي جي خون جو قرض آهي ته اسين پاڪستان ۾ حقيقي جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ سندس مشن کي جاري رکون.



# روشن خيال، انسان دوست ۽ ڊجيٽل سنڌ جو خواب

محمد ياسين

> تعليم جي شعبي ۾ ڪراچيءَ کان ڪشمور تائين يونيورسٽين، ڪيمپسز ۽ ڪاليجز. جو چار ان ڳالهه جي ساک ڏئي ٿو ته سنڌ وارا تعليم جا پرجهلا آهن.

14 آگسٽ 1947ع اهو پلارو ڏينهن آهي جڏهن اسان هڪ آزاد وطن جا رهواسي ٿياسين جتي قرب ۽ ميٺ محبت سان هڪ ٻئي جو پرجهلو ٿيڻ سڀ کان اولين ترجيح رهي آهي. سنڌ واسين هر دور ۾ سياسي تدبر جو مظاهرو ڪندي ملڪ کي جوڙڻ جي ڳالهه ڪئي آهي. پ پ جي حڪومت سنڌ جو ٽريڪ رڪارڊ ڪراچي کان ڪشمير تائين پائيچاري جي هڪ زنجير ۾ پوئي ڏک سک ۾ گڏيل سهڪار سان حڪومتي ڪاروهنوار هلائڻ رهيو آهي. گذريل 35 ورهين جي عرصي ۾ پي پي پي سرڪار جنهن جوانمرديءَ سان تنقيد کان مٿانهون ٿي سنڌ جي انفرااسٽرڪچر، زراعت، تعليم، صحت لاءِ انسان دوست، مزدور دوست اپاءَ ورتا آهن تن جا لاڀ اڄ اسين هن ريت حاصل ڪري رهيا آهيون جو ٿر ڪوئلي پروجيڪٽ هڪ طرف ٿرين جي قسمت بدلي ڇڏي آهي. ساڳيءَ ريت ڪراچيءَ کي پاڻي، ٽرانسپورٽ ۽ سيوريج سسٽم کي بهتر ڪرڻ لاءِ وسان ناهي گهٽايو جنهن جو چٽو ثبوت ڪراچيءَ جي روڊن ۽ محلن ۾ هلندڙ ترقياتي ڪم آهن جيڪي 10 سالن کانپوءِ تڪميل تي پهچندا تہ بين الاقوامي شهرن ۽ ماڊل ميگا سٽي جو روپ ڏيندي جنهن جا معاشي لاڳاپا سي پيڪ پروجيڪٽ وسيلي دنيا جي سٽن ڪنڊن ۾ موجود سگهارن ملڪن سان هوندا. پاڪستانين لاءِ سنڌ، پنجاب، خيبرپختونخوا، گلگت بلتستان، بلوچستان واسين لاءِ پي پي پي سرڪار جو وڏي ۾ وڏو تحفو هن وقت سي پيڪ آهي جيڪو پاڪستان کي ايشيا،






آفريقا، آمريڪا ۽ يورپ کنڊ سان زميني ۽ ريلوي رستي ڳنڍي هڪ وڏي معاشي سگهه طور عالمي منظرنامي تي بيهاريندو. سنڌ حڪومت پاران ڪلچر کي پروموٽ ڪرڻ لاءِ ملڪي ۽ عالمي سطح تي ادب ۽ ثقافت جي ميدان ۾ سنڌ فيسٽيولز پي پي پي سنڌ حڪومت جو روشن چهرو آهي. ايتروئي نه پر سنڌ ليگ وسيلي سنڌ ڪرڪيٽ، فٽبال ۽ ٻين ايشين گيمز ۾ سنڌ جي قومي ۽ عالمي نمائندگي هڪ منفرد قدم آهي جنهن سان سنڌ جي اسپورٽس مين شپ به پاڪستان ۽ دنيا آڏو سامهون آئي آهي. سنڌ سرڪار جهڙيءَ ريت پنجاب سان ملي ڪري چين سان دوستيءَ کي سگهارو ڪيو تنهن جو فائدو اڄ اِهو نظر اچي رهيو آهي ته سنڌ، پنجاب، بلوچستان، خيبرپختونخواهه، گلگت بلتستان ۽ ڪشمير جي ماڻهن جون دليون هڪ ٻئي جي احترام ۾ ڌڙڪن ٿيون. تعليم جي شعبي ۾ ڪراچيءَ کان ڪشمور تائين يونيورسٽين، ڪيمپسز ۽ ڪاليجز جو ڄار ان ڳالهه جي ساک ڏئي ٿو ته سنڌ وارا تعليم جا پرجهلا آهن. گورنر سنڌ پاران گورنر هائوس يونيورسٽي جو خواب آءِ ٽي ڪورسز جي صورت ۾ تعبير وٺي رهيو آهي. هر ضلعي هيڊ ڪوارٽر ۾ صحت جي سهولتن جي ڄار صحت مند سنڌ جي ساپيان ڪري ڏيکاري آهي. ڊجيٽل ايجوڪيشن ۽ آن لائن فري لانسنگ هنرمند عورتن کي گهر ويٺي روزگار جا وسيع موقعا مهيا ڪيا آهن. سنڌ جي اسٽارٽ اپس ڏيهه پرڏيهه ۾ پنهنجي آن لائن ڪاميابين سان پاڪستان جو نالو بين الاقوامي طور تي مانَ پريو ڪيو آهي. سنڌ جي مزدورن لاءِ فلاح ۽ ٻهبود جا ورتل اپاءَ هجن يا ڊرپ ايگريڪلچر وسيلي زراعت کي هٿي ڏيڻ لاءِ جديد ٽيڪنالوجي ۽ تحقيق جو ميدان هجي، سرسبز سنڌ لاءِ سنڌ حڪومت پاران ورتل ڪوششن جا لاپ ان ريت ملي رهيا آهن جو قدرتي آفتن جي تباهه ڪارين باوجود پي پي پي حڪومت ٻوڏ سٽيلن کي اجها به ڏنا ته وري بينظير انڪم سپورٽ پروگرام وسيلي ابوجهن ۽ غريبن کي امداد به ڏني ته خود روزگار اسڪيم هيٺ بينظير پٽو اسڪل ڊولپمينٽ پروگرام وسيلي نوجوان ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن کي هنرمند بڻائي پنهنجي پيرن تي بيهڻ ۾ مدد به ڪئي ۽ هن وقت اِهو طعنو گهٽ ٻڌڻ ۾ اچي پيو ته سنڌ ڪاپي ڪلچر جي ور چڙهيل آهي. سنڌ ٽيسٽنگ سروس (STS) ذريعي امتحان ميرٽ کي اڳتي وڌايو آهي. IBA سکر پاران تعليم ۽ نوڪريءَ لاءِ اهو لازمي امتحان ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته وقت سر حالتون تبديل ٿينديون پيون وڃن.

21 هين صديءَ ۾ داخل ٿيندي 23 ورهيه ٿي چڪا آهن. هن وقت سوشل ميڊيا دنيا جي هڪ ڪُنڊ کان ٻي ڪُنڊ تائين سڄي عالم کي هڪ چت هيٺ گڏي ڇڏيو آهي. بلاڪ چين ۽ ڪرپٽو ڪرنسيءَ ڪاروبار وهنوار کي گهر ويٺي سولو ڪري ڇڏيو آهي.

آفيس ورڪس ايٿڪس يا آن لائن ٽاسڪ جي دنيا ڪي پر لڳي ويا آهن. هڪ اسمارٽ موبائل ٿي ڊيسڪ ۽ ليپ ٽاپ ٿي وئي آهي ۽ 12 ڪروڙ موبائل رکندڙ پاڪستاني هڪٻئي سان رابطي ۾ آهن. هر گذرندڙ ڏينهن ڊجيٽل ورلڊ ۾ مصنوعي ذهانت سان گڏ اهڙين تبديلين سان همڪنار ٿي رهيو آهي جنهن ۾ گهر ويٺي ڪم ڪرڻ سولو ٿي پيو آهي جنهن جو اندازو ان ڳالھ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ رڳو هڪ ڏينهن بہ انٽرنيٽ بند هجي تہ هڪ ڪرب رپيا نقصان پڪو آهي. ڊجيٽل ورلڊ بہ گڏيل سهڪار ۽ عالمي سفارتڪاريءَ جي نفاست ڀري دنيا آهي جتي دنيا جا عالم نہ رڳو هڪ ٻئي سان علمي مڪالمو ڪن ٿا پر هڪ ٻئي جي تجربن ۽ هنرن منجهان سِکن ۽ پرائن بہ ٿا. هاڻ گلوبل ورلڊ گلوبل سٽيزن جي روپ ۾ اُڀري رهي آهي ۽ ايندڙ وقت بين الاقوامي شهريت جو هوندو جڏهن سرحدن جا ليڪا ختم ٿيندا. جيئن زمين جي هڪ ڪنڊ ڪان ٻي ڪنڊ تائين قدرت ڀاران گڏيل گوٺ ناهي هڪ ڪرو ڪيو آهي تهڙيءَ ريت اوير ۽ اولھ واسي اهو پرائي ونندا تہ هڪ ٻئي سان محبت ۽ قربت ۾ ئي انسان ذات، حيوان ذات، نباتات ۽ جمادات جي بقا آهي. ان سبق کي صوفي آدجڳاد ڪان ياد رکيو پيو اچي تہ اتو لٽو ۽ اجهو سڀ جي ضرورت ۽ بنيادي انساني حقن ۾ شمار ٿئي ٿو.

**مستقبل جو اي-پلينيٽ ۽ ڊجيٽل حڪومت سنڌ:**

سائنس ٽيڪنالوجي جي گڏيل سهڪار سان جهڙيءَ ريت اڳتي وڪ وڌائي رهي آهي ان کي ڏسندي مستقبل جي سنگيولرٽي ڊجيٽل انفوٽيڪ ورلڊ ۾ هن ڌرتيءَ کي اي پلينيٽ (E_Planet) سميت نظام شمسيءَ جي هاٽوڪن آئن گرهن سميت



زندگيءَ جي امڪانن تي ٻڌل اڪيچار گرهن تي ڪائناتي دنيا جي جوڙجڪ وشال ڪائنات جي هڪ ڪهڪشان ۾ انسان جي محبت ۽ امن جي اُها سوڀ هوندي جنهن ۾ سنڌ واسي ۽ پاڪستاني ئي نہ پر ڪائنات واسي بہ هوندا. ايندڙ 22 هين صدي مريخ تي آباديءَ جو خواب ايڪس اسپيس جو سرواڻ ايلون مسڪ ڏسي رهيو آهي. ان خواب جي ساڀيان ۾ پاڪستان واسي پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا جيڪڏهن پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ موڊ کي سگهارو ڪندي بين الاقوامي سائنس سان لهہ وچڙ ۾ اچي پاڪستاني سائنس ڪلچر کي هٿي ڏني وڃي جنهن لاءِ سنڌ حڪومت کي گهرجي تہ هو چين، جاپان، برطانيا، آمريڪا، روس، سعودي عرب، ڀارت، بنگلاديش، سريلنڪا سان لهہ وچڙ ۾ اچي سنڌ کي صديءَ پڇاڙا سائنس ۽ ٽيڪنالاوجيءَ جو حب ڪرڻ لاءِ فوجي ڊسيپلن طور ڪم ڪري جنهن لاءِ پاڪستان پيپلزپارٽي چيئرمين جي بلاول ڀٽو زرداريءَ جي قومي اسيمبليءَ ۾ ڪيل تقرير کي وڏڻ کي مان ڏيڻ گهرجي جنهن ۾ هن چيو تہ هو تہ جهونا سياستدان نوجوانن لاءِ رستا ڪولي وڃن تہ جيئن نوجوان ٽيڪ جنريشن هاٽوڪي انفو بائيو ميٽرڪ ورچوئل سنگيوليرٽي انقلاب لاءِ دنيا جي نوجوانن سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي اڳتي وڌي سگهن.

سنڌ حڪومت جو اهم قدم

# اوجها ڪئمپس ۾ ڪئنسر جي مفت علاج جي شروعات

طارق احمد




پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڪينسر اسپتال جو افتتاح ڪندي،
اڳوڻو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه، اڳوڻو تعليم وارو وزير سعيد غني ۽ ٻيا پڻ ساٿس گڏ موجود آهن.

ڪئنسر جيتوڻيڪ هڪ موتمار بيماري ۽ هاڃيڪار مرض آهي جيڪو مختلف صورتن ۾ ماڻهن کي ٿيو وڃي. پر سهولتن ۽ وسيلن جي اڻاٺ سبب ڪيترائي ڪئنسر جا مريض هميشه موت جي منهن ۾ هليا ويندا آهن. خاص طور تي سنڌ جي راڄڌاني ڪراچي جي ڪچين آبادين ۾ اهو مرض تمام گهڻو آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي ته هڪ ته ڪچين آبادين ۾ ماڻهن کي پيئڻ جو صاف پاڻي ميسر ناهي، گڏوگڏ گٽڪي، پان، سوپارين ۽ ٻين نشي آور شين جي وڏيڪ استعمال سبب ماڻهو ان بيماريءَ جو شڪار ٿين ٿا. جڏهن ته اهڙا ماڻهو هيٺئين طبقي جا هوندا آهن، ان ڪري علاج ڪرائڻ ۽ دوائن خريد ڪرڻ جي طاقت نه هجڻ سبب اوس موت سندن مقدر بڻجي ويندو آهي.

هڪ رپورٽ موجب ڪئنسر جو موتمار مرض گهڻي ڀاڱي لاڙ جي پٽي خاص طور ٺٽي، گهاري، سجاول، ميرپور بٺوري، بدين، ڦلڪارا، ماتلي، ڪڍڻ واري پاسي عام آهي. ڇو ته انهن علائقن ۾ پان، گٽڪو نشيدار مائو ۽ نشيدار سوپاريون عام جام وڪرو ڪيون وڃن ٿيون. حالانڪ حڪومت طرفان اهي سموريون شيون وڪرو ڪرڻ ۽ واپرائڻ تي مڪمل طور پابندي آهي. باوجود ان جي مقامي اثر رسوخ رکندڙ منشيات جا واپاري سهولتڪارن جي مدد سان اهو زهر وڪڻي رهيا آهن، جنهن تي بهرحال ضابطي آڻڻ جي ضرورت آهي.

لاڙ جي پٽيءَ کانسواءِ ڪئنسر جو سبب بڻجندڙ گٽڪو مائو نشيدار سوپاريون، پان ۽ ٻيون نشي آور شيون گهڻي ڀاڱي ڪراچيءَ جي لياري واري علائقي ۾ تمام گهڻيون واپرايون وڃن ٿيون. ان ڪارڻ انهي علائقي جا ماڻهو وات جي ڪئنسر جو تمام گهڻو شڪار ٿين ٿا. هاڻي ته اهو زهر سنڌ جي وڏن شهرن سکر، لاڙڪاڻي، حيدرآباد کان سواءِ دادو، سيوهڻ، گهوٽڪي، جيڪب آباد، ڪنڌڪوٽ ۽ ٻين جاين تي پڻ سرعام وڪرو ٿي رهيو آهي.

هڪ پاسي ماڻهن جي پنهنجي صحت کان لاتعلقي ۽ خيال نه رکڻ جو اهو عالم آهي ته ٻئي طرف سنڌ حڪومت ماڻهن جون زندگيون بچائڻ ۽ کين صحت جون بهتر کان بهتر سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ هر وقت ڪوشان آهي. جناح اسپتال جيڪا هاڻي سنڌ حڪومت جي زير نگراني هلي رهي آهي، اتي پڻ بهترين ڪئنسر وارڊ موجود آهي. ايس آءِ يو ٽي جنهن کي پڻ سنڌ حڪومت اربين رپيا فنڊ مهيا ڪري ٿي، ان ڪارڻ ئي اتي ماڻهن جو مفت علاج ممڪن آهي. ايس آءِ يو ٽي ۾ پڻ ڪئنسر جي مريضن لاءِ مفت علاج ميسر آهي، پورو وارڊ، صاف سٿرو ۽ سهولتن سان آراسته آهي جتي پڻ مريضن جو بنا ڪنهن متڀيد جي مفت علاج ڪيو وڃي ٿو.

سنڌ حڪومت عوام کي علاج جون مفت سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ هر وقت جدوجهد ۾ رڌل آهي. ويجهڙ ۾ ئي ڊائو اسپتال اوجها ڪئمپس جي نئين او پي ڊي ڪامپليڪس جو پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري افتتاح ڪيو. ساڻس سنڌ جو وڏو وزير مراد علي شاهه پڻ گڏ هو. اهو او پي ڊي ڪامپليڪس ڇئن بلاڪن تي مشتمل آهي، جيڪو سنڌ حڪومت جي گرانٽ سان 500 ملين جي لاڳت سان جُڙي راس ٿيو آهي، جنهن مان روزانو سوين مريض مستفيد ٿي سگهندا، ان موقعي تي بلاول ڀٽو زرداري ۽ وڏي وزير مراد علي شاهه ڪئنسر يونٽ جي پيڙهه جو پٿر پڻ رکيو. گڏوگڏ هڪ وڻ به پوکيو.




ان موقعي تي ڳالهائيندي پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز ۾ ڊائو اسپتال جي عملي کي ڪراچي شهر اندر جگر جي معياري ٽرانسپلانٽ ڪرڻ تي مبارڪباد ڏني. سندس چوڻ هو ته اسان هيومن ريسورسز بهتر طريقي سان استعمال ڪري ماڻهن کي بهتر کان بهتر صحت جون سهولتون مهيا ڪري سگهون ٿا. سنڌ حڪومت جي هميشه اها ڪوشش رهي آهي ته عام ماڻهو کي صحت، علاج جون بهتر معياري سهولتون مهيا ڪري ڏجن. ان موقعي تي بلاول ڀٽو زرداري اعلان ڪيو ته ڊائو اسپتال ۾ 100 جگر جي ٽرانسپلانٽيشن جو خرچ سنڌ حڪومت ڀريندي.

سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه جو چوڻ هو ته سنڌ حڪومت جو ايمان آهي ته هر شهري کي معياري ۽ سستو علاج ميسر ٿي سگهي. هن صحت جي عملي جي ساراهه ڪندي چيو ته ڪورونا وارن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ خاص طور صحت جي عملي ڏينهن رات هڪ ڪري ماڻهن جون زندگيون بچايون. اهو جذبو جاري رهڻ گهرجي، اسان جيڪڏهن ان جذبي سان اڳتي وڌندا رهنداسين ته سنڌ صوبو صحت جي شعبي ۾ هميشه جيان اڳڀرو رهندو.

ڊائو اسپتال ۾ ٽراما سينٽر اڳ ۾ ئي ڪم ڪري رهيو آهي، جنهن ڪارڻ ايمرجنسي ۾ حادثي جي صورت ۾ سچل ڳوٺ، ماروئڙا، صفوران، موسميات جي علائقن لاءِ گهر ويجهو تمام وڏي سهولت ميسر ٿي وئي آهي. هاڻي وري سنڌ حڪومت جي سهڪار سان ڊائو اسپتال جگر جي ٽرانسپلانٽ جو سلسلو شروع ڪيو آهي جيڪو نهايت ڪارآمد ثابت ٿيندو. ڇاڪاڻ ته جگر جون بيماريون هاڻ عام آهن. اڪثر ماڻهو انهن بيمارين جي ڪري مري وڃن ٿا پر سنڌ حڪومت اها سهولت مهيا ڪري ماڻهن کي وڏو سهارو ڏنو آهي. پر شرط اهو آهي ته سنڌ حڪومت جي گرانٽ تي هلندڙ ان سهولت کي مفت مريضن کي ميسر ڪيو وڃي، اهڙي سهولت کي قطعي طور ڪمرشل نه ڪيو وڃي.

هيپاٽائيٽس ۾ مبتلا اڪثر مريض جگر جا ئي مريض هجن ٿا. اهي جگر ختم ٿي وڃڻ جي صورت ۾ بي يارو مددگار موت جو انتظار ڪندا آهن، ليڪن ڊائو اسپتال ۾ سنڌ حڪومت اهڙي سهولت مفت مهيا ڪري سندن زندگيون بچائڻ جو هڪ وسيلو پيدا ڪيو آهي. مشاهدي ۾ اها ڳالهه آئي آهي ته جگر جا اڪثر مريض علاج، ٽرانسپلانٽيشن جي گهربل رقم نه هجڻ سبب تڙپي تڙپي دم ڏٽي حوالي ڪندا آهن.

هينئر تائين ڊائو اسپتال اوجها ڪئمپس سنڌ حڪومت جي مدد سان جگر جي ٽرانسپلانٽ جا 75 ڪامياب آپريشن ڪيا آهن. سنڌ حڪومت مستقبل ۾ بہ

اسپتال کي ان مد ۾ وڏيک گرانٽس ڏيڻ جو ارادو رکي ٿي. جڏهن تہ گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف هيلٿ سائنسز (گمس) پڻ هينئر تائين جگر جا 500 ٽرانسپلانٽ مفت ڪري چڪو آهي. انهن سمورن ٽرانسپلانٽيشن لاءِ ڪين سنڌ حڪومت جي مالي مدد ۽ تعاون حاصل رهيو آهي. ان سلسلي ۾ سماجي اڳواڻ ۽ خير جو ڪم ڪندڙ بہ اسپتال جي مدد ڪري مفت جگر جي ٽرانسپلانٽيشن ڪي هٿي وٺرائي سگهن ٿا.

اهو بہ نہ وسارڻ گهرجي تہ ڪئنسر ڪو لاعلاج مرض آهي، هاڻ جديد ٽيڪنالاجيءَ وسيلي ان جو هر ممڪن علاج ممڪن آهي. ان سلسلي ۾ سنڌ حڪومت جون ڪوششون ۽ ڪاوشون قابل ديد آهن. ڪئنسر جو جديد طريقي سان علاج ڪيئن ممڪن آهي؟ ان حوالي سان انجينئر فلڪ ناز سومرو جو چوڻ آهي تہ: ”مائيڪرو ويو فريڪوئنسي جي سائنسي نيٽو ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن ٽيڪنالاجي تحت بريسٽ ڪئنسر جو جديد علاج ڪري سگهبو جڏهن تہ اڳ بريسٽ ڪئنسر يا ٻي ڪئنسر جي بيماريءَ ۾ متاثر مريض جي جسم جو متاثر حصو ڪپي ڇڏيندا هئا. جڏهن تہ هاڻي آهستي آهستي نئين تحقيق ۽ جديد اوزارن وسيلي مخصوص متاثر سيلن کي صرف ساڙيو وڃي ٿو جيڪو پڻ هڪ پيچيده طريقو آهي، نينو ٽيڪنالاجيءَ وسيلي ننڍڙا اُلا جسم اندر موڪلي توڙي جسم جي مٿان آپريشن ذريعي اهڙي طرح شعاع ڏنا ويندا آهن تہ جيئن جسم جي صرف متاثر سيلن کي ئي ساڙي ختم ڪيو وڃي، جنهن سان ڪئنسر جي مريض جي زندگي بچائڻ ممڪن هوندو آهي.“

ڊائو اسپتال جي نئين او پي ڊي ڪامپليڪس جي افتتاح ۽ ڪئنسر يونٽ جي پيڙهہ جو پٿر رکڻ جي موقعي تي پورهئي وارو اڳوڻو صوبائي وزير سعيد غني، اڳوڻو پارلياماني سيڪريٽري قاسم سومرو، صحت جو صوبائي سيڪريٽري جهانزيب حيدر، ڊائو يونيورسٽي اسپتال جو وائيس چانسلر پروفيسر سعيد قريشي ۽ ٻيا موجود هئا.

سچ تہ ڊائو اسپتال اوجها ڪئمپس ۾ سنڌ حڪومت جي سهڪار سان نئين او پي ڊي ڪامپليڪس جو جڙي راس ٿيڻ ۽ ڪئنسر يونٽ جي پيڙهہ جو پٿر رکڻ ڪنهن معجزي کان گهٽ ناهي. اڳ ۾ ئي اوجها ڪئمپس ٽي بي جي مريضن لاءِ تمام وڏيون خدمتون مفت ۾ سرانجام ڏئي رهيو آهي. نہ وسارڻ کپي تہ اوجها نالي جنهن سنڌي اها سوين ايڪڙ زمين ٽي بي مريضن جي علاج لاءِ مفت ڏني هئي، ان جو مقصد بہ خلق خدا جي خدمت ڪرڻ هو. اڄ سنڌ حڪومت اهڙا منصوبا شروع ڪري ڇڏ تہ ان خدا ترس ماڻهوءَ جا خواب ساپيان ڪري رهي آهي.



# آزاديءَ جي تحريڪ ۾ سنڌ جو حصو

فرحان ٽنيو

سترهين صدي عيسويءَ جي شروعات ۾ شاطر انگريز سامراج جڏهن ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي آڙ ۾ واپار ڪرڻ بهاني هندستان ۾ داخل ٿيو تہ سڀ کان پهرين سورت شهر ۾ ڪاروباري ڪوٺي قائم ڪئي وئي، انگريزن جو مقصد جيئن تہ هندستان جهڙي امير ملڪ جي معيشت تي قبضو ڪري وسيلا هڙپ ڪرڻ هو. انڪري هنن رٿابندي تحت مقامي غدارن جي مدد سان سڀ کان پهرين شهرن ۽ پوءِ رياستن تي قبضو ڄمايو ۽ سنڌ جيڪا ان وقت ٽالپر حڪمرانن جي قبضي هيٺ هئي، 1843ع ۾ انگريزن مياڻيءَ واري جنگ ۾ انگريزن ميرن جي لشڪر کي شڪست ڏئي سنڌ تي قبضو ڪيو ۽ ان جنگ ۾ سنڌي لشڪر جي سپهہ سالار جرنيل هوش محمد شيديءَ جڳ مشهور نعرو ”مرويسون پر سنڌ نہ ڏيسون“ فضا ۾ بلند ڪيو هو جيڪو اڄ بہ سنڌ دشمنن جون ننڊون حرام ڪري ڇڏي ٿو بهرحال جديد هٿيارن سان ليس انگريز فوج پنهنجي حڪمت عملي سبب 1857ع تائين تقريبن سڄي هندستان کي پنهنجي قبضي هيٺ آڻي ڇڏيو هو. ان ئي سال هندستان جي رهواسين هندن ۽ مسلمانن گڏجي آزاديءَ جي جنگ يا جنگ غدر وڙهي جنهن ۾ هزارين جانين جو نذرانو پيش ڪيو ويو پر جيئن تہ انگريز سامراج کي مقامي غدارن جي مدد هر رياست ۾ حاصل هئي تنهنڪري ان جنگ جي نتيجي ۾ دهليءَ جو تخت بہ آخري مغل بادشاهہ بهادر شاهہ ظفر کان کسجي ويو ۽ کيس گهر ڀاتين سميت گرفتار ڪري برما جي ٻيٽ تي انتهائي ذلت آميز طريقي سان ترسايو ويو ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين کيس واپس پنهنجي ملڪ هندستان نہ آندو. 1857ع واري آزاديءَ جي جنگ ۾ هندستان جي ٻين رياستن جيان سنڌ جي رهواسين بہ پنهنجو حصو ڳنڍيو ۽ 21 رجمينٽ جي 14 سپاهين رام دين پانڊي جي اڳواڻيءَ ۾ انگريز فوجي آفيسرن کي قتل ڪري ملير ڪينٽ تي قبضي جي رٿابندي ڪئي هئي پر مقامي مخبرن اها خبر وڃي انگريز آفيسرن کي ٻڌائي جنهن بعد رام دين پانڊي ۽ سندس ٽن ساٿين کي گرفتار ڪري سنڌ جي راڄڌانيءَ واري شهر ڪراچيءَ ۾ هڪ خالي ميدان ( جتي اڄ ايمپريس مارڪيٽ قائم آهي) تي توبن اڳيان ٻڌي بمن سان اڏايو ويو. جڏهن تہ ٻين ساٿين کي پڻ ساڳئي هنڌ تي ڦاهي ڏيڻ بعد سندن لاش گم ڪيا ويا، اهڙي خبر جهنگ جي باهہ جيان پکڙجي وئي ۽ رام دين پانڊي سميت سندس ساٿي سنڌ واسين جا هيرا بڻجي ويا. جنهن بعد عام ماڻهن سندن موت واري جاءِ تي گل نڇاور ڪرڻ لاءِ حاضري ڀرڻ جو سلسلو شروع ڪيو جيڪا ڳالهہ انگريز سرڪار کي بنهہ نہ وڻي ۽ هنن



امپريس مارڪيٽ ڪراچي، جتي آزاديءَ جي متوالي رام دين پانڊي ۽ سندس ساٿين کي توپن اڳيان ٻڌي اڏايو ويو.

منصوبابندي تحت ان خالي ميدان تي 1889ع ڌاري ايمپريس مارڪيٽ جي عمارت تعمير ڪئي، جيڪا اج به ساڳئي هنڌ تي موجود آهي.

جيتوڻيڪ جنگ غدر ۾ مقامي ماڻهن کي شڪست ملي پر تنهن هوندي به انگريز سرڪار خلاف عوامي ڪاوڙ ۾ اڻ ڳڻيو اضافو ٿيو جنهن کي ٺڏو ڪرڻ جون سموريون ڪوششون بي لاڀ ثابت ٿينديون رهيون. 15 اپريل 1859ع ۾ ٿرپارڪر جي مجاهد اول روپلو ڪولهي ننگرپارڪر واري علائقي ۾ انگريز فوج مٿان حملو ڪري ڪيترن ئي سپاهين کي ماري وڌو. ان حملي جتي ننگرپارڪر جي جوڌي جوان روپلي ڪولهيءَ کي ڌرتيءَ جو هيرو بڻائي ڇڏيو اتي ئي هڪ نئين اتساهه پڻ جنم ورتو پر انگريز جيئن تہ شاطر هو تنهن ڪري جنرل ٽائر وائٽ روپلي ڪولهي کي گرفتار ڪري بدترين تشدد جو نشانو بڻايو ۽ 22 آگسٽ 1859ع ۾ ڪيس ڦاهي ڏني وئي.

اهڙي ريت انگريز سامراج خلاف سنڌ جي عوام ۾ جيڪا ڪاوڙ ۽ ڪروڌ موجود هو اهو مختلف وقتن تي ظاهر بہ ٿيندو رهيو ۽ 1940ع جي ڏهاڪي ۾ سورهيہ بادشاهہ صبغت الله شاهہ راشدي "وطن يا ڪفن، آزادي يا موت" جو نعرو هڻي پنهنجي جانثار حرن سميت گوريلا ڪارروايون ڪري عوام دشمن سامراج کي ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيا. جنهن جي نتيجي ۾ گڏيل هندستان ۾ اهو پهريون پيرو ٿيو جو انگريز سرڪار کي سنڌ صوبي ۾ مارشل لا لڳائڻو پيو. حر تحريڪ دوران 24 آڪٽوبر 1941ع تي سورهيہ بادشاهہ کي گرفتار ڪيو ويو ۽ 20 مارچ 1943ع تي سنڌ جي هن عظيم هستيءَ کي سوريءَ جو سينگار بڻائي سندس مڙهہ بہ وارثن کي نہ ڏنو ويو ۽ هڪ اڻڄاتل هنڌ تي دفنايو ويو جيڪو راز اج بہ ظاهر ناهي ڪيو ويو ساڳئي سال يعني 21 جنوري 1943ع تي 19 ورهين جي سنڌي گوريلي هيمون ڪالاڻيءَ کي بہ سکر سينٽرل جيل ۾ ڦاسيءَ جي سزا ڏني وئي. ڇاڪاڻ تہ هيمون هڪ آزادي پسند سنڌي هو ۽ پنهنجي ڏاڏاڻي ڌيهہ تي ڌارين جي حڪومت کي برداشت نہ ڪري رهيو. ان ڏوهہ ۾ ڪيس گرفتار ڪري ڦوهہ جوانيءَ ۾ ڪانئس حياتي کسي وئي.

آزاديءَ جي تحريڪ ۾ سنڌ جي رهواسين نہ رڳو جنگ جي ميدان تي مڙس ٿي پاڻ ملهايو پر سياسي ميدان کي بہ خالي نہ ڇڏيو ويو. سال 1906ع ۾ آل انڊيا مسلم جي نهڻ کان گهٽواڳ سنڌ واسين ڪانگريس پارٽي سميت ٻين مقامي سطح جي سياسي جماعتن جي پليٽ فارم تان انگريز سامراج خلاف تاريخي جدوجهد ڪئي. مسلم ليگ جي وجود ۾ اچڻ ڪانپوءِ سنڌ جي مسلمانن جي اڪثريت جو لاڙو هن جماعت ڏانهن ٿيو ۽ مسلم ليگ سنڌ جي ان وقت جي مشهور اڳواڻن ۾ سائين جي ايم سيد، سر حاجي عبدالله هارون، سر غلام حسين هدايت الله، خانبهادر محمد ايوب کهڙو، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ ٻيا شامل هئا. جڏهن تہ مسلم ليگ کانسواءِ ٻين سياسي پارٽين جي پليٽ فارمز تان مولانا عبيدالله سنڌي، خانبهادر الله بخش سومرو، مولانا تاج محمد امروٽي ۽ ٻيا پڻ شامل هئا جن هندستان سطح تي ناماچاري ماڻڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي.

1936ع ۾ سنڌ جي بمبئي پريزيڊنسي کان عليحدگيءَ جي تحريڪ ۾ بہ سنڌي سياستدانن خاص طور سائين جي ايم سيد ۽ سندس ساٿين جو وڏو ڪارنامو ليکي وڃي ٿي ۽ ان جي نتيجي ۾ ئي سنڌ جي هڪ پرڳڻي واري حيثيت ختم ڪري ڌار صوبو ڻاهڻ جي منظوري ڏني وئي . جنهن بعد سنڌ جي صوبائي اسيمبلي پڻ وجود ۾ آئي ۽ ڪيترائي نوان صوبائي کاتا پڻ قائم ٿيا. سال 1943ع ۾ ساڳئي سنڌ اسيمبليءَ ۾ مسلم ليگ سنڌ جي صدر جي حيثيت سان سائين جي ايم سيد پاڪستان ناهڻ وارو تاريخي ٺهراءُ ايوان ۾ پيش ڪيو جيڪو اڪثريت راءِ جي بنياد تي منظور

> **ملڪ جو باني قائداعظم محمد علي جناح پڻ سنڌ ڄائو هو ۽ هن سنڌ مدرسته الاسلام تعليم پرائي ۽ اڳتي هلي گڏيل هندستان جي ڪروڙين مسلمانن جي قيادت ڪئي ۽ سندن گڏيل مطالبي تي پاڪستان جو وجود ممڪن بڻايو**

ڪيو ويو ڪنهن بہ قانونساز اسيمبليءَ مان پارت جي ورهاڱي ۽ پاڪستان جي قيام جو اها پهرين قرارداد هئي، جنهن جي بنياد تي بانيءَ پاڪستان قائداعظم محمد علي جناح انگريز سرڪار اڳيان مضبوط دليل پيش ڪندو هو ڇاڪاڻ تہ قانونساز اسيمبليءَ پاران منظور ڪرايل ڪنهن بہ قرارداد کي سياسي قيادت عزت جي نگاهہ سان ڏسندي هئي. ملڪ جو باني قائداعظم محمد علي جناح پڻ سنڌ ڄائو هو ۽ هن سنڌ مدرسته الاسلام تعليم پرائي ۽ اڳتي هلي گڏيل هندستان جي ڪروڙين مسلمانن جي قيادت ڪئي ۽ سندن گڏيل مطالبي تي پاڪستان جو وجود ممڪن بڻايو اهڙي ريت سنڌ جو آزاديءَ جي گڏيل تحريڪ توڙي پاڪستان ناهڻ ۾ اهم ترين ڪردار رهيو.

# تعميرِ پاڪستان ۾ سنڌ جو ڪردار

امام ڏنو



متحده ڀارت جي برطانوي راڄ اندر سنڌ اسيمبليءَ کي اِهو اعزاز حاصل آهي ته هن سڀ کان پهريان پاڪستان جي حق ۾ قرارداد منظور ڪندي پاڪستان ۾ شموليت اختيار ڪئي ۽ سنڌ جي راڄڌاني ڪراچيءَ کي پاڪستان جي دارالحڪومت جو مرتبو حاصل ٿيو ۽ هڪ سنڌ واسي قائداعظم محمد علي جناح رح جي ولوله انگيز قيادت ۾ گڏيل ننڍي کنڊ جي مسلمانن هندستان جي مسلم اڪثريتي علائقن ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي پليٽ فارم تان جدوجهد ڪندي ”مسلم ته مسلم ليگ ۾ آ“ جهڙي دل لڀائيندڙ نعري تي مسلم اڪثريتي رياستن ۾ 100 سيڪڙو سيٽون حاصل ڪيون ته برطانوي راڄ کي پليءَ پت اها خبر پئجي وئي ته هندستان ۾ به طاقتور ۽ سگهارون قومون هندو ۽ مسلمان رهن ٿا. هندستان تي مسلمانن جي فتح جو پهريون ٿاڪ به سنڌ ٿيو ۽ سنڌ کي ئي هن خطي ۾ باب الاسلام جو خطاب مليو ۽ ستين صديءَ کان هندستان جي نقشي تي مسلمان حڪمرانن پنهنجا پير پختا ڪيا ۽ مغل سلطنت جو بنياد وڌو. جڏهن مسلمانن کان انگريزن واپار جي بهاني اچي اقتدار ڦٻايو ته مسلمان عالمن ان عمل کي انتهائي قدم قرار ڏيندي انگريزيءَ کي حرام قرار ڏنو جنهن جو سڀ کان وڌيڪ لاڀ هندن ورتو جن کي انگريزن رعايتون ماڻيندڙ طبقو قرار ڏيندي نه رڳو سهولتون ڏنيون پر هندو قيادت پڻ فرنگي چولي ۾ رڱجي برطانوي سرڪار جي حامي پرڻ لڳي جنهن ڪارڻ ولايتي تعليم هندن کي برطانوي سرڪار جي ڪاروهنوار جو وجهه ڏنو جڏهن ته مسلمان قدامت جي دائري ۾ رهندي ديني تعليم تائين محدود رهيا ۽ ڏينهون ڏينهن سرڪاري ۽ خانگي روزگار جا موقعا گهٽ ٿيندا ويا.

ان صورتحال کي ڏسي سر سيد احمد خان محمدن سوسائٽيءَ جي پليٽ فارم تان انگريزي ميڊيم علي ڳڙهه ڪاليج جو بنياد رکندي هندستان جي مسلمانن کي سڏ ڏنو ته ترقيءَ جي راهه تي هلڻ لاءِ ۽ برطانوي ڪاروهنوار کي هلائڻ ۽ سمجهڻ لاءِ انگريزي تعليم ضروري آهي ته ترقي پسند تعليم يافتا نوجوانن جو کيڊر نڪتو. ساڳئي سڏ تي لبيڪ چوندي جڏهن خانبهادر سر حسن علي آفنديءَ ڪراچيءَ ۾ سنڌ مدرسته الاسلام نالي انگريزي ميڊيم اسڪول کوليو ته ان ئي اسڪول مان سنڌ جائي قائداعظم محمد علي جناح رح ميٽرڪ پاس ڪري اڳتي قانون جي تعليم برطانيا مان حاصل ڪري هندستان جي سياسي ۽ صنعتي مرڪز بمبئيءَ ۾ پنهنجي وڪالت شروع ڪئي ۽ پنهنجي تدبر ۽ معاملي فهميءَ ڪري هندو مسلم اتحاد جي سفير طور پنهنجي ساک قائم ڪئي. پوءِ جڏهن ٻي مها ڀاري جنگ ڪانپوءِ برطانوي راڄ جو ڏيوالو نڪتو ته هُن هندستان ڇڏي وڃڻ جا سانباها ڪيا ته ڪانگريس جون موجون ٿي ويون جتي اڪثريت هندن جي هئي. ان هڪ هٿيءَ ڪارڻ ئي نهرو رپورٽ سامهون آئي ته قائداعظم جاڻي ورتو ته هاڻ مسلمانن جو

پاڪستان ڪانسواءِ ڪو چاڙهو ڪونهي. 14 نُڪتا اهڙي نوس قانوني بنيادن تي پيش ڪيا جو آئين، جمهوريت ۽ بنيادي انساني حقن جي پرجهلي برطانوي راج ڏٽين ڪي ميٺو پيو تہ هندن ۽ مسلمانن جا معاشي، لساني، مذهبي ۽ ثقافتي ڌارا مختلف آهن. جن جي ريتن، رسمن ۾ ايڏو فرق آهي جو ٻئي ڌريون گڏيل دستر خوان تي ڪائي نٽا سگهن چو تہ هڪ ماڻهو هڪ ووٽ جي پارلياماني سرشتي ۾ اڪثريتي هندو انگ جي مقابلي ۾ مسلمان اڪثريتي علائقن جي موجودگيءَ باوجود بہ اقليت ۾ هئا، ان ڪري 23 مارچ 1940ع ۾ قرارداد لاهور ۾ مسلم اڪثريتي علائقن ڪي خودمختيار رياستن جي مطالبي جي ڳالهہ ڪئي جنهن ڪي هندو پريس قرارداد پاڪستان چئي پاڪستان جي خواب جي تعبير ڪي وڏيڪ سولو ڪري ڇڏيو ۽ 14 اگسٽ 1947ع تي اڌ رات جو پاڪستان زنده باد جو بگل وڳو تہ پاڪستان جا منهن مهانڊا واضح ڪندي 11 آگسٽ 1948ع جي دستور ساز اسيمبليءَ ۾ تقرير ڪندي اڪثريت ۽ اقليت جي مساوي حقن ۽ دوستاڻن بين الاقوامي لاڳاپن ڪي فروغ ڏيڻ جي ڳالهہ ڪندي چٽن لظن ۾ واضح ڪيو تہ: ”اوهين آزاد آهيو پنهنجن مندرن ۾ وڃڻ لاءِ، اوهين آزاد آهيو پنهنجين مسجدن ۾ وڃڻ لاءِ، رياست پاڪستان ۾ پنهنجي ڪنهن بہ عبادت گاهہ ۾ وڃڻ لاءِ. اوهان جو تعلق ڪنهن بہ مذهب، ذات، نسل سان هجي، رياست جو ان سان ڪو بہ ڏيڻ وٺڻ ناهي. ان ڪانپوءِ اوهين ڏسندا تہ ڪجهہ مدت گذرڻ ڪانپوءِ هندو هندو نہ رهندو ۽ مسلمان مسلمان نہ رهندو. مان اها ڳالهہ ”مذهبي معنيٰ“ ۾ ناهيان ڪري رهيو چو تہ اِهو هر فرد جي ذاتي عقيدي جو مامرو آهي پر آءٌ رياست جي رهواسي ۽ باشندي هئڻ ناتي ”سياسي معنيٰ“ ۾ چئي رهيو آهيان.“

اهڙيءَ ريت سنڌ پاڪستان جي سرواڻي ڪندي شاهہ سائينءَ جي ان خواب ڪي ساپيان ڏني:

سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سُڪار
مُحب مٺا دلدار!، عالم سڀ آباد ڪرين.

آئيني، جمهوري، اسلامي پاڪستان جو سرواڻ شهيد ذوالفقار علي ڀُٽو 1971ع جي اياڳي سال جڏهن اوڀر پاڪستان اسان ڪان ڌار ٿي بنگلاديش جي روپ ۾ دنيا جي نقشي تي اُڀريو تہ پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جي چيئرمين سنڌ واسي ذوالفقار اُڀريو جنهن اولهہ پاڪستان جي چونڊن ۾ اڪثريت ماڻي آئيني، جمهوري، اسلامي ۽ ايٽمي طاقت ٺاهي يارت ڪي اهڙو منجهائي ڇڏيو جو ايٽمي پاڪستان تي پنهنجي سگهہ ۽ ساک وڃائي. وري پوءِ ڊرائنگ روم سياست ڪي عوامي سياست ۾ بدلي قائد عوام جو لقب ماڻيو. هو جهنگن جهرن ۽ ڳوٺن ۾ ڪاهي پيو عوام سان ويجهو ٿيو سنڌي تہ سنڌي، سرائيڪي تہ سرائيڪي، پنجابي تہ پنجابي، اردو تہ اردو، انگريز تہ انگريزي هُو سڀ سان ڪيرڪنڊ ٿي ويندو هو. هن ايشيا، آفريقا، عرب دنيا، آمريڪا، يورپ ڪي ڪير ماڪي ٽيڻ لاءِ پرڏيهي لاڳاپا وڌايا جنهن ۾ آئين پاڪستان لاءِ هُن



سر سيد احمد خان ۽ پيا



سپ کان سگهاري پاڙيسري چين سان اهڙي هماليه کان مضبوط دوستي جوڙي جنهن جو ميوو اڄ سي پيڪ جي صورت ۾ اسين شاهه درياهه سنڌ جا پياڪ ماڻي رهيا آهيون. ان ريت فخر ايشيا جي پد تي پهچو جنهن کانپوءِ سندس نياڻي شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي سياسي ڪريڊٽ ۾ عورتن کي خودمختياري ۽ مانُ ڏيڻ شان هو جو اڄ اسين فيس بوڪ، ٽوئيٽر (هاڻ ايڪس)، ٽڪ ٽاڪ، انسٽاگرام ۽ يوٽيوب تي ڏسي ڏندين آڱريون اچيو وڃن. واهه ڙي نينگري! توکي ڏسان- ڀاڻ کي ڏسان، ڇا ڇا ڪيان!؟

سنڌ ٽيڪ جنريشن بوائز اينڊ گرلز سنڌ راڻي شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي سوڪڙي آهي. پاڪ ٽيڪ جنريشن کي ڏسي پاڪستان مُرڪي پيو ۽ اُها ماءُ جهڙي بي نظير وطن جي مٽيءَ کي چمي شهيد ٿي وئي ته سندس ور سابق صدر آصف علي زرداريءَ ”پاڪستان کپي“ چئي هڪ پيرو ٻيهر صلح صفائي، مصلحت ۽ دانش منديءَ واري سياست کي متعارف ڪرائيندي ايران جهڙي سگهاري ملڪ سان لاڳاپا وڌائيندي ايران سعودي عرب کي هڪٻئي جو پرجهلو ڪري اسلامي رواداري ۽ عالمي باهمي احترام واري سياست کي ڪٽندي شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي پُٽ بلاول ڀٽو زرداري کي پرڏيهي وزير جي پد تي پهچائي سنڌ، پنجاب، خيبرپختونخواهه، بلوچستان، گلت بلتستان ۽ ڪشمير کي زنجير ۾ اهڙو پوئيو جو ايڪي ۽ اتحاد جو نئون مثال قائم ٿيو. هاڻي اسان سنڌ واسي فخر سان چئي سگهون ٿا ته:

نئين صدي ڊجيٽل اسمارٽ ايجوڪيشن هيلٿ سنڌ جي هوندي جنهن هر وار مهمان نوازيءَ جو حق پنهنجي وت وس کان وڌيڪ نڀايو آهي. پاڪستان اسان جي آبرو ۽ هي لساني، مذهبي، ثقافتي رنگ قدرت جوڙيا آهن ته پوءِ چو نه گڏجي چئون:

هن پرچم جي ڇانوَ هيٺان
اسين سپ هڪ آهيون.

# ٻه قومي نظريو: پاڪستان جي اساس

سليم انور عباسي

جنهن نظرئي جي اساس تي پاڪستان جو وجود عمل ۾ آيو، تنهن کي ٻه قومي نظرئيو چيو ويندو آهي، جنهن پٽاندڙ زبان، تهذيب ۽ مذهب جي لحاظ کان ننڍي کنڊ ۾ ٻه قومون هندو ۽ مسلمان رهن ٿيون، جن جون ريتون، رسمون ۽ رواج بنهه هڪٻئي کان ڌار آهن. انهيءَ بنياد تي هندوستان جي مسلمانن مطالبو ڪيو ته اڪثريتي مسلم علائقن کي آزاد حيثيت ڏيندي ڪين قانوني ۽ آئيني حيثيت ڏني وڃي. ساڳئي نظرئي تي هندوسان جي مسلم اڪثريتي علائقن خاص طور اوير بنگال، يوپي ۽ سي پي مان تحريڪ پاڪستان شروع ٿي ۽ ڏسندي ڏسندي سنڌ، پنجاب، بلوچستان، سرحد (خيبر پختونخوا)، فاٽا، گلگت بلتستان ۽ ڪشمير جي مسلم اڪثريتي علائقن ۾ تحريڪ پاڪستان زور ورتو انهيءَ ڪري ان کي نظريه پاڪستان جي نالي سان ٻه سڏيو ويندو آهي.

هن نظرئي جون پاڙون ان وقت کان جڙيل آهن جڏهن مسلمان علماء ۽ صوفي سڳورا ۽ حڪمران هندوستان ۾ پهريون پيرو آيا. جهڙوڪ حضرت داتا گنج بخش، خواجه معين الدين چشتي اجميري، نظام الدين اولياءَ، حضرت بهاءُ الدين زڪريا، لعل شهباز قلندر ۽ محمد بن قاسم جن هتي اچي اسلام جي تبليغ ڪئي . ڏسندي ڏسندي ننڍي ذات وارا اڇوت ۽ دلت اسلام جي امن ۽ سلامتي جي دائري ۾ آيا. هندوستان ۾ برطانوي راڄ 1857ع ۾ قائم ٿيو جنهن جي مسلمانن ڪليل لفظن ۾ مخالفت ڪئي ته ان عوامي انقلاب کي ايسٽ انڊيا ڪمپني طاقت جي ٻل سان ختم ڪيو ته سر سيد احمد خان پهريون ماهر تعليم ٿي اڀريو جنهن هندوستان جي مسلمانن ۾ انگريزي تعليم جو بنياد وجهندي علي ڳڙهه ڪاليج وسيلي شعور پيدا ڪيو ته هاڻ برطانوي راڄ واري گڏيل هندوستان ۾ هڪ ماڻهو هڪ ووٽ ۽ اڪثريتي بنياد تي حڪومت ڪرڻ واري جمهوري پارليماني سرشتي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ انگريزي تعليم ۽ قانون کي سمجهڻو پوندو. ان

ڪانپوءِ ئي علي ڳڙهه محمڊن ڪيڊر پيدا ٿيو ۽ مسلم ايجوڪيشن جي دنيا ۾ انقلاب آيو ۽ سنڌ ۾ حسن علي آفندي سنڌ مرسة الاسلام جي پيڙهه وڌي، جتان جي شاگرد سنڌ واسي قائد اعظم محمد علي جناح ميٽرڪ جي تعليم ڪانپوءِ لنڊن ۾ قانون جي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ بمبئي ريزيڊنسي جي ناميارو وڪيل طور هندو مسلم اتحاد جي علامت بڻيو ۽ پوءِ خالص قانوني ويڙهه سان پاڪستان جهڙي سوکڙي اسان کي عطا ڪئي، جنهن بابت قائد اعظم مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهه ۾ 8 مارچ 1944ع جي ڪونايل گڏجاڻي ۾ چيو "پاڪستان ان ئي ڏينهن وجود ۾ اچي چڪو هو جڏهن هندوستان ۾ پهرين هندو ۽ اسلام قبوليو هو." اها ان زماني جي ڳالهه آهي جڏهن هتي مسلمانن جي حڪومت قائم ئي نه ٿي هئي . مسلمانن جي قوميت جو بنياد ڪلمو توحيد آهي. نه ڪي وطن ۽ نه ڪو نسل، هندوستان جو پهريون شخص جڏهن مسلمان ٿيو ته اهو پهرين قوم جو شخص نه رهيو. هو

> پاڪستان ان ئي ڏينهن وجود ۾ اچي چڪو هو جڏهن هندوستان ۾ پهرين هندو ۽ اسلام قبوليو هو." اها ان زماني جي ڳالهه آهي جڏهن هتي مسلمانن جي حڪومت قائم ئي نه ٿي هئي . مسلمانن جي قوميت جو بنياد ڪلمو توحيد آهي، نه ڪي وطن ۽ نه ڪو نسل، هندوستان جو پهريون شخص جڏهن مسلمان ٿيو ته اهو پهرين قوم جو شخص نه رهيو. هو هڪ ڌار قوم جو فرد ٿي ويو ، هندوستان ۾ هڪ نئين قوم وجود ۾ اچي وئي.

هڪ ڌار قوم جو فرد ٿي ويو. هندستان ۾ هڪ نئين قوم وجود ۾ اچي وئي.

عام طور تي ماڻهو ٻه قومي نظرئي جي آغاز کي "قرارداد لاهور" سان منسوب ڪندا آهن. اهو سمجهڻ ته ان کان اڳ مسلمانن پنهنجي ڌار رياست جو خواب ڪڏهن نه ڏٺو هو تاريخ هندستان جي بگاڙ برابر آهي. ٻه قومي نظريو 1940ع جي "لاهور ٺاهه" منجهان پاڻ هر تو اوچتو پڌرو نه ٿيو هو. ان جي تاريخ ايتري پراڻي آهي جيتري هندستاني مسلمانن جي تاريخ ــ هي خيال ته ٻه قومي نظرئي جي بنياد تي هندستان ۾ ڌار وطن حاصل هئڻ گهرجي. باقاعده طور مسلمانن جي صدين جي گڏيل، تهذيبي، سياسي ۽ اقتصادي ويڙهه دوران هوريان هوريان نسرجي هڪ اٽڪر گهرج طور سامهون آيو. آخرڪار هڪ نوس جامع ۽ عمل جوڳي شڪل ۾ "لاهور ٺاهه" جي صورت ۾ سامهون آيو. ٻه قومي نظرئي جي تاريخي ارتقاءَ پس منظر جون ڪجهه جهلڪيون پيش ڪجن ٿيون.

711ع: محمد بن قاسم جي قيادت ۾ هندستان ۾ مسلمانن جي گڏيل آمد ــ سنڌ باب الاسلام جي لقب سان معروف ٿيو.

1600ع کان 1857ع: مغل سلطنت جي زوال کان پوءِ اهڙيون شخصيتون ۽ تحريڪون ابري آيون جن جو مقصد اسلام جي نئين جاڳرتا هو. انهن ۾ پهرين قطار ۾ بيٺل نامور فاضل، ڏاها، عالم هئا، مجدد الف ثاني (وفات 1625ع) ، شاه ولي الله (وفات 1762ع)، ٽيپو سلطان (وفات 1799ع)، سيد احمد شهيد (وفات 1831ع)

1857ع: پهرين جنگ آزادي، ڪليل انقلاب، "ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کي ننڍي کنڊ ۾ سياسي اقتدار ڄمائڻ جي اجازت نه ڏني وڃي."

1858ع: جان برائٽ برطانوي پارليامنٽ ۾ هڪ بل تي بحث ڪندي چيو، "هندستان جهڙي وشال ملڪ ۾ جتي مختلف قومون ۽ زبانون آهن، هڪ متحد ۽ سگهاري سلطنت قائم نٿي ڪري سگهجي. هڪ نه هڪ ڏينهن پنج ڇهه وڏا صوبا آخر ڪار مڪمل اختيارن سان آزاد مملڪت ٿي ويندا."

1879ع: جمال الدين افغاني هڪ اهڙي اسلامي جمهوريه قائم ڪرڻ جي تجويز ڏني جنهن ۾ وچ ايشيا جا اسلامي ملڪ، افغانستان، ننڍي کنڊ جا مسلم اڪثريتي علائقا شامل هجن.

1883ع: سر سيد احمد خان چيو "هندستان هڪ ملڪ ناهي، هيءُ وڏو کنڊ آهي ۽ هتي مختلف نسلن ۽ مختلف روايتن





قائد اعظم محمد علي جناح ۽ گانڌي

جا ماڻهو آباد آهن.“ سر سيد 1867ع ۾ ٺئي چٽي طور چئي ڇڏيو هو تہ هتي ٻہ وڏيون قومون آهن: هندو ۽ مسلمان.

1883ع: ڊبليو ايس بلنٽ چيو ”هندوستان کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو وڃي، اترئين حصي تي مسلمانن جي حڪومت هجي ۽ ڏاکڻين علائقي تي هندن جي.“

1884ع: سرجان اسٽريچي چيو: ”هندوستان نہ هڪ آهي نہ ئي ڪڏهن هڪ هو_ برطانوي راڄ سان جيڪو اتحاد جوڙيو ويو آهي، اهو هٿرادو آهي ۽ ان سان ڪڏهن بہ هڪ متحده قوميت جنم وٺي نہ سگهندي.“

1890ع: مولانا عبد الحيلم شرر چيو تہ ”سٺو لڳندو تہ هندوستان کي هندو ۽ مسلمان صوبن ۾ ورهائي، آبادي جي ڏي وٺ ۽ مٽا سٽا ڪئي وڃي.“

1899ع: ٿيوڊور مارسين چيو: ”مسلمان پاڻ کي هندوستاني تصور ناهن ڪندا، آزاد متحده هندوستان جو قيام ناممڪن آهي، مسلمانن ۾ هڪ متحد قوم هئڻ جون سموريون خوبيون آهن سواءِ علائقي جي.“

1905ع: اڪبر الهہ آبادي چيو ”هندوستان جو اترين جمنا وارو علائقو مسلمانن کي ڏئي ڇڏڻ گهرجي.“

1911ع: مولانا محمد علي جوهر چيو ”اسين گڏيل هندوستان تي يقين نٿا رکون، اها هڪ سهولت جي نشاندهي آهي جا باوقار طريقي سان ٿي سگهي ٿي ۽ ان کي باوقار انداز ۾ ئي برقرار رکي سگهجي ٿو، ان کي حقير تصور نٿو ڪري سگهجي.“

1912ع: روسي اڳواڻ جوزف اسٽالن چيو ”هندوستان جي مونجهاري ۾ بہ اهوئي آهي تہ هو بہ وچولي طبقي جي ترقيءَ سان گڏ اڪيچار قوميتن ۾ ورهائجي ويندو.“

1915ع: ڪيمبرج يونيورسٽي جي شاگرد چوڌري رحمت علي چيو تہ ”اتر هندوستان کي ڏار مسلم مملڪت ۾ تبديل ڪري ان جو نالو پاڪستان رکيو وڃي.“

1917ع: لارڊ ڪرزن چيو ”هندوستان ڪڏهن بہ واحد ، خودمختار ملڪ نٿو ٿي سگهي، ورهاست جا امڪان پڌرا آهن.“

1917ع: خيري برادران چيو ”هندوستان جي ورهاست انڊيا ۽ مسلم انڊيا جي بنياد تي هجڻ گهرجي.“

1917ع: ايس مانٽيگو چيو ”هندوستان جو انت خودمختار ملڪ يا صوبن تي ٿيندو.“

1919ع: بيني پرشاد چيو ”هندوستان جي اتر اولهہ ۾ ڪجهہ مسلمان

اسلامي رياست جي تصور کي اپائي رهيا آهن.“

1921ع: مولانا حسرت موهاني چيو ”مسلم اڪثريتي صوبن کي مسلم رياستن ۾ ۽ هندو اڪثريتي صوبن کي هندو رياستن ۾ تبديل ڪيو وڃي.“

1923ع: ڀائي پرمانند چيو ”هندوستان کي ان ريت ورهائي سگهجي ٿو ته هڪ خطي ۾ اسلام کي برتري حاصل هجي ۽ ٻي خطي ۾ هندومت کي.“

1924ع: لالا جيت راءِ چيو ”مسلمانن کي اتر اولهه سرحدي صوبو اولهه پنجاب، سنڌ ۽ اتر بنگال ڏنو وڃي.“

1928ع: نهرو رپورٽ جي منظوري تي قائد اعظم ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو ”هي راهن جي ڌار ٿيڻ جي گهڙي آهي.“

1930ع: علامه اقبال خطبه الهه آباد ۾ چيو ”چڱو ٿيندو ته پنجاب، اتر اولهه سرحدي صوبي، سنڌ ۽ بلوچستان کي ملائي هڪ مملڪت ٺاهي وڃي جا سلطنت برطانيه اندر يا ٻاهر حڪومت خود اختياري رکندي هجي.“

1938ع: سنڌ مسلم ليگ پاڪستان جي حق ۾ ٺهراءُ منظور ڪندي چيو ”هندوستان کي مسلم وفاق ۽ هندو وفاق ۾ ورهايو وڃي.“

23 مارچ 1940ع: لاهور ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي ساليانې گڏجاڻي ۾ قائد اعظم نه رڳو پاڪستان نالي آزاد مسلم رياست جو مطالبو ڪيو پر مسلمان ۽ هندو ٻه قومي نظرئي جي چٽي وضاحت ڪندي ڪليل پنڊال ۾ صدارتي خطاب ڪندي چيو:

”سمجھ ۾ نٿو اچي ته اسان جا هندو دوست اسلام ۽ هندو مت جي فرق ۽ ڌار نوعيت کي سمجهڻ کان ڇو قاصر رهندا آهن. اسلام ۽ هندو ڌرم رڳو مذهب ناهن پر مختلف ۽ جداگانه معاشرتي نظام آهن. اهو رڳو هڪ خواب آهي ته هندو ۽ مسلمان ڪڏهن ملي ڪري هڪ گڏيل قوميت تخليق ڪري سگهندا. متحده هندوستاني قوم جو تصور حد کان وڌيڪ ٿي ويو آهي. اهو ئي اسان جي ڪيترن ئي مونجهارن ۽ مسئلن جي اصل جڙ آهي. جيڪڏهن اسان بروقت پنهنجي تصورن نظرين ۾ اصلاح نه ڪئي ته هندوستان تباهه ٿي ويندو. هندو ۽ مسلمان مختلف مذهبن، فلسفن، معاشرتي نظام ۽ ادب آرٽ ۽ ثقافت سان تعلق رکن ٿا. هي هڪ ٻئي شيءِ سان شادي وهانءُ نه ڪندا آهن، نه ئي هڪ دسترخوان تي کائيندا آهن. بلاشڪ اهي مختلف تهذيبن سان تعلق رکن ٿا جن جو بنياد اهڙن نظرين تي آهي جيڪي هڪٻئي جي خلاف آهن بلڪ اڪثر جنگ جدل ۾ رهندا آهن. سندن نظريه حيات مختلف آهن. اها واضح حقيقت آهي ته هندو ۽ مسلمان پنهنجون پنهنجون تمنائون ۽ آرزوئون تاريخ مختلف، سندن هيروز مختلف، سندن لوڪ قصا ڪهاڻيون مختلف، اڪثر اوقات هڪ قوم جو هيرو ٻئي قوم جو دشمن هوندو آهي. هڪ قوم جي سوڀ ٻئي قوم جي مات هوندي آهي. اهڙين ٻن ڌار قومن کي هڪ ئي رياست هيٺ زبردستي متحد ڪرڻ سان جڏهن ته عددي اڪثريت ۽ اقليت جو به ڇڱو فرق آهي، لازمي طور بي اطميناني پيدا ٿيندي ۽ هر اهو آئيني ڍانچو آخر ڪار پٽ پوندو جو اهڙو رياست لاءِ جوڙيو ويندو.“

هندوستان جي اڪثريتي مسلم علائقن پوءِ هڪ آواز ٿي ڌار وطن پاڪستان جي گهر ڪئي 1946ع جي عام چونڊن ۾ قائد اعظم جي قيادت ۾ مسلم سيٽن تي مرڪزي اسيمبليءَ ۾ 100 سيڪڙو مسلم ليگي اميدوارن سوڀ ماڻي پر ڪانگريس ڪنهن به صورت ٺاهه ۾ نه آئي ته 3 جون 1947ع تي وائسراءِ هند لارڊ مائونٽ بيٽن آل انڊيا مسلم ريڊيو تي قيام پاڪستان جو اعلان ڪيو ۽ 14 ۽ 15 آگسٽ 1947ع جي اڌ رات ڏاري 27 رمضان المبارڪ 1366هه جمعة المبارڪ جي ڏهاڙي ليلة القدر جي مقدس ساعت ۾ اسلامي جمهوريه پاڪستان جو قيام عمل ۾ آيو. هڪ اهڙي عظيم مرتبي واري رات جڏهن الله تعالي سڄي عالم جي رحمت، فلاح لاءِ پنهنجو ڪلام قرآن شريف نازل فرمايو. جنهن بابت ارشاد آهي ته ”هي رات هزار مهينن کان افضل آهي ۽ سڀني مهينن کان افضل آهي“. جنهن بابت پاڪ سڳورا فرمائن ٿا ”رمضان الله تعالي جو مهينو آهي، جڏهن ته جمعو سڀ کان افضل ترين ڏينهن آهي.“ ان ريت قائد اعظم جو ٻه قومي نظرئي پٽاندڙ آزاد خودمختيار پاڪستان جي خواب کي تعبير جي صورت ۾ آندو.

# شاھ جو رسالو: سنڌي ٻوليءَ جو ضرب خانو

اقبال جاکرو

موهن جو دڙو ۽ سنڌي زبان، سنڌ جي سڃاڻپ جا ٻه اهم حوالا ۽ علامتون آهن. جڏهن ته شاھ عبداللطيف ڀٽائي، سنڌ ۽ سنڌيت جو ٽيون اهم حوالو ۽ اهڃاڻ آهي.

شاھ جي ڪلام ۾ ڪٿي چئجي ته انهيءَ ۾ هر رطب ويابس (سڪي ۽ سائي) جو ذڪر به موجود آهي ته غلط نه ٿيندو. شاھ جي رسالي ۾ فلسفي ۽ دين ڌرم جي اپٽار به آهي، ته وري فن جو به اذڪار آهي، فنڪارن جو، تعليم، وڻج واپار (ڪميونيڪيشن/مواصلات سميت)، بابت افڪار به، گهر ٻار جو به مذڪور آهي ته وندر ورونهن بابت ويچار موجود آهن، صحت جي به گفتار آهي ته وري مريضن ۽ ويڄن ۽ ڪويڄن جي پچار به، باغن بستانن جو پرچار آهي ته وري رڻ پٽن ۽ رڃن ريگستانن جو به، جانورن جو به ته وري پکي پکڻ جو ۽ جيت جڻين توڙي نانگن بلائن جو به، دنياوي لڳ لاڳاپن جو به ته وري روحاني (جذباتي ۽ نفسياتي) مامن ۽ معاملن جو به، مطلب ته شاھ جي ٽيهن معلوم سرن ۾ دنيا جي اٽڪل هر موضوع کي سمويو ويو آهي، جنهن ڪري اسان کي شاھ جي رسالي مان ڪنهن به قسم جي ٽرمنالاجيءَ لاءِ گهڻي ساري رهنمائي ملي سگهي ٿي. ضرورت صرف تحقيق ۽ مطالعي جي آهي.




شاه لطيف جيڪو نسلاً عرب ۽ اصلاً افغاني (هراتي) هو پر پاڻ هميشه سنڌي هئڻ تي فخر ڪيائين. هو نه پنهنجن وڏڙن جي ملڪ عربستان ويو ۽ نه ئي ڪيس پنهنجي پراڻي سرڪاري درٻاري ٻولي فارسي ۾ ڪا دلچسپي هئي. جيتوڻيڪ سندس وقت ۾ فارسي سرڪاري درٻاري زبان هئي ۽ جيتوڻيڪ هو انهي زبان کان پلي پٽ واقف به لکندو پڙهندو ۽ ڳالهائيندو به هو پر تنهن هوندي به هن وڏي واڪ چئي ڏنو ته:

جَي تون سکيو فارسي ، گولو توءِ غلام؛
جو ٻَڌو ٻِن ڳالهئين، سو ڪيئن چائي ڄامُ
اُڃيو تان آب گهري ، بکيو تان طعام؛
عَامن سَندو عام ، خاصن منجهان نه ٿئي.

”شاه عبداللطيف ڀٽائي 1689ع ( 1101هجري) ۾ حيدرآباد ضلع جي هالا تعلقي ۾، هالا حويلي ڳوٺ ۾ ڄائو. ۽ 1752ع ( 1166 هجري) ۾ لاڏاڻو ڪيائين پاڻ ڀٽ شاه ۾ آرامي آهي.

شاه عبداللطيف، سيد حبيب الله جو پُٽ، سيد عبدالقدوس شاه جو پوٽو ۽ سيد جمال شاه جو پڙپوٽو هو. سيد جمال شاه، شاه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو ٽيون پُٽ هو. ڀٽائي ماءُ پيءُ ٻنهي طرفان سيد هو. سندس ماءُ مخدوم دياني جي خاندان مان هئي. سندس ڄمڻ کان ٿوروئي پوءِ، شاه حبيب، هالا حويليءَ مان لڏي، وڃي ڪوٽڙي وسائي.

”شاھ صاحب جو تعلق سنڌ جي مٽياري سيدن [متعلوي ساداتن] جي ڪريم پوٽا خاندان سان آهي.“

”ڪريم پوٽا“ اصل ۾ مٽياري ساداتن جي وڏي پاڙي ”جراڙ پوٽا“ جي شاخ آهن. جراڙ پوٽا هن خاندان جي وڏي سيد جراڙ يعني سيد جلال جي نالي سان سڏجن ٿا، جيڪو سيد شرف الدين جو پٽ هو. ان ڪري جراڙ پوٽا سادات ’شرف پوٽا‘ به سڏبا آهن. مٽياري سيدن جو وڏو ڏاڏو سيد مير علي هراتي هو. شاھ صاحب جو خانداني شجرو هن ريت بيان ڪيو ويو آهي:

شاھ عبداللطيف پٽ شاھ حبيب

پٽ سيد عبدالقدوس پٽ جمال شاهه پٽ عبدالڪريم شاهه پٽ سيد لعل محمد شاهه پٽ سيد عبدالمومن شاهه پٽ سيد هاشم پٽ سيد حاجي شاهه پٽ سيد جلال محمد عرف جراڙ شاهه پٽ سيد شرف الدين پٽ سيد مير علي شاهه پٽ سيد حيدر شاهه پٽ سيد مير علي شاهه هراتي پٽ سيد محمد شاهه شيرازي پٽ سيد حسن شاهه پٽ سيد علي پٽ سيد يوسف شاهه پٽ سيد حسين شيرازي پٽ سيد ابراهيم شاهه پٽ سيد علي جَواري پٽ سيد حسين الاڪبري شيرازي پٽ سيد جعفر شاهه پٽ حضرت امام موسيٰ ڪاظم عليه السلام.

شاهه لطيف جو شجرو حضرت امام موسيٰ ڪاظم عليه السلام سان ملي ٿو. انهيءَ ڪري پاڻ "ڪاظمي سيد" پڻ سڏجن ٿا.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي فرقي پرستيءَ کان پري هو. سندس ڪلام ۾ اسان کي چئن يارن يعني خلفاءِ راشدين رضوان عليهم جن جو به ذڪر ملي ٿو ته وري حضرت علي رضي الله عنه جي حوالي سان هڪ پورو سر ڪيڏارو به سندس ئي رسالي جي سونهن آهي. جڏهن ته سندن ڪيترن ئي سرن ۾ هنڌ هنڌ تي هندو سامين ۽ جوڳين جو ذڪر به ادب ۽ احترام، محبت ۽ مان سان ملي ٿو ته وري سندس ڪلام جا ڪيترائي ڪردار هندو پڻ آهن. هتي مارئي سميت ڪيترائي نالا ڳڻائي سگهجن ٿا.

شاهه سائين جي ٻين ڪوڙ سارين خوبين مان هڪ اهم خوبي اها به آهي ته اسان کي سندس رسالي ۾ نه صرف سنڌ جا مختلف لهجا ملن ٿا پر سندس ڪلام ۾ اسان کي ضرورت آهر هندي، سنسڪرت ۽ عربي توڙي فارسي ۽ بلوچي زبانن جا لفظ به جام ملن ٿا. سندس ڪلام موجوده سنڌ توڙي انهيءَ کان ٻاهر پاڪستان جي مختلف علائقن ۾ هندستان وارن سنڌين لاءِ اجنبي نه آهي. راقم کي ياد آهي ته گهڻو وقت اڳ جڏهن جو پنهنجي مامي کي پرڻائڻ لس ٻيلي ويو هو ته اتان جي هڪ رهواسي دوست دعويٰ ڪئي ته شاهه جو رسالو ته اصل آهي ئي لاسي لهجي ۾. پر ڳالهه رڳو ايتري آهي ته شاهه جو ڪلام سمورن سنڌين جي دل وٽان آهي تنهن ڪري هر ڪو سنڌي ان کي پنهنجو لهجو ۽ پنهنجو ڪلام ۽ پنهنجوئي شاعر سمجهي ٿو.

شاهه جي رسالي جي پهرئين سر ڪلياڻ جو نالو جيتوڻيڪ سنسڪرت زبان مان ورتل آهي پر انهي سر ۾ عربي ۽ فارسي لفظ به ڪمال خوبيءَ سان استعمال ڪيا ويا آهن، واضح رهي ته لفظ ڪلياڻ جي معنيٰ سک ۽ ڇوٽڪارو آهي. سر ڪلياڻ جنهن ۾ الله سائين جي حمد ۽ رسول الله جي نعت بيان ڪئي وئي آهي، سچ پچ تي من کي سک ۽ سڪون بخشي ٿو:

هي بيت ڏسو:

اَول الله عَلِيمُ، اعليٰ، عالَمَ جو ڌَڻِي؛
قادِرُ پنهنجي قُدرت سين، قائم آهِ قديم؛
والي، واحِدُ، وَحدَ، رازق، رَبُ رَحِيم؛
سو ساراهه سچو ڌڻي، چئِي حَمدُ حَڪِيم؛
ڪري پاڻ ڪَرِيمُ، جوڙُون جوڙَ جهانَ جِي.

هن بيت ۾ عربي ۽ نيٺ سنڌي لفظن کي ڪيئن نه پاڻ ۾ ٺهڪائي ۽ ٺاهي ٺوڪي پيش ڪيو ويو آهي. ڪو به عربي لفظ نه اوپرو ٿو لڳي نه انوکو. هڪ ڌاري ٻوليءَ جا لفظ اول، الله، عليم، اعليٰ، عالم، قادر، قدرت، قائم ۽ قديم وغيره سنڌي ٻولي ۽ شاهه جي ڪلام ۾ بنهه نيٺ سنڌي لفظن جيان سمائجي ويا آهن ۽ سيبائي رهيا آهن. ۽ سنڌي زبان جي سونهن ۽ سوڀيا جي سرسيءَ جو سبب بنجي رهيا آهن.

انهي ريت سر ڪلياڻ جي ٻئي بيت ۾ئي آهي ته:

وَحدَهٗ لا شَرِيڪَ لَہٗ، جن اُتو سين ايمانَ؛
تن مڃيو مُحمّدُ ڪارَڻِي، قَلبَ ساڻ لِسانَ؛
اُوءِ فائِقَ ۾ فَرمان، اَوَتڙِ ڪنهن نه اوليا.

اتي به ايمان سان اُتل، وحده لاشريڪ لہٗ قلب ۽ لسان سان مڃيل محمد ڪارڻي جهڙن لفظن جي استعمال جو نه جواب آهي نه مثال. انهيءَ بيت جي مدد سان قارئين محمد صلي الله عليه وسلم جي محمودي مقام کي بنهه آسانيءَ سان سمجهي سگهجن ٿا ۽ انهن کي سمجهڻ کان پوءِ ڪو به خدائي فرمان کان ٽڙي اوتڙ نٿو وڃي سگهي. ٻِلي پٽ ڪي نٿو سگهي ۽ ڪمال جي ڳالهه ته اتو اوتڙ ۽ ڪارڻيءَ جهڙا لفظ عربي اصطلاحن ۽ لفظن سان نه صرف ٺهڪي آيا آهن پر پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ هڪ عجيب عشرت ۽ هڪ لطيف لطف پيا ڏين.

انهيءَ کان پوءِ سر يمن ڪلياڻ ۾ به انهيءَ قسم جو امتزاج جتي ڪٿي ڏسڻ ۾ اچي ٿو:

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دارُون کي دَردَنِ؛
تون ڏِئين، تون لاهئين، ڏاتَرَا! کي ڏُکندَنِ؛
تڏهين ڦَڪِيُون فَرَقُ ڪن، جڏهين اَمرُ ڪريواُنِ کي.
(داستان ۽ بيت:1)

هن بيت ۾ عربي فارسي ۽ نيٺ سنڌي لفظن جي جڙت تمام وڻندڙ آهي. خاص، ڪري ڦڪيون ۽ فرق جو استعمال هڪ سنڌي پڙهندڙ لاءِ ف ۽ ڦ جي فرق ۽ استعمال کي خوبيءَ سان واضح ڪري ڏيکاري ٿو. جڏهن ته الله تعاليٰ لاءِ استعمال ٿيل لفظ ڏاتر به پنهنجي تقدس ۽ وقار جو برملا اظهار ڪري ٿو.

شاهه جي رسالي ۾ انهن عربي فارسي لفظن جو استعمال ان ڳالهه به واضح ڪري ٿو ته سنڌي هڪ لچڪدار ۽ شاهوڪار زبان



آهي جيڪا نہ صرف پنهنجا ڪوڙ سارو لفظي خزانو رکي پر اها مختلف ڏيهي ۽ پرڏيهي ٻولين جي لفظن کي بہ پنهنجي پلاند ۾ خوبي سان سمائي ۽ سيبائي سگهي ٿي.

ڪن پڙهندڙن طرفان سنڌيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ هر عربي، فارسي يا هندي لفظ تي اهو اعتراض اٿارڻ تہ ”اهو تہ اردوءَ جو لفظ آهي“ هڪ اجايو ۽ اڻنگو اعتراض آهي. حقيت ۾ اردوءَ ۾ استعمال ٿيندڙ سمورا عربي فارسي لفظ سنڌي ۾ شموليت کان پوءِ باب الاسلام مان ٿيندا باقي هندستاني زبانن ڏانهن ويا آهن.

ڀٽائي جي ضرب خاني شاھ جي رسالي ۾ ئي سر يمن ڪلياڻ جي ڇهين ڀيت کي ڏسو:

سَگَهنِ سُڌِ نہ سُورَ جِي، گهايَلَ ڪيئن گهارِين؛<br>
پِيَلَ پاسو پَٽَ تان، واڍوڙَ نہ وارِين؛<br>
ٻَرِ ۾ ٻَچَنِ ٻِرينءَ لَئي، هئي! هنجُون هارِين؛<br>
سَجَڻُ جي سارِين، تن رويو وِهامي راتڙي.

هي بيت جنهن ۾ عاشقن جي حالت زار مختصر، جامع ۽ مصورانہ (فوٽوگرافڪ) انداز ۾ بيان ڪيل آهي، انهيءَ بيت ۾ گهڻوڪري ٺيٺ سنڌي لفظ ئي ڪم آيل آهن. جهڙوڪر سگهن، سور، گهارين، واڍوڙ سڄڻ، سارين، وهامي وغيره. جڏهن تہ گهايل هندي لفظ آهي. پر جيئن عربي فارسي لفظن وارا بيت موهيندڙ ۽ منديندڙ آهن ائين ئي نج سنڌي لفظن جي موتين سان پوپل هي بيت بہ دلربا ۽ دلڪش آهي. انهي ۾ سر سنگيت جون سموريون خوبيون بہ سمايل آهن تہ وري ٻوليءَ جي سونهن ۽ سوڀيا سان بہ جهنجهيل آهي. اهم ڳالھ اها آهي تہ شاھ سائين پنهنجي ڪلام ۾ ڪي بہ لفظ زوري نہ ٺنبيا آهن پر بيت جي ضرورت ۽ تقاضا مطابق ئي سٽ سٽ ۾ لفظن جا موتي پوئيا اٿس. لفظن جون لڙهيون ۽ لارون جوڙيون اٿس.

اهي سمورا لفظ ڪنهن اهڙي شخص لاءِ تہ انوکا ۽ اوپرا ٿي سگهن ٿا جيڪو سنڌيءَ ٻولي جي مطالعي کان محروم ۽ پيار کان پالهو آهي پر هڪ سنڌي زبان جي قاري ۽ محبتيءَ لاءِ هر هر سٽ ۾ ۽ هڪ هڪ لفظ ۾ معنائن جو مهراڻ موجون ماري رهيو آهي.

سر ڪنڀات جو نائون بيت تہ محبوب جي سونهن ۽ سوڀيا جو شايد دنيا ساريءَ ۾ مختصر ترين ۽ جامع ترين ئي نہ پر پر اثر ۽ پرلطف بيان آهي:

ڪَٽِي نيڻَ خُمارَ مان، جان ڪيائون نازُ نَظَرُ؛<br>
سُورجَ شاخُون جَهڪِيُون، ڪُوماڻو قَمَرُ؛<br>
تارا ڳَتِيُون تائِب ٿيا، ديکِيندي دِلبَرُ؛<br>
جَهڪو ٿيو جَوهَرُ، جانِبَ جي جَمالَ سين.

هڪ ئي بيت ۾ سورج هندي، قمر عربي، ۽ تارا ڪتيون سنڌي ۽ جوهر عربي سڀ ڳڏائي پيش ڪجن تہ بيت ڪيڏو نہ روشن ڪيڏو نہ اجرو ٿي بيٺو آهي! هن بيت

جي ست ست تجلا ڏئي ٿي، جرڪي ٿي. اڪر اڪر اکين کي ڪيرو ٿو ڪري، ۽ جانب جي جمال ۽ سنڌس سونهن ۽ سوڀيا جي ساڃاهه ڪن پل ۾ ٿو ڪرائي.

اهڙي سهڻي ۽ سوڀياوان پرين کي پسي دل ۾ هڪ ئي خواهش ابري ٿي:

اَکِيُنِ ۾ ٿِي ويهه، تہ آءٌ واري ڍَڪِيان،
توکي ڏِسي نہ ڏيهه، آئُون نہ پَسان ڪِي پِيو.
*(آسا داستان 3 بيت 6)*

ساڳي سر جي ٻئي داستان جي 12هين ۽ آخري بيت ۾ ان کان اڳ عاشق کي صلاح ڏني اٿس تہ:

اَکِيُون سي ئِي ڏارِ، جِنِ سان پَسِين پِرِينءَ کي،
ٻِئي ڏانهن ڪِيمَ نهارِ، گهڻو ريسارا سُپِرِين.

سر ڪنيات جي داستان پهرئين بيت 5 ۾ ئي آهي تہ:

چوڏهِينءَ چَنڊ! تون اُڀرين، سهسين ڪِرڻين سينگار،
پَلڪَ پرِيان جي نہ پڙين، جي جِيلَنِ ڪِرڻين هزار،
جهڙو تون سڀ ڄمار، تهڙو دَمُ دوست جو.

لفظ نہ آهن پر بيت ۾ شاعريءَ جي افق تي تشبيهن جا تارا ۽ استعارن جا آسماني پنڌ آهن جي جذبن جي جهان کي جرڪايو ۽ اندر جي اڱڻ کي چرڪايو ٿا ڇڏين.

آئنسٽائن کان پڇيو ويو تہ ”نظريہ اضافيت“ کي سولن لفظن ۾ ڪيئن سمجهائي سگهبو تہ هن چيو تہ ائين ڪٽي سمجهو تہ جيڪڏهن توهان پرينءَ سان ڪلاڪن تائين رهاڻ ڪري اٿو تہ توهان کي لڳندو تہ ڪن پل ئي مس گذريو آهي پر جيڪڏهن توهان کي تپندڙ تئي تي ڪن پل لاءِ ويهارجي تہ توهان محسوس ڪندا تہ توهان ڪلاڪن جا ڪلاڪ ان تي ويٺل هئا.

انهي ڪيفيت کي ڀٽائي ”جهڙو تون سڀ ڄمار، تهڙو دم دوست جو“ واري هڪ ست ۾ خوبيءَ سان بيان ڪيو آهي.

شاهہ جتي پنهنجن بيتن ۾ آسمان ۽ آسماني پنڌن کي سمويو آهي اتي هن پونءِ پلاري جو بہ ذڪر ڪيو آهي تہ وري سمنڊ کي بہ ساريو ۽ ان جي سيوا جي بہ ڳالهہ ڪئي آهي.

سر سريراڳ جي ٻئي داستان بيت 3 ۾ آهي تہ:

سيوا ڪر سمنڊ جِي، جِت جَرُ وهي ٿو جال،
سَئين وَهَن سِيرَ ۾، ماڻڪَ، موتِي، لال،
جي ماسو جُڙيئِي مالَ، تہ پُوڇارا! پُر ٿِئين.

ڀٽائي انهي زماني ۾ سمنڊ جي سيوا ڪرڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي جڏهن اجا ماحولياتي ۽ موسمياتي مسئلن جو نہ تصور هو نہ خيال. سنڌس مطابق سمنڊ نہ رڳو پاڻيءَ جو ڀنڊار آهي پر هو حقيقت ۾ خزانن جي کاڻ آهي.

سر سريراڳ جي داستان 5 بيت 3 ۾ آهي تہ:

مُلاحِظو مهراڻَ جو، مُورِ مَ لاهِ مَناءِ،
ساموندِي! سَنيالِ ڪِي! سُمهڻَ آئِيءِ ساءِ،
جاڳِي جَرَ مَتاءِ، تاري واڻُ تَرازَ ڪي.

هن جيتوڻيڪ پاڻ ساموندي سفر نہ ڪيو هو پر سنڌس ڪلام ۾ ساموندي سفر جي ابتدا ۽ انتها بابت حيرت انگيز معلومات ملي ٿي:

سِڙهَ ٿي سِبيائُون، بَندَرَ جَن تَڙِن تي،
سِڙهَ سِبِي ساڄا ڪري، کُوها کَنيائُون،
بيڙُون بحرن ۾، چوڙي چَڏيائُون،
لَهريُون لنگهيائُون، لُطف سان لَطِيفُ چَئي.

ساڳي سر ۾ آهي تہ:

ڪاري ڪيڙائُو مَتي مِني موتيا،
سَودو ڪَنِ نہ سونَ جو وَڏا وهائُو،
موتِي جي مهراڻَ جا، تِن جا طاماعُو.
سامُونڊِي سائُو لَنڪا لوڀي آئيا.

پاڻيءَ ۾ قاتل شخص جي ڪيفيت کي سر سهڻي ۾ هن ريت بيان ڪيو اٿس:

دَرهَڙَ ڏَوُنس دَرياهَ ۾، جِتِ لَهرِيُون ڪَنِ لوڙا،
سَئين آچي سمُونڊَ ۾، ٿِيا سِيڻايا سوڙا،
جي تارُو هُئا تَوڙا، تن هَربو پانيو هيڪڙو.
*(سُر سهڻي، داستان پهريون بيت 6)*

ڪيس نہ صرف ساموندي سفر جي صعوبتن جي ڄاڻ هئي پر سنڌن پويان سيلانين ۽ ساموندين جي ونين جي حالت کان بہ هو واقف آهي. هڪ ئي بيت ۾ سنڌن معاشي ۽ جذباتي ڪيفيت کي هن ريت بيان ڪيو اٿس:

اسان اُڏارا، آٽي آوَنگ چاڙهيا،
مُنهن ڏيئي مُون آئِيا، سَمهان سِيارا،
اُپِرِن سِيڪارا، پَسو وَرَ بين جا.

آسمان ۽ سمنڊ کان سواءِ سنڌس ڪلام ۾ خاص ڪري سسئي بابت سرن ۾ هن ڏونگر بہ ڏوريا آهن يعني ڪوهہ پيمائي بہ ڪئي يا ڪوهہ بہ ڪڇيا آهن:

رائي ڪِي رَنجُور، تَڪَرَ تَوءِ تاڪيو چڙهي،
لانچي لَڪ لَطِيفُ چئي، هلي ڏانهن حُضُورَ،
رَهيا سڀِ رُڃَنِ ۾، سَسُئِيءَ جا سالُورَ،
ساڄَنُ ميڙيُسِ سُورَ، سُڪ نہ ميڙيُسِ سُپرِين.

هڪ ٻئي بيت ۾ سسئي چوي ٿي تہ:

هيڪِلِيائِي هيلَ، پورينديسِ پُنهونءَ ڏي،
آڏا ڏُونگَرَ لَڪيون، سُوريُون سُڄَنِ سيلَ،
تہ ڳَرَ ٻيلِي آهِن ٻيلَ، جي سُورِ پِريان جا ساڻُ مُون.

شاهہ ساموندي سفر تہ ڪونہ ڪيو پر هن جوڳين سان بہ جهاڳيو آهي، تہ سامين سان سفر ڪيو آهي ۽ ڪاهوڙين جي ڪيرن سان پڻ خوب گهميو آهي:

ويئُون پَڀِ پَٺِي، ڪيرُون ڪاهوڙِيَن جُون،
آئون تن ڏوٿِيُنِ جو پُڇان پيرُ، پِهِي!

رُڃُڻِ راتِ رَهِي، ڏُونـگـر ڄـڻـيـن ڏوريـا.
ڏوٿي سا ڏورين، جا جُوءِ سُڃِي، نـہ ٻُڌِي.
پـاسـا مـتـي پـاهـڻـين، کـاهـوڙي کـوڙيـن،
وِڄا اُتِ ووڙين، جِتِ نـها ايـتَ نـاهِ کـا.

هو مهم جوئي ۽ جيءَ کي جوکن ۾ وجهڻ کي اجهو هن ريت ساراهي ٿو:

جَهنگلِ هليا، سي نـہ پُليا، راهِ هـليـا ڦُرجَن،
اَوَجهڙِ سي نـہ پَوَن، ٻيئِي جـنـين چِڏِيُون.

شاهہ لطيف جي زبان ۽ انـهـيءَ جي ڪلام کي اسان بجا طور سنڌي زبان جو ضرب خانو قرار ڏئي سگهو ٿا، جنهن ڪارخاني ۾ سنڌي زبان جا نہ صرف قديم ۽ متروڪ لفظ وڏي انداز ۾ گهڙيل ۽ ناهيل آهن پر ڪيترائي نت نوان لفظ ۽ اصطلاح پڻ شاهہ جي رسالي مان ٺي ليي سگهن ٿا. سنڌس ڪيترا بيت ۽ سٽون چوٽين ۽ ضرب المثل طور استعمال ٿين ٿا ۽ محاورن طور ڪم اچن ٿا، مثال طور ”اچي پڳ مرپس اندر مڙيوئي اڳڙيون“ ۽ اچ بہ سندس رسالي جي پوئواري ڪندي نت نوان لفظ جوڙي ۽ گهڙي سگهجن ٿا.

شاهہ جي ڪلام ۾ اسان کي جتي مڪمل لفظ ملن ٿا يا مختلف اشتقاقن کي استعمال ڪيو ويو آهي، اتي هن مختلف اڳياڙين ۽ پڇاڙين استعمال ڪري بہ سنڌي ٻوليءَ جي ذخيري کي محفوظ رکيو آهي يا انهي ۾ اضافو ڪيو آهي.

مثال طور سرسريراڳ جي وائيءَ ۾ هڪ لفظ استعمال ٿيو آهي: ارڪ يعني ٻئي جي نہ رکڻ وارا لاپرواهہ ۽ خودغرض.

والِي! رَسـج وَهـلـو اَرَڪِ ٿـيـا اَنسانَ،

انهيءَ آ جي اڳياڙيءَ سان اسان سنڌيءَ ۾ سوين نوان سنڌي لفظ گهڙي سگهون ٿا: جهڙوڪر:

آواٺ يا اواتيو ۽ ماڳ يا اماڳو.

اڪاج يا اڪاجو وغيرهہ جڏهن تہ سُـ لڳائي انهن جا ضد بہ جوڙي سگهجن ٿا.

انهي ريت سر ڪاموڏ جي داستان 1 بيت 6 ۾ لفظ ڪُوڙيون استعمال ٿيو آهي:

ڪارِيُون، ڪوڄهِيون، ڪُوڙِيُون،
مُورِ نہ موچارِيُون،

ڪوڙيون معني بي وڙيون يا اڻگيون. هتي ڪُ واري اڳياڙيءَ ۽ وڙ جي مدد سان هڪ لفظ ڪوڙي ناهيو ويو آهي، جنهن جو ضد سُوڙيون آهي.

انهي ڪُ جي استعمال سان پڻ اسان ڪيترائي نوان لفظ گهڙي ناهي سگهون ٿا: متين مثالن کي سامهون رکندي:

ڪواٺ، ڪواٺو، ڪماڳ، ڪماڳو، ڪڪاج ڪڪاجو وغيره.

جڏهن تہ پتائي ڪوڙين کان سواءِ ڪويچ لفظ بہ استعمال ڪيو آهي: ڪـنـيـس ڪويچن تن طبيب نہ گڏيا!

شاهہ جي رسالي مان اسان سائنسي ۽ علمي اصطلاح پڻ ڳولي سگهون ٿا. مثال طور موجوده دور ۾ موسمياتي تبديلين ۽ ماحولياتي آلودگيءَ جي حوالي سان اسان وٽ جيتوٽيڪ گدلاڻ ۽ آلودگيءَ وارا لفظ مستعمل ۽ مروج آهن پر تڏهن بہ شاهہ جي رسالي ۾ استعمال ٿيل هڪ مصدر ”ڪالورڻ“ منهنجي خيال ۾ گدلاڻ ۽ آلودگي (انگريزي واري لفظ پوليوٽ ۽ پوليوشن) جو بهترين متبادل يا مٽ آهي.

سرڪارايل جو بيت آهي تہ:

آڇو پـاڻـي لُڙُ ٿـيـو ڪـالـورئـو ڪـنـگـن،
ايـنـدي لڄَ مـرن، تـنـهـن سَرَ مَـتـي، هـنـجـڙا!

هتي ڪالورڻ جي معني آلودو ڪرڻ، گدلو ڪرڻ، ميرو ڪرڻ، لڙائڻ ۽ لـبـڻ وغيره آهي.

شاهہ جي رسالي مان ان سلسلي ۾ ڪيترائي مثال پيش ڪري سگهجن ٿا پر هن مختصر ليک ۾ اهي سڀ مذڪور ۽ مضمون توڙي موضوع ماپي نٿا سگهن سو انهي تي اڪتفا ڪجي ٿي. البت اهي مثال بہ پلي پت ثابت ڪن ٿا تہ شاهہ لطيف جو رسالو هڪ امي يا هڪ اپوجهہ انسان، ڪنهن جهڙي تهڙي سگهڙ جو ڪلام نہ آهي پر هڪ هڪ ودوان ۽ هڪ عالم جو ڪلام آهي، جنهن کي بجا طور سنڌي ٻوليءَ جو ماهر ٿي نہ پر بر ۽ بحر کان واقف سڪي ۽ سائي جو جاٽو ليکي سگهجي ٿو.

سندس ڪلام ۾ ابر کان ويندي آبر (سئي کان ويندي ڪڪرن) جو ذڪر آهي. ڪيس جئيءَ ۽ جرڪي جي بہ جاڻ آهي تہ ڪرن (خر) بابت بہ خبر اٿس تہ هاٿي کي بہ سڃـن اڪـيـن سان پرکي پـچـاري سگهي ٿو. هن سر ڪاموڏ ۾ نينهن نـيـايـو آهي تہ سر ڪيڏاري ۾ ميدان ملهايو آهي. سر سارنگ ۽ مارئي ۾ ساٽيهہ جي سڪ ۽ سڪار جي ڳالهہ ٿو ڪري تہ سر سهڻي ۾ محب سان ملاقات لاءِ دريا ۾ بنا گهڙي جي ٽپو ڏنو اٿس. سر سورٺ ۾ سر لاءِ سر گهوريو اٿس تہ سر مومل راڻي ۾ راجپوت ٿي مومل کي ماٽيو اٿس تہ سر سسئيءَ ۾ سسئيءَ سان سفر جا سور سنا آهن.

سندس ڪلام ۾ ڌرتي جي وسعت بہ آهي تہ سمنڊ واري اونهائي بہ آهي ۽ ڏونگر واري ارڏائي ۽ اوچائي بہ. سندس رسالو سنڌي زبان جي انسائڪلوپيڊيا ٿي نہ پر سنڌي ٻولي جو اهو ضرب خانو آهي جنهن مان سدائين نوان نوان لفظن جا سڪا سرجندا ۽ سونيون گينيون پيون گهڙبيون لفظ، لفظن کي ضربيندا بيٺا، ٽيٽا ۽ چوٽا ڪندا ۽ سنڌي ٻوليءَ جي شاهوڪاريءَ ۽ مائداريءَ ۾ ڏينهون ڏينهن سرسي پئي ايندي.

## شيخ اياز جي ورسيءَ جي مناسبت سان اهم لکڻي

# ”اکيون يار تنهنجون، صدين جون صدائون“

پروفيسر لطافت علي جوهر

جديد سنڌي اَدب جي سرموڙ شاعر شيخ مبارڪ علي اياز جو شمار انهن مفڪرن ۽ فلاسافر شاعرن ۾ ٿئي ٿو جن جو فڪر ۽ فلسفو صدين تائين سنڌي سماج ۽ تهذيب ۾ درخشان ستاري جيان چمڪندو رهندو. سندس شاعري توڙي نثر ۾ اُها سگهه ۽ سچائي آهي جو هو نئين نسل جو نمائنده شاعر ٿي اُڀريو. هن پنهنجي شاعري ذريعي نوجوان نسل ۾ نئون روح ڦوڪي انقلاب جي عظيم آدرش لاءِ راهه هموار ڪئي. هن جي شاعريءَ ۾ انسان جي آجپي، ڀلائي، اُميد، سچائي، عشق، اُتساهه، وطن دوستي ۽ انسان دوستي جو ذڪر ملي ٿو:

مون آزاديءَ جي سَڻ هڻئي
مون لاٿا طوق غلامن جا
هي گيت هئا يا جادوها
زنجير ٽُٽا اَيامن جا.
سڀ موتي سمجهي چونڊين ٿا
اَڄ ڳوڙها منهنجي دامن جا.

اَياز انسانيت سان پيار ڪندڙ بنا ڪنهن رنگ، نسل، زبان، مذهب جي انسانن جي ڏک، دردن کي پنهنجو درد سمجهندڙ ۽ حساس دل رکندڙ شاعر هو.

اڄ ته ڇئي ڏي اڄ ته ڇئي ڏي اڄ ته علي الاعلان
منهنجو ڪوئي ديس نه آهي منهنجو ديس جهان
منهنجو ڪوئي ناءُ نه آهي، مان آهيان انسان.

اياز جي نظر ۾ انسان جو ڪو به ديس نه آهي، هي سموري دنيا سندس ديس آهي ۽ سموري ڌرتي انسان لاءِ ئي خلقي ويئي آهي ۽ انسان ئي هن ڌرتيءَ جو وارث آهي. هن تنگ نظري کي رد ڪندي انسانيت جو درس ڏنو. ڌرتيءَ سان پيار ڪندڙ ۽ اعليٰ انساني اقدار جي عڪاسي ڪندڙ هن عظيم شاعر ماڻهپي کي ئي مذهب سمجهيو ۽ آخري وقت تائين ماڻهپوئي سندس مذهب رهيو:

تنهنجا پير ڇُهان، ڌرتي منهنجي مائڙي
پاڪر پايان پاوَ مان، ماڻهوءَ ماڻهوءَ سان
آءٌ نه ٻيو ڄاڻان، مذهب منهنجو ماڻهپو.

اياز جي شاعريءَ ۾ ڌرتيءَ جي خوشبو سان گڏ ان ۾ وسندڙ ماڻهن جا ڏک، سور ۽ سندن زندگيءَ جي ڀرپور عڪاسي نظر اچي ٿي:

ماڻهو منهنجي ملڪ جا اپوجهه ۽ اڻاڄاڻ
ڏکن ڏٺيون جهوپڙيون، ٻکن ڀريا ٻاڻ
الله تن ۾ آڻ، ساڃهه پنهنجي ساهه جي.

اياز کي سنڌ سان ازلي عشق هو ڪيس سنڌ جي هر شيءِ پياري هئي. هن پنهنجي شاعريءَ ذريعي صدين جي جمود ۽ مانار کي توڙي هڪ نئين اُمنگ جاڳائي زندگيءَ ۽ زندگي جي عملن، فن ۽ فڪر ۾ وهڪرو تحرڪ ۽ لطيف احساس پيدا ڪيو.

مرنداسين ته مٽيءَ مان پنهنجي ڦٽندا سرخ گلاب
ڪڙندا ٽڙندا جن ۾ پنهنجا بسنت رت جا خواب.

اياز سنڌي شاعريءَ جي پراڻن موضوعن، تصورن ۽ اسلوب کي بدلائي نئون انداز، نئون طرز احساس، نوان اسلوب ۽ نوان تصور ڏنا. هن جي شاعريءَ سنڌ ۽ سنڌي عوام سان گهري محبت جي شاعري آهي. هن جي شاعريءَ ۾ صدين جي خاموشيءَ کي توڙي مظلوم ۽ محڪوم عوام کي نئون جوش، ولولو ۽ نئون پيغام ڏنل آهي.


شيخ اياز

هن کي صدين کان رائج وحشت ڀري نظام کان چڙ هئي، هُو وحشت ۽ ظلم ڀري نظام کي ننديندي چوي ٿو:

تڙپي ٿي تهذيب اَڃا
ڪيڏو وحشي آ انسان.

اياز انسان دشمن نظام جاگيرداراڻي ڏاڍ جبر، وحشت، تشدد ۽ درندگيءَ جي مذمت ڪندي انسانن کي سجاڳ ڪري ٿو:

او انسان!
او انسان!
ڪنهن کي تو مارين!
هيءُ ماڻهو جو ٻچڙو آهي
هيءُ جو پٿر کان ڏاڍو آ.
ڪونپل کان ٻي ڪچڙو آهي،
او حيوان!
او حيوان!
ڪنهن کي تو مارين!

اياز جي شاعري قوم ۾ سجاڳي،



سنڌ جو نگران وڏو وزير (ر) جسٽس مقبول باقر ملير ۾ تاريخي چوکنڊي قبرستان جو معائنو ڪري رهيو آهي.



سنڌ جو نگران وڏو وزير (ر) جسٽس مقبول باقر
ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي سالياني تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي.



سنڌ جو نگران وڏو وزير (ر) جسٽس مقبول باقر وزير اعليٰ هائوس ۾
سنڌ ڪابينا جي اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي.



سنڌ جو نگران وڏو وزير (ر) جسٽس مقبول باقر وزير اعليٰ هائوس ۾
”سيف سٽي پروجيڪٽ“ بابت ڪوٺايل اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي.



سنڌ جو نگران وڏو وزير (ر) جسٽس مقبول باقر ٻارن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي
تعليم کاتي ۽ يونيسيف پاران ڪوٺايل تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي.



سنڌ جو نگران وڏو وزير (ر) جسٽس مقبول باقر آغا خان يونيورسٽي ڪئمپس ۾
”هيلٿ ٽيڪ سمٽ“ کي خطاب ڪري رهيو آهي.



گورنر سنڌ محمد ڪامران خان ٽيسوري، محمد احمد شاھ ڪان نگران صوبائي وزير طور حلف وٺي رهيو آهي.




سنڌ اطلاعات کاتي، اقليتي معاملن ۽ سماجي تحفظ وارو نگران صوبائي وزير محمد احمد شاھ
ڪراچي پريس ڪلب جي دوري دوران ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي.

جاڳرتا، سياسي ۽ سماجي شعور سان گڏوگڏ عوام کي آزاديءَ جي قدر وقيمت کان آگاهه ڪيو ۽ کين قومي غيرت سان گرمائي وڌو:

مون ذات انوکي آندي آ
تي تند وڄهي تلوارن سان.

اياز شاعريءَ کي حريت پسندن ۽ آزاديءَ جي متوالن لاءِ جنگ جي ميدان ۾ لاهي ڇڏيو. سندس شاعري جتي نظرياتي جنگ لاءِ اُتساهه پيدا ڪيو ته ساڳئي وقت مزاحمتي جنگ لاءِ پڻ راهه هموار ڪئي:

سهندو ڪيرُ ميار او يار!
سنڌڙيءَ کي سِرُ ڪيرُ نه ڏيندو!

جهولُ جهلي جنهن وقت پڇائي،
ڪرندا ڪنڌ هزار او يار!
سنڌڙيءَ کي سِرُ ڪيرُ نه ڏيندو!

نيٺ وڍيندڙ وڃي ويندا،
ڪنبندي نيٺ ڪٽار او يار!
سنڌڙيءَ کي سر ڪير نه ڏيندو!

نيٺ ته ڍهندي ڪيسين رهندي؟
دوکي جي ديوار او يار!
سنڌڙيءَ کي سِرُ ڪيرُ نه ڏيندو!

اياز جي شاعري جتي آمرن، جابرن ۽ فرعون مثل حڪمرانن کي وڏي واڪي للڪاريندي رهي ته ساڳئي وقت اِها شاعري آواز ٻڌجي مظلوم، محڪوم ۽ پورهيت طبقي جي ترجماني به ڪندي رهي ۽ انهيءَ آواز جتي عظيم ڪونڌر ۽ سورهيه سرويچ پيدا ڪيا ته ساڳئي وقت نه ڪٽڻ وارا ۽ نه هٽڻ وارا سپاهي پڻ پيدا ڪيا جيڪي طبقاتي جبر خلاف لڙيا ۽ انساني حقن جي بحالي توڙي اظهار جي آزاديءَ لاءِ اجتماعي توڙي انفرادي جدوجهد ۾ شريڪ ٿيا ۽ هن سموري جدوجهد ۾ اياز جا گيت هر محاذ تي سرواٽي ڪندا رهيا.

هي ماڻهو وهه جو ڍڪ ٿيا
جيئن لُڪ لڳي تيئن رُڪ ٿيا.

اياز سنڌ جي جديد شعور جو بانيڪار هو ۽ نئين سنڌ جي اڏاوت ڪندڙن ۽ نئون سماج اڏيندڙن مان هو ۽ آهي. هن جي شاعريءَ ۾ موجود فڪري سونهن ۽ سگهه هن جي شاعريءَ ۾ سمايل دائمي قدرن ۽ جمالياتي رخن، انسان دوستيءَ ۽ سنڌ دوستي جي پهلوئن کي اُجاگر ڪيو آهي.

تنهنجو بدن بوسڪي، جنهن جي مٿان ڳچ،
ليئا تو سورج، پائي لئه جي پنيان.

***

هٽ پرينءَ ميينديءَ رتا، جهرا گل انار،
جيئن ڪيائين پيار، منهنجا ڳل ڳڙي پيا.

***

تنهنجي خوشبوئي ته آ، هي جو منهنجو ماس
مالهڻ! تنهنجي پيار جو تاري تاريءَ واس.

***

هي جو اُٺي رات جو وينو آءُ لڪان،
پيهر وڃُهه ايئن نه ڏي، مون کي باک مٿان.

***

تون چئه مون کان پوءِ، ڪنهن جو ٿيندي ڪينرا،
واڪا ڪندي ووءِ، صديون تو لئه سنڌڙي.

اياز کي سنڌ سان عقيدت هئي. هن جو هر شعر سنڌ جي مٽيءَ جي خوشبوءِ سان واسجي پوءِ هن جي تحت الشعور مان نڪتو. هن پنهنجو موضوع رڳو سنڌ ۽ هند نه پر پوري ڪائنات کي بڻايو:

ستارا لتاڙي اسان جو شعور...
يا
مون لاٿا طوق غلامن جا...

جهڙيون ستون تخليق ڪندڙ شاعر ڏاهپ ۽ ذات جي لحاظ کان هي شيڪسپيئر، هومر، ٽئگور، ڪاليداس، ملٽن، ڪازان زاڪس، لورڪا، ايمائيل زولا، دوستو وسڪي، ٽالسٽاءِ، پشڪن، ساڪريٽس، پلئٽو تي ايس ايلٽ، ٽيني سن، نذرالاسلام، رسول حمزا توف، غالب، علامه اقبال، فيض احمد فيض، ابن رشد، باهو، بلهي شاهه، خواجه غلام فريد، شاهه حسين، روسو ۽ والٽيئر کان ڪنهن به صورت گهٽ نه هو. اياز رومانس توڙي حب الوطني ۽ انقلاب جو شهنشاهه شاعر هو.

اکيون آرزوئون اکيون التجائون
اکيون يار تنهنجون صدين جون صدائون.

دنيا جي ڪنهن به ملڪ ۾ شيخ اياز جهڙن شاعرن جي موجودگي ۽ سندس ڪيل ادبي ۽ شاعراڻي خدمت هڪ وڏو سرمايو هوندو آهي. اياز جي زندگيءَ جا ڪيترائي رخ آهن. هڪ قومي ڪارڪن جي حيثيت ۾ سندس وڏي قدر ۽ منزلت هئي.

اياز سنڌي توڙي اردو ٻولين ۾ شاعري ڪئي، سندس اردو شاعري جو مجموعو 1954ع ۾ ”بوءِ گل نالهِ دل“ جي نالي سان شايع ٿيو. جڏهن ته سندس سنڌي شاعريءَ جو پهريون مجموعو ان کان اٺ سال بعد 1962ع ۾ ”ڀونئر ڀري آڪاس“ جي نالي سان شايع ٿيو جنهن ۾ دوها، گيت، وايون، قطعا، نظم، آزاد نظم ۽ غزل شامل آهن. 1964ع ۾ هن ڪتاب تي سرڪار پابندي مڙهي ڪتاب جون ڪاپيون ضبط ڪيون. اياز 60 کن نثري ۽ شاعري جا مجموعا لکيا جيڪي سندس ادبي عظمت ۽ ڏاهپ جي گواهي ڏيڻ لاءِ ڪافي آهن.

سنڌي، اردو انگريزي ۽ فارسي ٻولين تي مهارت رکندڙ شيخ اياز جي پهرين لکڻي 1938ع ۾ شايع ٿي. اهڙي طرح 60 سالن تائين هو ادبي ڪيتر جي آڪاش تي اُڏرندو

رهيو. سندس سنڌي شاعريءَ کي فهميده رياض اُردوءَ ۾ منظوم ترجمو ڪيو جيڪو لفه مـ ـر زنج ر ڪا“ نالي سان 1974ع ۾ شايع ٿيو ۽ سندس شاعريءَ جو پنجابي ترجمو مشهور شاعر احمد سليم ڪيو جيڪو ”ٻ ـجل نـ اکهـ ا“ 1976ع ۾ شايع ٿيو.

اياز جي سمورن غزلن کي نوجوان شاعرن بخشل باغي ”هي روح جزيزو حيرت جو“ ۽ اسحاق سميجي ”گيڙو ويس غزل“ 2004ع ۾ شايع ڪرايو. شيخ اياز جو هڪ وڏو ڪارنامو حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي جو اردو ٻوليءَ ۾ منظوم ترجمو ڪري ڇپائڻ آهي جنهن سان نـ صرف برصغير بلڪ دنيا جي سمورن ملڪن ۾ جتي جتي اردو دان طبقو ۽ اردوءَ سان واقفيت رکندڙ ماڻهو آباد آهن سي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي فڪر ۽ فلسفي کان روشناس ٿيا ۽ ٻين لاءِ بہ آگاهي ۽ تحقيق جا دروازا کليا.

اياز ”شاهه جو رسالو“ جي اردو ترجمي جي مقدمي ۾ اردو ۽ فارسي، سنسڪرت ۽ هندي شاعريءَ تي جيڪو قلم کنيو آهي ۽ جن فلسفيانہ نقطن تي بحث ڪيو آهي ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ سندس تنقيد ۽ فلسفي سان ڪيترو گهرو تعلق آهي.

”يونئر ڀري آڪاس“ سنڌي زبان ۽ سنڌي اَدب ۾ جديد شاعريءَ جو پهريون سگهارو آواز ٻڌجي اُڀريو جيڪو هڪ نئين جذبي ۽ آهنگ سان گونجڻ لڳو ان جي شاعريءَ ۾ انڊلٺ جا سمورا رنگ نظر اچن ٿا ۽ انهيءَ ۾ ڌرتي جي خوشبو سان گڏ ان ۾ وسندڙ ماڻهن جا ڏک درد ۽ سندن زندگيءَ جي ڀرپور عڪاسي نظر اچي ٿي. ”يونئر ڀري آڪاس“ سنڌي ادب جي اُفق تي سورج ٻڌجي روشني ڦهلائڻ لڳو انهيءَ شاعري رات جي انڌيري ۽ سنڌي سماج ۾ گهٽ ۽ ٻوسٽ واري ماحول کي ختم ڪيو. ترقي پسند اديبن، نقادن ۽ روشن خيال اهل علم، قلم ڌڻين، اديبن ۽ شاعرن ان جو دل جي گهراين سان استقبال ڪيو.

سڄڻ جي ساريوم تہ آيون هيرون هنج ۾، جيڏانهن نهاريوم، چوڌهين جي چانڊاڻ هئي.

اياز وٽ زندگيءَ جو نظريو منفرد آهي. هُو زندگي جي جماليات ۽ ڪائنات جي خوبصورتي جو متلاشي ۽ مداح آهي. هُو نہ زندگي کي هڪ اِڪائي ۾ ڏسي ٿو ۽ نہ ڪائنات کي، هُو اجتماعيت ۽ هم گيريت جو قائل ٿو ڏسجي:

ڪوڪي ٿي ڪويل چانڊوڪي ۾ ڇيت جي جڻ ساري سنسار کي، ٿي ڏاري ڏڪويل، پرين سان پويل، شال رهي ساهہ سيني جو.

اياز محبوب جي گهٽي جدائي کي نقصانڪار سمجهي ٿو ڇو تہ ڪيفيتن کي دوام ڏکيو حاصل ٿيندو آهي، ان لاءِ چوي ٿو تہ:

جدائي جاندهہ پينهين ڇڏي پيار کي، سڄڻ مون ساندهہ، سوگهو رهج ساهہ ۾، رهي منهنجي روح ۾، سدا تنهنجي سونهن. ورهين لاءِ ورونهن، پلڪ تنهنجي پيار جي. ويندي ساڻ مري، ڳائي تنهنجون ڳالهڙيون، چونديـن ها چري، سچي هئي سڪ جي.

اياز جا بيت جماليات جي جَلوَن سان جگمگائين ٿا. هن جي روح جي رواني بيت تي حاوي آهي. يونئر ڀري آڪاس ۾ شيخ اياز پنهنجي شاعري کي جنهن بلند مقام تي رسايو آهي ان جو مثال مشرقي شاعري ۾ ملڻ مشڪل آهي. ”ڪلهي پاتم ڪينرو“ جو اڀياس ڪندي خبر پوي ٿي تہ شيخ اياز تي حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي شاعريءَ جو گهرو اثر آهي، جنهن ۾ هن سنڌ جي سورمين جو ذڪر، ٻيجل جو ذڪر، جوڳيءَ جو ذڪر ڪري شاعريءَ کي نئين سونهن بخشي آهي:

ڪيچ هجي ڪيڏو بہ پري،
آريءَ پنيان آءَ اَٽل.
چنگ چڙا چانڊوڪي ڇيت
سهٽي سير، مرڻ جي مام.

سسئيءَ جي پنهون جي ۽ اُڪير ۾ ڪيچ جا اڙانگا سفر ۽ پنڌ جاري رکڻ واري اياز جون اهي مصرائون شاعريءَ کي وڌيڪ خوبصورت بڻائين ٿيون:

جيون تنهنجو جوڳي آهيان
ڳالهيون تنهنجون ڳايان وو
ڪافر مومن ناهيان وو!
تنهنجي پَل پَل جي پيڙا کي
وائيءَ ۾ ورنايان وو.
ڪافر مومن ناهيان وو!

”جيون جو جوڳي ٻڌجڻ“ پَل پَل جي پيڙا کي وائيءَ ۾ ورنائڻ جهڙين تخليقي سٽن اياز جي شاعريءَ کي سونهن بخشي وڌيڪ پرڪشش بڻايو آهي. اياز هن ڪتاب ۾ محبت جي داستانن کي سهڻن لفظن سان سينگاري پيش ڪيو آهي.

وارث شاهہ جنهن ”هير رانجهو“ جي رومانوي داستان کي پنهنجي شاعري ذريعي امر بڻائي ڇڏيو. اِهو عشقيہ داستان جيڪو صدين کان محبت ۽ چاهت جي علامت طور مشهور آهي. سنڌ، هند توڙي ايران، افغانستان تائين مقبوليت اياز کي بيحد متاثر ڪيو. اياز جو ايمان آهي تہ عشق ڪڏهن بہ مرڻو ناهي. عشق فطرت جي ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ زندهہ رهي ٿو. اياز چوي ٿو تہ عورت دنيا ۾ صدين کان پيڙهيل ۽ هيسيل آهي. ڪڏهن زندهہ

درگور ڪئي وڃي ٿي تہ ڪڏهن ڪاري ڪري ماري وڃي ٿي پر پوءِ بہ پيار ۽ اُلفت جو فطري جذبو زنده آهي:

هير مئي او هير مئي،
ڪير چوي تو هير مئي:
رانجهو ونجهليءَ ڏانهن نهاريو
ڪير چوي تو هير مئي!
ونجهلي پنهنجو هانءُ نہ هاريو
ڪير چوي تو هير مئي!
ڌرتي ۽ آڪاش پڪاريو
ڪير چوي تو هير مئي!
پيار نہ مرندو، ڪيئن بہ ماريو،
ڪير چوي تو هير مئي!

اياز ورهين کان رائج فارسي، عربي ۽ اردو لفظن ۽ محاورن ۽ تشبيهن کان سنڌي ٻولي ۽ شاعريءَ کي آجو ڪرائيندي نج سنڌي ويس پهرايو ۽ معصوم ٻارن جهڙي مُرڪ جيان سريلي ۽ من موهيندڙ لفظن جي چاشنيءَ سان پريل گيت لکيا ۽ انهن ۾ نئين سرهاڻ ۽ زندگي پيدا ڪئي:

سنڌڙي تنهنجي سينڌ ڏسي،
رات پتائي گهوٽ رُنو.
قيدي چيتي جهڙو ڏينهن
زخمي هرڻيءَ جهڙي رات.
مذهب جي مرڻينگ ڪنيا
ساڳيا ڪُوڙا، کهاڙا ڪات.

اياز جي شاعري جديد ۽ قديم شاعراڻي تخيل جو ميلاپ آهي. هن سنڌي شاعريءَ جي پراڻن تصورن، اسلوب ۽ موضوعن کي بدلائي نئون طرز احساس، نوان اسلوب ۽ نوان فڪر ۽ تصور ڏنا.

ايوب خان جي مارشل لا ۾ اڪثريتي ماڻهن جي مرضي خلاف هڪ غيرفطري ۽ غير سياسي عمل جي ابتدا ڪندي جڏهن پاڪستان جي ننڍن صوبن کي ون يونٽ واري ذلت ڀرئيي نظام ۾ جڪڙيو ويو تڏهن اياز سنڌ جي سورهيہ سرويچن ۽ حريت پسندن جي اڳين صفن جو سالار هو جنهن ون يونٽ خلاف وڏي دليريءَ سان لکيو. سنڌ جي جهرجهنگ، واهڻ ۽ وستي سندس انقلابي گيتن سان گونجڻ لڳي.

اياز جا گيت نوجوان نسل کي اسڪولن، ڪاليجن توڙي يونيورسٽين ۾ هڪ نئين سماج جي نويد ڏيڻ لڳا. پنهنجي شاعريءَ ۾ ”اناالحق“ جو نعرو لڳائڻ تي ڪيس جيل اُماڻيو ويو. پر هن سچي ”ديش ڀڳت“ کي جيل جون سختيون بہ جهڪائي نہ سگهيون. سفيد وحشي ڪان وٽي ڪونجون ڪرڪن روهہ تي تائين جو سفر ڪندي اياز سان وڏيون ناانصافيون ٿيون. هُو نہ رڳو ڀراون جي ظلم جو شڪار ٿيو پر هن سان پنهنجن بہ گهٽ نہ ڪئي! سندس ڪتابن تي پابندي مڙهڻ ۽ ڪيترائي قلمي نسخا ضبط ڪرڻ سان گڏ ڪيس ساهيوال جيل ۾ قيد ڪيو ويو. ”سنڌ ديس جي ڌرتي توتي پنهنجو سيس نوايان“ جهڙيون شاهڪار سٽون تخليق ڪندڙ هن عظيم شاعر تي الزامن مٿان الزام لڳايا ويا پر هن ڪنهن بہ آمر آڏو آڻ نہ مڃي.

1970ع ۾ جيل مان آزاد ٿي جڏهن ريل گاڏيءَ ذريعي سکر پهتو تہ سڄي سنڌ سندس والهانہ استقبال لاءِ رستن تي نڪري آئي. هن جي شاعري نوجوانن، ٻارن، ٻڍڙن، مردن توڙي عورتن ۾ هڪ جهڙي مقبوليت ماڻي.

سنڌڙيءَ جو جي ناءُ ورتم
جڻ ڪاريهر تي پير پيو.

سندس لکيل گيت کي سنڌ توڙي پرڏيهہ ۾ ڏاڍو ساراهيو ويو. اياز جو ويزن تمام مٿاهون هو. هن سنڌ يونيورسٽيءَ کي رابندر ناٿ ٽئگور جو ”شانتي نڪيتن“ بڻائڻ پئي گهريو. اياز سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ جيڪي اميدون، ارادا، عزم ۽ پروگرام کڻي آيو هو اُهي هي هئا تہ سنڌ يونيورسٽي کي اعليٰ معيار جي تحقيقي يونيورسٽي بڻائجي. هن سنڌ يونيورسٽيءَ کي ”آڪسفورڊ“ ڪئمبرج، برڪلي، قرطبہ، جامعتہ الاظهر جهڙين يونيورسٽين جي سطح تي آڻڻ ٿي چاهيو هن اُتي سنڌ جو بهترين جوهر پيدا ٿيندو ۽ وڌندو ويجهندو ڏسڻ ٿي چاهيو. جيئن سنڌ يونيورسٽيءَ جا شاگرد بين الاقوامي علم ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي دنيا ۾ پنهنجي جڳهہ پيدا ڪن ۽ چٽاڀيٽيءَ جي ميدان ۾ پنهنجي اعليٰ ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندي علمي ڌاڪ ڄمائين. پر افسوس هن عظيم تخليقڪار ۽ تعليمي ماهر، سنڌ شناس، محب وطن ۽ دور انديش قومي مسيحا جو اِهو خواب پورو نہ ٿي سگهيو.

سنڌ يونيورسٽيءَ کي علامہ آءِ آءِ قاضي ۽ شيخ اياز کان وڌيڪ ڏاها ماڻهو هن وقت تائين نہ ملي سگهيا آهن. اياز ڪافي عرصو گوشہ نشيني اختيار ڪئي پر تخليقي عمل، شاعري ۽ تحرير کي جاري رکيو:

اي سنڌ تون ماءُ آهين
مان تنهنجي ڌرتيءَ مان شاعريءَ جو مواد
ايئن حاصل ڪندو آهيان
جيئن ٽر جي ڳاڙهي ڳانءِ جي
اوهن مان ان جو ٻچڙو
کير حاصل ڪندو آهي.
ماڻهو مون تي ڪفر جون فتوائون ٿا ڏين
اي ساٺوڻ جي گهٽائڻ ۾ چپي ويندڙ چنڊ!
ڇا، تو کي بہ
منهنجي فڪر سان شڪايت آهي؟

# انساني آجپي جا گيت سرجيندڙ ڪوي
# فيض احمد فيض

سرمد سولنگي

انقلابي رومانس سان پرپور انساني آجپي جا گيت سرجيندڙ ڪوي فيض احمد فيض اردو ادب، خاص ڪري شاعريءَ جي ميدان ۾ هڪ اهم جاءِ والاري ٿو سندس روح جي گهرائين مان تخليق ڪيل شاعري هن ديس جي مظلوم عوام جو ڏڏ ۽ آواز بڻجي اردو ٻوليءَ جي هن وڏي شاعر جو جنم پن ڇڻ جي مند ۾ فيبروري جي 13 تاريخ سال 1911ع تي پنجن درياهن جي ديس پنجاب جي شهر سيالڪوٽ ۾ ٿيو.

فيض احمد فيض هڪ اديب به هو ته دانشور به، استاد به هو ته سپاهي به هو، پر سندس مشهوريءَ جو ڪارڻ سندس لازوال شاعري رهي آهي.

فيض احمد فيض پنهنجي شروعاتي تعليم مشن هاءِ اسڪول مان حاصل ڪئي جڏهن ته ميٽرڪ مري ڪاليج سيالڪوٽ مان پاس ڪئي، جنهن بعد گورنمنٽ ڪاليج لاهور ۽ اورينٽل ڪاليج ۾ پڙهائيءَ دوران عربي ۽ ايم اي پڻ ڪيائين.


فيض احمد فيض

فيض 1935 ۾ اي اي او ڪاليج امرتسر ۾ ليڪچرار جي حيثيت سان پهرين ملازمت اختيار ڪئي.

1942 ۾ فوج ۾ ڪئپٽن طور پرتي ٿيو ۽ 1943 ۾ ميجر ۽ وري 1944 ۾ ليفٽيننٽ ڪرنل جي عهدن تي ترقي ماڻيائين.

1947 ۾ فيض احمد فيض فوج تان استعيفيٰ ڏني، 1959ع ۾ پاڪستان آرٽس ڪونسل جو سيڪريٽري مقرر ٿيو ۽ 1962ع تائين ان عهدي تي ڪم ڪيائين، ان ڪانسواءِ ادبي رسالن جهڙوڪ ادب لطيف ۽ هفتوار ليل و نهار جو ايڊيٽر ۽ چيف ايڊيٽر پڻ رهيو.

فيض احمد فيض جنهن صديءَ ۾ جنم ورتو اها صدي سياسي انقلابن جي صدي هئي جنهن مٿس پڻ تمام گهڻو اثر وڌو جيڪو اثر سندس شاعريءَ ۾ پڻ نظر اچي ٿو.

هن لکيو:

هم ديکين گي،
سب تاج اُڇالي جائين گي
سب تخت گرائي جائين گي
يا
جو رُڪي تي ڪوهه گران ٿي هم،
جو چلي تو جان سي گذر گئي
راهه يار هم ني
قدم قدم تجهي يادگار بناديا.

فيض احمد 1930 ۾ لبنان ڄائي ايلس سان پسند جي شادي ڪئي جيڪا پڻ تحقيق واري شعبي سان لاڳاپيل هئي ۽ فيض احمد جي شاعري ۽ شخصيت کان تمام گهڻو متاثر هئي. فيض هڪ هنڌ لکيو آهي:



توني ديکي هين وه پيشاني و رخسار و هونٽ؟
زندگي جن کي تصور ۾ لٽا دي هم ني!

9 مارچ 1951ع تي فيض احمد فيض کي روالپنڊي سازش ڪيس ۾ سهڪار ڪرڻ جي الزام هيٺ گرفتار ڪيو ويو. جنهن ۾ ڪيس چار سال قيد جي سزا ٻڌائي وئي. قيد دوران فيض احمد فيض ملڪ جي مختلف جيلن سرگوڌا، ساهيوال، حيدر آباد ۽ ڪراچي ۾ قيد هيٺ رهيو جنهن بعد کيس اپريل 1955 ۾ آزاد ڪيو ويو.

فيض جي نيڻن ۾ سدائين روشن صبح جا خواب پلجندا رهيا، هن چيو هو:

هم جيتين گي، هم ايڪ دن جيتين گي،
قد جا الحق وزحق الباطل فرموده رب اڪبر،
هي جنت اپني پائون تلي، هم جيتين گي...

فيض احمد فيض کي 1962ع ۾ سندس ادبي خدمتن عيوض روس جي سڀ کان وڏي اعزاز لينن ايوارڊ سان پڻ نوازيو ويو جنهن ڪانپوءِ فيض 1962ع کان 1964ع تائين انگليند ۾ رهيو جنهن بعد هو الجزائر، مصر، لبنان، شام، عراق، هنگري ۽ ٻين يورپين ملڪن ۾ منعقد ٿيل عالمي ڪانفرنس ۾ پڻ شرڪت ڪندو رهيو.

فيض احمد فيض 1983ع ۾ ڏيهه واپس وريو ۽ لاهور ۾ مستقل رهائش اختيار ڪيائين. فيض پنهنجي دور جو تمام وڏو شاعر هو. سندس شاعريءَ ۾ ڪلاسيڪي شعر جو تمام وڏو اثر رهيو آهي ۽ اهوئي سبب آهي جو ترقي پسند شاعريءَ ۾ وڏي ڪيپ هئڻ باوجود به سندس شاعر جو معيار برقرار رهيو آهي.

هو پنهنجي شاعريءَ ۾ انقلاب سان رومانس ڪندي نظر اچي ٿو سندس شاعري پورهيت/پيڙهيل طبقي جي نمائندگي ڪري ٿي. هن هڪ هنڌ لکيو آهي:

هم محنت ڪش اس دنيا سي جب اپنا حصا
مانگي گي،
اڪ کيت نهين، اڪ گاؤن نهين، هم ساري دنيا
مانگي گي.

اڌ صديءَ کان به وڌيڪ ادب جي خدمت ڪندڙ اردو ادب کي آسمان جي بلندين تائين پهچائيندڙ وطن جي مظلوم طبقي جا گيت ڳائيندڙ هن عظيم انقلابي شاعر جو روح 20 نومبر 1984ع تي سندس جسم مان پرواز ڪري ويو.

ويران هي ميڪده خم و ساغر اداس هين،
تم ڪيا گئي ڪي روٺ گئي دن بهار ڪي.

سندس ڇپيل شاعري جي مجموعن ۾ ”نقش فريادي“، ”دست صبا“، ”دست انگ“، ”سر وادي سينا“، ”قرض دوستان“، ”ميري دل ميري مسافر“ ۽ ”ساري سخن هماري“ شامل آهن. سندس سمورا ڇپيل ڪتاب نسخ هائي وفا جي نالي سان هڪ ئي جلد ۾ شايع ٿي چڪا آهن. سندس روح جي گهرائين مان تخليق ڪيل شاعري، اڄ به هن ديس جي مظلومن لاءِ هڪ آٿت آهي، اتساهه آهي، آدرش آهي.

سنڌ جو شعور، پنهنجي پوريءَ سچائيءَ سان، فيض احمد فيض جي ڏاهپ، ادبي تخليق، قابليت ۽ بهادريءَ کي مان ڏئي ٿو فيض احمد فيض مستقبل جي انسانن ۽ انقلابين جي دلين ۾ ڌڙڪندو رهندو . سندس نيڻن ۾ اٽيل انساني آجپي، جياپي واري سپني کي، سونهن ورني ساڀيان ضرور ملندي.

# سرموڙ ڪهاڻيڪار نسيم ڪرل

زين سولنگي

سنڌي ادب ۾ افسانا لکندڙن جي ڪائي کوٽ ناهي، جن جن به شاهڪار افسانا لکيا آهن انهن کي مڃتا ملي آهي، ڪوڙ سارا نالا آهن. جڏهن سنڌي ادب جي تاريخ پڙهون ٿا ته ڪيترن ئي سينئر ليکڪن افسانا لکيا آهن جن ۾ اياز قادري، جمال ابڙو، رشيد ڀٽي، شيخ اياز، امر جليل، علي بابا، حفيظ شيخ، ڊاڪٽر نجم عباسي، سراج، طارق اشرف، ماهتاب محبوب، نورالهدي شاه وغيره. انهن وڏن نالن ۾ ٻين ڪيترن ئي افسانه نگارن جي باوجود سنڌ جي ناميارياري افسانه نگار نسيم ڪرل کي اڄ به ان چاهه سان پڙهيو وڃي ٿو جيڪو ان کي پنهنجي دور ۾ پڙهيو ويو يا مڃتا ملي.

نسيم ڪرل ولد حاجي عبدالڪريم ڪرل 29 جون 1939ع تي ڳوٺ ڪرل، تعلقه گمبٽ ضلع خيرپور ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم 45-1944ع دوران پرائمري اسڪول عبالڪريم ڪرل ۾ سيڪنڊري تعليم گورنمينٽ ناز هاءِ اسڪول خيرپور ۾ 1948ع کان 1955ع تائين حاصل ڪيائين. مئٽرڪ آرٽس 1955ع ۾ ڏنائين ۽ وڌيڪ تعليم لاءِ سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچي ۾ داخل ٿيو ۽ 1959ع گريجوئيشن ڪيائين. ڪاليج جي پڙهائيءَ دوران پروفيسر ڊاڪٽر اياز قادري ۽ پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهه سنڌس استاد رهيا. ڪاليج ڇڏڻ کانپوءِ نسيم ڪرل باقائده ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون. ان کان ڪجهه ڪهاڻين جا ترجما پڻ ڪيائين. نسيم ڪرل سنڌ جي انهن چند ڪهاڻيڪارن ۾ شامل آهي جن جي ڪهاڻين کي وڏي چاهه سان پڙهيو وڃي ٿو. نسيم ڪرل جي ڪهاڻين جا مجموعا شبنم شبنم ڪنول ڪنول (1968ع)، چوٽيهون در (1973ع) ۽ ڊمي شايع ٿيل آهن. ”ڊمي“ ۾ سنڌس ڪجهه مضمون ۽ اڻ پوري ڪتاب ”هوجي وڻ وندر جا“ مان ڪجهه دلچسپ باب پڻ شامل ٿيل آهن. اهو ڪتاب سندس وڇوڙي بعد 1984ع ۾ شايع ٿيو. نسيم ڪرل جي ڪهاڻين جو مجموعو جيڪو دانش نواز مرتب ڪري ”نسيم ڪرل جون ڪهاڻيون“




جي نالي سان 2007ع ۾ شايع ڪرايو آهي، ان کان علاوه 1974ع ۾ ناميارياري ليکڪ طارق اشرف سهڻي رسالي جو خاص شمارو ”سهڻيءَ


نسيم ڪرل




جو نسيم کرل نمبر" شايع ڪيو هو. تاج جويي "نسيم کرل وڏو ڪهاڻيڪار ۽ وڏو انسان" مرتب ڪري 2005ع ۾ ڇپرايو. نسيم کرل جي ڪهاڻين کي انگريزي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ جو اعزاز سليم نور حسين ڏانهن وڃي ٿو جنهن Stories of Naseem Kharal ( Translation Saleem Noor Hussain ) سال 2018ع ۾ ڪيو آهي. ڪنهن دوست ٻڌايو پئي ته نامياري ليکڪ، ڊرامه نگار پروفيسر ابراهيم کرل نسيم کرل جي ڪهاڻين تي "نسيم کرل جي ڪهاڻين جو تنقيدي جائزو" تي پي ايڇ ڊي ڪئي آهي. اهو ساراهه جوڳو ڪم ليکبو.

پروفيسر ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ پنهنجي ڪتاب "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو" ۾ نسيم کرل لاءِ لکيو آهي ته: "هن دور جو وڏو ڪهاڻيڪار هو. هن حقيقت پسندانه زندگيءَ جي عڪاسي ڪئي آهي. سندس ڪن ڪهاڻين ۾ جنسيات جو دخل به آهي. هن معاشرتي حالتن ۽ سماج جي طبقاتي نظام جي ترجماني به ڪئي آهي."

ناميار ي ليکڪ پروفيسر ڊاڪٽر غفور ميمڻ پنهنجي پي ايڇ ڊي ٿيسز "سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر" جي صفحي 396 تي نسيم کرل جي ڪهاڻين تي زبردست انداز ۾ لکيو آهي ته "نسيم کرل سماج جي هيٺين پرت کان وٺي مٿين طبقي تائين زندگيءَ جا انوکا رنگ روپ ڪڍي اسان جي سامهون آندا آهن . جاگيرداري سماج جي زوال پذير قدرن مٿئين طبقي جي نفسياتي پيچيدگين ، وچين طبقي جي اخلاقي ڪمزورين، موقعي پرستن ۽ سنڌي سماج جا نيث ثقافتي پهلو اجاگر ڪيا آهن . عام طور تي چيو ويندو آهي ته نسيم کرل وڏيري طبقي مان هو جنهن ڪري هن پنهنجي طبقي تي لکيو . سندس ڪهاڻين ۾ طبقاتي ڪشمڪش ڪانهي پر مان سمجهان ٿو ته نسيم زندگيءَ جي هر پل جو ڪهاڻيڪار هو."

نسيم کرل جون هونئن ته سڀئي ڪهاڻيون لاجواب آهن پر چوٽيهون در، ٻڳڻ، پهرين مراد ، گتس ، زماني جي گردش، مڪسٻ گرل ، ڪرنٽ ، ڪافر گذريل واردات، شبنم شبنم ڪنول ڪنول ڪمال جون ڪهاڻيون آهن ، جن کي پڙهڻ سان دماغ کليو وڃي. ناميار ي ليکڪ ولي رام ولڀ نسيم کرل لاءِ لکيو آهي ته: "نسيم کرل معروضي (Objective) ڪهاڻيڪار آهي،) هو ڪهاڻيون تخليق نه ٿو ڪري پر زنده حقيقت تان پردو کڻي ٿو." سنڌ جي هن ناميار ي ڪهاڻيڪار نسيم کرل کي 14 جولاءِ 1978ع تي شهيد ڪيو ويو.

# عالمي شهرت رکندڙ ليکڪ چيخوف جي چونڊ ڪهاڻي

# شرط

سنڌيڪار: محمد عثمان عباسي

*[چيخوف ( 1840ع - 1904ع) جڳ مشهور افسانه نويس ۽ ڊرامه نگار آهي. انسان جي اڪيلائي، محرومي ۽ زندگيءَ جي بيقراري هن جي پسند جا موضوع آهن. جيئن ته هُو ڊاڪٽر هو، ان ڪري سائنسي تربيت جي ڪري حقيقت نگاريءَ جو هڪ نئون انداز روسي ادب کي مليو. هن جي لکتن ۾ واپاري، شاگرد، پادري، استاد، ججم، مئجسٽريٽ، جسماني مريض، چرين توڙي ۽ اعليٰ سرڪاري آفيسن سميت سيني طبقن جي تنگ نظري ۽ سادگيءَ جا عڪس نظر اچن ٿا. "شرط" چيخوف جو مشهور افسانو آهي. ]*

خزان جي هڪ اداس شام هئي ۽ هُو منهن هيٺ ڪري پنهنجي ڪمري ۾ هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين هن مهل تائين خبر نه آهي ته ڪيترا چڪر لڳائي چڪو هو. ايتري ۾ هُو پندرهن سال پهريان واري ان يادگار پر لطف تقريب جون يادون تازيون ڪري رهيو هو جڏهن هن جي ملاقات شهر جي سيني کان وڏي مشهور ۽ نوجوان وڪيل سان ٿي هئي ۽ ان سان گڏ رسمي سلام دعا کانپوءِ گفتگو تمام جلد هڪ آخري دلچسپ بحث ۾ متجي وئي هئي. هُو پاڻ هڪ وڏو دولتمند يهودي هئو ۽ بين ڪاروباري ڪمپنين کي وياج تي تمام گهڻي رقم قرض ڏيندو هو. هي نوجوان وڪيل هن سان گڏ ڪاروبار ڪرڻ واري هڪ ڪمپنيءَ جو قانوني صلاحڪار هو ۽ ٻين ماڻهن سان گڏ ان هن کي به پاڻ ڏي توجهه ڏياريو هو. واپاري ذهانت کانسواءِ هي نوجوان تمام گهڻو سهڻو به هو ۽ هن جي شخصيت پرڪشش پڻ هئي، بحث هن ڳالهه تي ڇڙيو ته موت جي سزا هڪ انتهائي ظالماڻو ۽ خراب ڪم آهي. پارٽيءَ ۾ پروفيسر صحافي، مصنف ۽ ٻيا دانشور به هئا. گهڻن جو خيال هو ته اسلام جي شروعاتي دور جي هن يادگار کي به ختم ڪرڻ گهرجي.

اسان جو مذهب، معاشرو ايتري ظالماڻي سزا برداشت نه ڪري سگهندو. ڪيترن جو خيال هو ته موت جي سزا کي عمر قيد ۾ تبديل ڪرڻ گهرجي.

"مان توهان جي ڳالهه سان اتفاق نٿو ڪريان،" ميزبان يهودي جوش ۾ اچي بحث ۾ حصو وٺندي چيو. "جيڪڏهن مون کي موت جي سزا يا عمر ڀر قيد جي سزا سان ڪڏهن به واسطو نه پيو آهي پر مان سمجهان ٿو ته جيڪڏهن مونکي انهن ٻنهي مان هڪ جي چونڊ ڪرڻي پئي ته موت جي سزا کي پنهنجي لاءِ پسند ڪندس. هي فقط هڪ جهٽڪي جي تڪليف ڏيندي جيئن سڄي عمر قيد جي هر گهڙي، ڦاسي کان وڌيڪ تڪليف ڏيندي، مان عمر قيد کي موت واري سزا جي مقابلي ۾ وڌيڪ غير انساني سمجهان ٿو! اوهان ئي ٻڌايو جناب ڪهڙي ڳالهه وڌيڪ اهميت واري آهي، اوچتو ماري


انتون چيخوف

چڙهڻ يا ساسائي سهسائي سهسائي آهستي ماري چڙهڻ؟"

"ٻئي غير انساني آهن" هڪ مهمان پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو. ڇو ته ٻنهي جو مقصد قيمتي انساني جان کي ختم ڪرڻ آهي، رياست يا حڪومت الله نه هوندي آهي، جيڪڏهن هي ڪنهن کي زندگي نه ٿي ڏئي سگهي ته ان کي زندگي واپس وٺڻ جو حق نٿو ڏئي سگهجي.

"اوهان قانون جا ماهر ڄاڻو آهيو اوهان جي آخري راءِ ڪهڙي آهي؟" هڪ شخص نوجوان وڪيل کي پنهنجي اظهار خيال جي دعوت ڏني. موت جي سزا ۽ عمر قيد ٻئي خطرناڪ ۽ غير انساني سزائون آهن پر جيڪڏهن مون کي انهن مان هڪ جي چونڊ ڪرڻ جي لاءِ چيو وڃي ته مان معزز ميزبان جي اُبتڙ عمر قيد کي پنهنجي لاءِ پسند ڪندس، هن نموني زندگي ته ختم نه ٿيندي، مان سمجهان ٿو بلڪل نه رهڻ کان ڪنهن نه ڪنهن حال ۾ جيئرو رهڻ بهتر آهي."

"ايئن ڪنهن به حالت ۾ نه ايئن ڪهڙي به حالت ۾ نه."

"هي صحيح چوي ٿو منهنجو رايو به اهوئي آهي."

"بلڪل غلط، صفا غلط":

"اهڙو جيئرو رهڻ موت کان وڌيڪ خراب ٿيندو."

هڪ ئي وقت ڪيترن جي ئي آواز سان ڪمري ۾ شور ٿي ويو. بحث ۾ اوچتو شدت پيدا ٿي وئي هئي، نوجوان ميزبان جيڪو اڃا تائين ڏاڍي نرمي ۽ بردباري سان ڳالهيون ڪري رهيو هو اوچتو جوش ۾ اچي ويو ۽ هوا ۾ هٿ لوڏي چوڻ لڳو "اهي سڀ زباني ڳالهيون آهن. سچي عمر قيد ۾ پوڻ سولو نه آهي، نوجوان وڪيل هڪ مهينو قيد ڪاٽي نه سگهندو سو سچي عمر قيد ڪيئن ڪاٽي سگهندو؟"



"مان چيو آهي جيڪڏهن مونکي ٻنهي مان هڪ جي چونڊ ڪرڻي پئي ته مان عمر قيد کي پسند ڪندس." وڪيل چيو.

"هي ڪوڙ آهي، تون قيد جي پهرين سال ئي چوندين ته مونکي موت جي سزا ڏيو مونکي عمر قيد نٿي گهرجي."

ايئن ڪڏهن به نه ٿيندو مان هڪ سال ته ڇڏ پر پندرهن سالن تائين هي مطالبو نه ڪندس.

اها ڳالهه آهي ته اچ مان شرط هڻان ٿو ويهه لک ڊالرن جو.

"ويهه لک ڊالر" نوجوان وڪيل هڪ گهڙي لاءِ سوچ ۾ پئجي ويو "نيڪ منظور آهي،" وري هن چيو "منظور" سڀئي ماڻهو شاهد هجو!

"اسان سڀ شاهد آهيون." سڀني هڪ ئي آواز ۾ چيو ۽ يهودي ميزبان ۽ نوجوان وڪيل اڳتي وڌي هٿ تي هٿ هڻي شرط کي پڪو ڪيو.

مان پنهنجي زندگي جي پندرهن سالن جو قيد لاڳيتو قبول ڪريان ٿو؟

مان هن لاڳيتي قيد جي ڪاميابي تي توکي ويهه لک ڊالر انعام ڏيڻ جو واعدو ڪريان ٿو.

ايئن ڳالهين ڪندي بحث اوچتو سنجيده شڪل اختيار ڪري ورتي ۽ خطرناڪ پر وحشياڻو معاهدو مقرر ٿيو ڪجهه وقت ڪانپوءِ ڪاڏي جي ميز تي يهودي مهمان نواز چئلينج قبول ڪرڻ واري وڪيل کي چيو "مون وٽ بيشمار دولت آهي ايتري جو مان شمار به نٿو ڪري سگهان. ويهه لک ڊالر منهنجي لاءِ ڪو به مسئلو نه ٿا پيدا ڪري سگهن. پر تون چڱي طرح سوچ، سچي زندگي جي تڪليف خريد ڪري رهيو آهين. هڪ دفعو وري چانس ڏيان ٿو هوش ۾ اچ."

"مان پنهنجي لفظن کان ڦرڻ وارو نه آهيان، هي ڇو نه هڪ ڏکيو ئي تجربو سهي."

"مان چوان ٿو ته تون پنهنجي زندگي جا ٿي چار قيمتي سال ايئن ئي ختم ڪري ڇڏيندين، ٿي چار سال انڪري چوان ٿو جو مونکي يقين آهي ته تون ان کان وڌيڪ وقت جيل ۾ جيئرو رهي نه سگهندين. چريو ٿي پوندين، يا جيل جي پٿرن سان مٿي جا

ٽڪر هٽي پاڻ کي ماري ڇڏيندين."
"ايئن ڪڏهن به نه ٿيندو. پنهنجي ڳالهه تي مضبوط رهه."
"مان پنهنجي شرط تي قائم آهيان پر تون شايد زندگي کان تنگ اچي چڪو آهين. پنهنجي خوبصورت حسين جواني تي رحم ڪر! قياس ڪر! ايئن نه چئو ته پنهنجي مرضيءَ سان قيد ڪاٽڻ، زبردستي قيد کان تمام گهڻو مشڪل هوندي آهي. هي خيال ڪجان ته جڏهن به تون چاهين شرط هارائي جيل کان ٻاهر اچي سگهين ٿو. توتي زندگيءَ جي هڪ هڪ گهڙي عذاب بڻائي ڇڏيندو. نوجوان دوست! مون کي توتي ترس اچي رهيو آهي."

پوڙهو يهودي ڪمري ۾ چڪر لڳائيندي گذريل هڪ هڪ گهڙي جون يادون يازيون ڪري هو سڄا پندرهن سال هڪ لاڳيتي فلم وانگر هن جي ذهن جي پردي تي اچي وڃي رهيا هئا ۽ هاڻي هي سوچي رهيو هو مان هي چرپاٽ بلڪ ظالماڻو چئلينج ڏنو ئي ڇو هو؟ ڳالهيون ڪندي ڪندي مان ايترو جلدي ڇو سنجيده ٿي ويو هيس. وڪيل پنهنجي زندگيءَ جا پندرهن سال داءَ تي لڳائي ڇڏيا هئا ۽ مان ويهه لک ڊالر خرچ ڪري ڇڏيا آهن. پر ڇا هن منهنجي هن حرڪت مان ان ڳالهه جو سدائين جي لاءِ (فيصلو) واضح ٿي سگهي ٿو ته موت جي سزا بهتر آهي يا عمر قيد؟ ڪڏهن به نه ڪڏهن به نه هي سڀ بڪواس هئي، بيهودگي هئي. ڪاش مان ئي عقلمند هئس. منهنجي طرفان هي اڻ مئي دولت جي انڌي نمائش هئي ۽ نوجوان وڪيل جي طرف کان دولت جي هوس کان سواءِ ڪجهه به نه هو. هاڻي هن جي ذهن ۾ پارٽي ڪانپوءِ ٿيڻ واريون ڳالهيون ياد اچي رهيون هيون. تڏهن هي معاهدو طئي ٿيو هو ته وڪيل باغ جي هڪ ڪنڊ ۾ قيد اڪيلائي ۾ پندرهن سال رهندو. هن جي سخت نگراني ڪئي ويندي. هي به طئي ٿيو ته ان عرصي ۾ هُو پنهنجي ڪمري مان ٻاهر نڪري نه سگهندو. ٻين ماڻهن سان ملڻ ۽ انهن سان ڳالهيون ڪرڻ يا انهن جي شڪل ڏسڻ جي به اجازت نه هوندي. هي انسان جو به آواز ٻڌي نه سگهندو. پر هن کي روزانو اخبار ۽ ضرورت وارا ڪتاب پڙهڻ ڏنا ويندا. هن کي موسيقي جو هڪ اوزار ڏنو ويندو. خط لکڻ ۽ وٺڻ حق هوندو. سگريٽ ۽ شراب به مهيا ڪيا ويندا. هي به طئي ٿيو ته ٻاهرين دنيا سان ڪمري ۾ خاص طور تي مٿاهين تي روشندان جي ذريعي خاموش رابطو رکي سگهندو يعني پنهنجي ضروريات جو اظهار خط جي ذريعي ڪندو ان ئي روشندان مان هن کي خوراڪ ۽ ضرورت واريون ٻيون شيون ڏنيون وينديون. معاهدو لکيل ۽ قانوني طور تي طئي ٿيو ۽ ان ۾ سڀئي تفصيل لکيا ويا. هي به لکيو ويو ته نوجوان وڪيل چئلينج جي روءِ سان 14 نومبر 1870ع جي رات جو ٺيڪ 12 وڳي پنهنجي اڪيلائي واري قيد جي شروعات ڪندو ۽ پندرهن سالن جي قيد مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ 14 نومبر 1885ع جي رات جو ٺيڪ ٻارهين لڳي هڪ منٽ تي هن جي ڪوٺي جو دروازو کولي هن کي آزاد ڪيو ويندو ۽ چئلينج جي ڪاميابي پڄاڻي تي ڪيس ويهه لک ڊالر روڪ ڏنا ويندا پر جيڪڏهن هي مقرر ٿيل وقت کان منٽ به پهريان ٻاهر نڪتو آهي يا ڪنهن به قسم جي خلاف ورزي جو قصوروار ٿيو ته اهي ويهه لک ڊالرن جي ڏيڻ جو حقدار نه هوندو ۽ شرط هارائي ويندو.

روشندان کان ٻاهر موڪلڻ وارين ننڍين پرچين مان اهو اندازو ٿيو ته قيد جي پهرين سال وڪيل اڪيلائي ۽ بوريت کان تمام گهڻو پريشان ٿيو هن جي بند ڪمري ۾ رات ڏينهن پيانو وڄائڻ جو آواز ايندو رهندو هو هن شراب ۽ سگريٽ وغيره وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو شراب جي ٻاري ۾ هن لکيو ته : "هي به خواهشن کي ڀڙڪائيندو آهي ۽ خواهشون هڪ قيديءَ جون سڀ کان وڏيڪ دشمن هونديون آهن." هن هي به لکيو ته "اڪيلو ويهي ڪري نشو ڪرڻ کان وڏيڪ بور ڪرڻ واري ڪا به ڳالهه نٿي ٿي سگهي ۽ تماڪ جي ٻاري ۾ سندس راءِ هئي ته هي ڪمري جي بند فضا کي وڏيڪ خراب ڪري ڇڏيندو آهي." قيد جي پهرين سال وڪيل کي سندس مطالبي تي هلڪي ڦلڪي ڪهاڻين جا ڪتاب ۽ ناول ڏنا ويا. هن محبت ۽ ڌوڪي وارا ناول ۽ خيالي ڪهاڻين ۾ وڏيڪ دلچسپي ظاهر ڪئي. ٻئي سال دوران پيانو وڄڻ بند ٿي چڪو آهي. هن کي هاڻي هن ساز کان به چڙ ٿي ويئي هئي. هاڻي هن گهڻي کان گهڻي ڪلاسيڪي ڪتابن جي فرمائش ڪئي. پنجين سال ۾ هن جي ڪمري مان موسيقيءَ جو آواز وري اچڻ شروع ٿيو ۽ قيدي شراب جي فرمائش به شروع ڪئي. لڪي لڪي هن کي ڏسڻ وارن ٻڌايو ته هو سڄو سال کائيندو پيئندو ۽ سمهيو رهيو. هي گهڻو ڪري پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندو رهيو ۽ پاڻ کي ڇڳو خراب چوڻ شروع ڪيو. هن سال هڪ به ڪتاب نه پڙهيائين. اڄ کان اڳ ڇئن سالن ۾ هن جي فرمائش تي اٽڪل ڇهه سئو ڪتاب هن کي خريد ڪري ڏنا ويا هئا. سندس گهڻي مطالعي جو نتيجو هو ته هن هڪ ڏينهن يهوديءَ کي خط لکيو جنهن ۾

لکيل هو ته ”ڊيئر! مان هي توکي خط ڇهن زبانن ۾ لکي رهيو آهيان. هن کي انهن زبانن جي ماهرن کي ڏيکار ۽ پڙهاءِ. جيڪڏهن انهن کي منهنجي جملن مان زبان ۽ بيان جي ڪا به غلطي نظر اچي ته منهنجي ڪمري جي ويجهو باغ ۾ ڪنهن جاءِ تي بندوق جو هڪ ٺڪاءُ ڏيارجان. ان آواز مان مونکي خبر پوندي ته مان هي زبانون سکڻ جي لاءِ جيڪا محنت ڪئي آهي اها ضايع نه ٿي آهي. هي اهي ئي مختلف علمي زبانون آهن جيڪي مختلف قومن جا ماڻهو ڳالهائيندا آهن ۽ جيڪي مون سڄي دور جي انسانن جي ذهنن جا انمول خزانا گڏ ڪيا آهن. تون منهنجي خوشيءَ جو اندازو نه لڳائي سگهندين جيڪا مونکي انهن زبانن تي عبور حاصل ڪندي ٿي آهي.“

مختلف لساني ماهرن کي هن جو خط پڙهائڻ کانپوءِ باغ ۾ بندوق جو فائر ڪيو ويو. اڳتي هلي قيد جي اڪيلائي جي ڏهن سالن ۾ خاص ڪري وڪيل کي پنهنجي مطالعي جي ميز تي هڪ ئي ڪتاب جي اڳيان سر نوائيندي ڏٺو ويو. يهودي حيران هئو ته اهو شخص جنهن پهرين چئن سالن ۾ ڇهه سئو ضخيم ۽ ڏکئي ۾ ڏکيا ڪتاب پڙهي ڇڏيا آهن. سڄو سال فقط هڪ ئي ڪتاب کي پڙهندو رهيو هي سال ختم ٿيڻ تي هن ان جي جاءِ تي عالمي مذهبن ۽ عقيدن جي باري ۾ هڪ نئين ڪتاب جو مطالعو شروع ڪري ڏنو.

قيد جي آخري ٻن سالن ۾ وڪيل هر قسم جي ڪتابن جو مطالعو ڪيو. هاڻي جيڪو به ڪتاب هن کي هٿ ايندو هو ته هي ان کي پڙهي ڇڏيندو هو. هن پهريائين ته فطرت جي مطالعي متعلق ڪتابن کي پڙهي ڇڏيو پوءِ بائرن ۽ شيڪسپيئر کي پڙهيو هاڻي هن جي طرفان جيڪي خط ملندا هئا، انهن ۾ هڪ ئي وقت ڪيمسٽري، ميڊيسن، ناولن، فلسفوءِ مذهبي جي متعلق رسالن ۽ ڪتابن جي فرمائش ٿي هئي. ايئن پيو محسوس ٿئي ته جيئن سمنڊ ۾ ٻيڙي دل شڪسته انسان آهي جيڪو ڪڏهن هڪ تختي جو سهارو وٺندو آهي ۽ ڪڏهن ٻئي ڪري ٻئي تختي کي جهلي وٺندو آهي ۽ ايئن ئي پاڻ کي ٻڏڻ کان بچائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندو آهي.

يهودي سر جهڪائي تلندو پنهنجي يادگيرين جو هڪ پنو اٿلائي رهيو هو. سڀاڻي منجهند جو نيڪ ٻارهين بجي هن جي قيد جو ڏکو مدو ختم ٿي ويندو. پورن پندرهن سالن کانپوءِ هُو منهنجي قيد کان آزاد ٿي ويندو ۽ وعدي مطابق مون کي ويهه لک ڊالر ڏيڻا پوندا. مون وٽ هاڻي ايتري رقم ڪٿي آهي؟ جيڪڏهن مان پنهنجو سڀ ڪجهه وڪڻي سڀ ملڪيت گڏ ڪري هن کي اها رقم ڏيڻ جي ڪوشش ڪيان ته به بلڪل تباهه ۽ برباد ٿي ويندس. سچو! هڪدم سچو! پندرهن سال اڳ ته مون وٽ ويهه لک ته ڇا پر ڪيترائي ويهه لک ڊالر هئا. ايترا جو انهن جي ڳڻپ ۽ حساب ڪتاب رکڻ به مشڪل هو پر اڄ منهنجي گڏ ڪيل ملڪيت جي مقابلي ۾ مون تي قرض جا بار تمام گهڻا آهن. ڪاروبار ۾ ستي بازي يعني چالاڪي ۽ فريب مون کي بلڪل ئي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. مون کي منهن ڏيکارڻ جهڙو نه ڇڏيو آهي. پريشانين مونکي ايئن ئي تمام گهڻو پوڙهو ڪري ڇڏيو آهي. مارڪيٽ ۾ منهنجي پت وڃائجي چڪي آهي. مان پاڻ اعتبار جي دولت کان نااميد آهيان. هاڻي ڊڄ ٿئي ٿو جن وڏين وڏين ڪمپنين کان رقمون وٺيون هيون انهن مان به ڪيترين ختم ٿي چڪيون آهن. مقدر تمام وڏي دعا ڪئي آهي. قرض خواهه پنهنجا پئسا گهرڻ جي لاءِ ڪورٽن ۾ منهنجي خلاف فرياد ڪرڻ لاءِ سوچي رهيا آهن. پوءِ هي نئين مصيبت سڀاڻي هن پوڙهي دانشور وڪيل کي به ويهه لک ڊالر ڏيڻا پوندا. يا الله مان ڇا ڪريان! ڪٿي وڃان؟ اهو چئي يهودي ٻنهي هٿن سان منجهيل اڇن وارو مٿو ڏکيو، وري سوچڻ لڳو: هي ماڻهو مري چو نٿو وڃي، پر اڃا ته هن جي عمر فقط چاليهه سال آهي، هُو سڀاڻي مون کان ويهه لک ڊالر وٺي ڇڏيندو نه ڏيندس ته عدالت جي ذريعي ڪيرائيندو ۽ پوءِ منهنجي پئسن تي عيش ڪندي گهمندو ۽ مون کي هڪ هڪ پائي لاءِ محتاج ٿيڻو پوندو. هو لکا پتي ٿي ويندو ۽ مان گداگر. پوءِ هو روزانو وڏي ڏک سان مون کي خيرات ڏيندي هي لفظ چوندو: منهنجي هيءَ جاءِ ۽ خوشحالي تنهنجي ڪري ئي آهي. اڄ مان تنهنجي مدد ڪريان. نه نه! مان هي سڀ ڪجهه نٿو ٻڌي سگهان. ايئن ڪڏهن به نه ٿيندو مان ايئن ٿيڻ نه ڏيندس.

يهودي اُٿي پيو ۽ پنهنجي منجهيل وارن کي پوري وحشت سان ڪنهيو پوءِ هن کي اوچتو خيال آيو سڄي رسوائي ۽ ذلت کان بچڻ جو هڪ طريقو آهي ”وڪيل کي ماري ڇڏجي.“ هن خيال جي ايندي ئي يهودي جي بيقرار دل کي سومون اچي ويو، گهڙيال تي وڳي جي گهنٽي هنئي، يهودي اڃا تائين اڳي رهيو هو گهر جا باقي سڀئي ڀاتي گهري ننڊ ۾ پيا هئا. ٻاهر مينهن ۾ وڻن جي لامن ڪانسواءِ ڪو به آواز نه هئو هن ماٺ ميٺ ۾ پنهنجي لوهي تجوڙي مان قيديءَ جي ڪمري جي چاٻي ڪڍي. پندرهن سالن ۾ ان چاٻي کي هڪ دفعو به استعمال نه ڪيو ويو هو. هن پنهنجو

اوور ڪوٽ پاتو ۽ خاموشيءَ سان ٻاهر نڪري ويو باغ ۾ اوندهه ۽ سخت سردي هئي. مينهن به وسي رهيو هو. تڏي هوا جا جهوٽا وڻن کي لوڏي رهيا هئا. يهودي قيديءَ جي ڪمري ٻاهران ورانڊي ۾ پهچي ويهي ويو هن چوڪيدار کي به دفعا سڏيو پر جواب ڪو نه آيو ايئن پيو محسوس ٿئي ته خراب موسم جي ڪري چوڪيدار بورچيخاني يا ڪنهن ٻي جاءِ پناهه ورتي هجي ۽ وڃي سمهي پيو هجي. يهوديءَ دل ئي دل ۾ سوچيو ”مون ۾ طاقت آهي. مان جيڪو پروگرام ٺاهيو آهي ان تي عمل ڪري سگهان ٿو شڪ پيو به ته چوڪيدار تي پوندو.“ هي اونده ۾ ٽلندو ٽلندو قيديءَ جي ڪمري تائين پهچي ويو پوءِ هن ماچيس جي تيلي ٻاري ۽ ان جي روشنيءَ ۾ هيڏي هوڏي ڏٺو شراب، ٽانو چوڏاري ڪنڊڙيل هئا. هڪ جاءِ تي وسايل استور پيو هو چوڪيدار جو بسترو خالي پيو هو ۽ سندس چادر به نه هئي. ڪٿي به ڪنهن انسان جي موجودگيءَ جو نشان نه هو. تيلي جي وسامندي ئي پوڙهو يهودي ڏڪندي ڄنگهن کي هٿن سان جهلي ٽپائي تي چڙهي ويو هن روشندان جي ذريعي قيديءَ جي ڪمري ۾ ليئو پائي ڏٺو برنڊزمينٽ بتي آخري پساهن تي هئي. قيدي ميز تي مٿو رکيون وينو هو پنيان فقط سندس چيلهه، اچا منجهيل وار ۽ سڪل هٿ ئي نظر اچي رهيا هئا. ميزان سان گڏ به ڪرسيون ۽ هيٺ قالين تي هِتي هُتي ڪتاب ڪنڊڙيا پيا هئا. پنج منٽ گذري ويا پر قيديءَ جي جسم ۾ ڪا به چرپر نه ٿي. يهودي دريءَ جي تاڪن تي پنهنجي آڱرين سان ڪڙڪو ڪيو پر هن جي جواب ۾ قيديءَ جي پراٽي جسم ڪا به چرپر نه ڪئي. هاڻي يهودي تمام گهٽو آهستي آهستي تالي تي لڳل ڪپڙي تان سيل کي توڙيو. ڪپڙي کي چاقوءَ سان ڪٽيو ۽ ان جي اندر وڏي ڪلف جا ليور پندرهن سالن تائين بند رهڻ ڪري ڪٽجي ويا هئا. تڏهن به ڪجهه زور لڳائڻ سان تالو ڪلي ويو. ان کي پڪ هئي ته ڪلف ڪلڻ جي آواز سان گڏ قيدي چرڪ پري اُٿندو ۽ دروازي ڏانهن ڊوڙندو پر ايئن بلڪل نه ٿيو. به ٽي منٽ گذري ويا. خاموشيءَ کي ڪنهن به آواز يا چرپر نه توڙيو هاڻي هن ڪمري ۾ داخل ٿيڻ جو فيصلو ڪيو. ميز جي اڳيان جيڪو ماڻهو وينو هو اهو عام انسانن کان مختلف هو اهو فقط انساني ڍانچو هو غير صحتمند، ڪمزور ۽ پوڙهو هڏين تي سڪل انساني کل چڙهيل هئي. هن جي منهن جو رنگ ڦڪو مٽيءَ جي رنگ جهڙو هو کل اندر سڪي جمي ويئي هئي، وار چانديءَ جي تارن وانگر چمڪي رهيا هئا ۽ ڪو به ماڻهو ڏسي ڪري هن ڳالهه تي اعتبار نه ڪري سگهندو ته هن جي عمر فقط چاليهه سال ٿيندي. ميز تي سندس رکيل مٿي جي هيٺان هڪ ڪاغذ پيو هو جنهن تي سنهڙن اکرن ۾ ڪجهه جملا لکيل هئا:

”هاءِ ويچارو وڪيل“: يهودي هن تي ترس کائيندي دل ئي دل ۾ چيو هن کي ته رهائڻ جي لاءِ مونکي ڪجهه وڏيڪ پريشاني ته نه ڪرڻي پوندي، جڻ مئل ڍانچي کي کڻي پلنگ تي رکندس ۽ شهه رڳ تي وهاڻو رکي زور ڏيندو مانس، ٻئي ڏينهن ڪو به ماڻهو ايئن چئي نه سگهندو ته هن جو موت غير طبعي طريقي سان ٿيو آهي پر ان کان اڳ مان هي ڏسڻ چاهيان ٿو ته هن ڪاغذ تي ڇا لکيو آهي. يهودي سندس اڳيان پيل ڪاغذ کنيو ۽ پڙهڻ شروع ڪيو:

”سياڻي رات جو ٺيڪ ٻارهين وڳي منهنجي هي ڏکي اڪيلائي واري سزا ختم ٿي ويندي ۽ منهنجي آزادي بحال ٿي ويندي ۽ مان ٻين ماڻهن سان ملي سگهندس. پر هن کان اڳ جو مان هن ڪمري مان ٻاهر نڪران ۽ سج جي روشنيءَ کي ڏسان، مان هي ضروري سمجهان ٿو ته توهان سان ڪجهه ڳالهيون ڪريان. مون کي پاڪ صاف ۽ بي داغ ضمير ۽ ان الله تعاليٰ جو قسم آهي، جيڪو مون کي هر وقت هر گهڙي ڏسي رهيو آهي ته مان توهان جي سامهون هي اعلان ڪريان ٿو ته آزادي، زندگي ۽ صحت مطلب هر شيءِ منهنجي نظر ۾ ڪا به حيثيت ۽ اهميت نٿي رکي جنهن کي توهان جا ڪتاب دنيا جي نعمت قرار ڏين ٿا.“

”پورن پندرهن سالن تائين مان گهڻي محنت سان زميني زندگيءَ جو مطالعو ڪيو آهي، اهو صحيح آهي ته مان ان عرصي ۾ نه زمين ڏٺي ۽ نه ان تي رهڻ وارا، پر توهان جي ڏنل ڪتابن جي ذريعي مان ان زمين ۽ ان جي نعمتن ۽ برڪتن کي سٺي نموني محسوس ڪيو مان خوشبودار شراب پيتا، وڻندڙ گيت ڳايا، جهنگن، جبلن ۽ وادين ۾ هرڻين جي پنيان ڊڪيس، هرڻن جو شڪار ڪيو عورتن سان محبت ڪيم، حسين ۽ سهڻيون عورتون جيڪي ڪڪرن وانگر هلڪيون، پاڪ صاف ۽ بي ريا ۽ بي داغ هيون. ڪي توهان جي شاعرن پنهنجي تمام گهڻي خيالي قوت سان تخليق ڪيو هو. مون چانڊوڪي راتين ۾ ملاقاتون ڪيون ۽ مون سان گڏ وهاڻي تي مٿو رکي آهستي آهستي ڪن ڳالهين ڪرڻ جي انداز ۾ تمام سنا ۽ بي حساب خوبصورت داستان ٻڌايا ۽ انهن جي بابت نشي ۾ پهرن جا پهر مست رهيس. توهان جي ڪتابن جي ذريعي البرز (ايران

جو هڪ مشهور جبل) جهڙي تمام وڏي ۽ خطرناڪ جبل تي چڙهي ويس ۽ چوٽين تان مون سج کي صبح جي وقت افق مان اُڀرندي ۽ شفق جي دامن ۾ لهندي ڏٺو. مان ڪيتري وقت تائين نيري، آسماني ۽ اڇي آسمان جي ڪنارن تي رنگن جي جادو ڪلڻ جو نظارو ڏٺو. سمنڊن جي ڇاتين تي ڪرڻن جو ناچ گهائل ڪندي ڏٺو هوائن کي ندين جو بدن چمندي ڏٺو جبلن جي ڪنارن تي رات ۽ ڏينهن وارا گل ٽڙندي ڏٺا، سونهري ڪرڻن کي اڇن وارن جي اوٽ مان ليئا پائيندي ۽ سج جي لهندڙ شعاعن کي منحوس اس جو سينو چيريندي ڏٺو مان وڻندڙ ساوا جهنگ، من موهيندڙ فصل، پربل درياهه ۽ پياريون پياريون ڊنڊيون ڏٺيون، ٻهڪندڙ شهر ۽ ڳوٺ ڏٺا، نچندڙن جي دروازن کان نڪرندڙ هوائن جي لهرن تي ٽڙندڙ موسيقي جا منا ۽ سريلا آواز ٻڌا، مان انهن خوبصورت ۽ پاڪ فرشتن جي پرن کي ڇهيو جيڪي منهنجي خواب واري محبت ۾ اندر اچن ٿا ۽ مون سان الله جون ڳالهيون ڪندا هئا. توهان جي ڪتابن جي ذريعي مان زمين ۽ سمنڊ جي تمام هيٺ گهراين ۾ لهي ويس. مون کان ڪرامتون ظاهر ٿيون، مان شهرن کي ساڙي ختم ڪري ڇڏيو نون نون مذهبن جي تبليغ ڪئي ۽ هڪ دنيا کي فتح ڪيو.“

”توهان جي ڪتابن عقل ۽ سمجهه عطا ڪئي ۽ بي فڪر ڏينهن کان وٺي اڄ تائين انساني ذهن جيڪو به ڪجهه سوچيو اهو سڀ جوهر نهي منهنجي هن ننڍڙي کوپڙي ۾ هميشه جي لاءِ محفوظ ٿي ويو ۽ مان سمجهان ٿو ته مان توهان کان ڪيترائي حصا وڌيڪ عقل ۽ دماغ جو مالڪ آهيان، توهان کان وڌيڪ چالاڪ آهيان. پر مان توهانجي ڪتابن کي خراب نظر سان ڏسان ٿو دنيائي تخليق ۽ عقلمندي منهنجي سامهون ڪجهه به حيثيت نٿيون رکن. هر شيءِ ذليل (ڪنهن به اهميت واري نه) آهي. ڪا به حقيقت نه آهي، فريب آهي، دوکو آهي، دوکوئي دوکو آهي، مجان تو ته توهان کي پنهنجو پاڻ تي ناز هوندو، خوبصورتي به، عقل به! پر هڪ اهڙي به طاقت آهي جنهن کي توهان موت چوندا آهيو جيڪو زمين تي توهان جي وجود کي ختم ڪري ڇڏيندو. جيئن توهان جو ڪڏهن وجود ئي نه هو ۽ توهانجي خوشحالي جا هي سڀ قصا ۽ توهانجي نه ختم ٿيندڙ فلاسافين ۽ دانشمندين جو هميشه نالو ۽ ڪم سڀ هڪ نه هڪ ڏينهن هن دنيا سان گڏ ئي ختم ٿي ويندو.“

”توهان چريا آهيو غلط رستي تي نڪري پيا آهيو توهان ڪوڙ کي سچ جي ۽ خراب صورت کي خوبصورتي جي راءِ ڏني، جيڪڏهن ڪن حالتن جي نتيجي ۾ وڻن تي ميون ۽ گلن جي جاءِ تي ڏيڏر لڳڻ شروع ٿين ته توهان عجب ڪائيندؤ اهڙي طرح اڄ مان توهان تي تعجب ڪري رهيو آهيان. جنهن هن زمين کي جنت جي دل سمجهي ڇڏي آهي، خوبصورتي جو سودو خراب صورت سان ڪري ڇڏيو آهي، توهان کي سمجهائڻ يا مطمئن ڪرڻ جي هرگز ڪوشش نه ڪندس! تڏهن به توهان کي آئينو ضرور ڏيکارڻ چاهيان ٿو ۽ انهن شين جي لاءِ پنهنجي نفرت جو ظاهر ظهور اظهار ڪرڻ چاهيان ٿو جنهن لاءِ فقط جنهن جي ڪري توهان جيئرو رهڻ گهرو ٿا. مان ويهه لک ڊالرن جي هن رقم تان هٿ ڪڻان ٿو جنهن کي ڪڏهن مان نعمت يا سکون سمجهي پندرهن سالن جي غلامي ڪلندي خوشيءَ سان قبول ڪئي هئي، هاڻي هي رقم منهنجي لاءِ ڪا به حيثيت نه ٿي رکي، هر قسم جي حق حاصل ڪرڻ ڪان پاڻ کي محروم ڪرڻ جي لاءِ مان لکيل شاهدي جي خلاف ورزي ڪندس ۽ مقرر وقت کان پنج منٽ اڳ قيد کان نڪري ويندس.“

جڏهن يهوديءَ اها عبارت پڙهي ته ان ڪاغذ کي ميز تي واپس رکي ڇڏيو قيديءَ جي جهڪيل مٿي تي چمي ڏني ۽ پوءِ هن کي اکين مان ڳوڙها ڳڙڻ لڳا، هي ڪمري کي اڳ وانگر بند ڪري واپس موتي هليو ويو. هو ان کان اڳ زندگيءَ ۾ ڪڏهن به شرمندو ۽ پشيمان نه ٿيو هو جيترو اڄ هُو زندگيءَ جي وڏي کان وڏي نقصان تي ٿي رهيو هو. هن جي اها حالت ڪڏهن به نه ٿي هئي ۽ اڄ کان اڳ ڪڏهن به هو پاڻ پنهنجي نظرن ۾ ذليل ۽ خوار نه ٿيو هو گهر اچي هي بستري تي سمهي پيو پر ضمير جي لعنت ۽ ڳوڙهن جي تسلسل هن کي هڪ گهڙي ننڊ جي ويجهو اچڻ نه ڏنو.

ٻئي ڏينهن صبح جو غريب چوڪيدار پريشانيءَ جي عالم ۾ ڊڪندو هن وٽ آيو ۽ هن انڪشاف ڪيو ته قيدي روشندان مان پچي نڪتو آهي ۽ هن پاڻ ان کي باغ جي پٽ تپندي ڏٺو آهي، هي ان جي پنيان ڀڳو پر قيدي جلد ئي نظرن کان اوجهل ٿي ويو اهو ٻڌي يهودي پنهنجي سيني نوڪرن کي گڏ وٺي قيديءَ جي ڪمري ۾ پهتو سيني کي قيديءَ جي ڀڄڻ جو شاهد ناهيو ۽ وڌيڪ ڪنهن به قانوني ڪشمڪش ڪان بچڻ جي لاءِ هن ميز تي ڇڏيل قيديءَ جي آخري لکت کي ڪنيو ۽ واپس اچي هن کي پنهنجي لوهي تجوڙيءَ ۾ بند ڪري ڇڏيو.

# مستقبل جي گھرن جون ڊزائنون: خيال ۽ حقيقت

قربان حسين



1980 ۽ 1990ع جي ڏھاڪي استار ٽريڪ موويز گھڻيون مشھور ٿيون ھيون، جن ۾ ماڻھو ھڪ ڪيپسول ۾ وڃي اتان ئي جسم کي روشن ڪري وڃي مريخ تي قدم رکندا ھئا، جنھن ۾ مفاصلو بس ساھ جا ٻه ٽي منٽ. انھيءَ خلائي سفر لاءِ ٺاھيل جڳھون به ڪائنات وانگر انگڙ ونگڙ اُڀٽيون سٻتيون، گول اسٽيڊيم جي دٻي اندر نظر اينديون ھيون! اڄ 2023ع ۾ اھي حقيقت جو روپ ماڻي رھيون آھن جن کي اڳ اسين تخيلاتي ۽ سائنس فڪشن چئي امڪان کان ٻاھر مڃيندا ھئاسين پر ھاڻ جڏھن اسين اسمارٽ ھومز ۽ سٽي پروجيڪٽس پنھنجين کليل اکين سان ڏسون ٿا ته اسان کي اِھو ويساھ اچي ٿو ته اُھو وقت به ايندو جڏھن اسين گھڻ منزل عمارتون فضا ۾ معلق ڏسنداسين. مريخ تي گھر ٺاھڻ جو خواب به حقيقت ماڻي چڪو آھي. مصنوعي ذھانت جي تيز رفتار ترقيءَ روبوٽڪ مزدور ۽ انجنيئر اسان آڏو بيھاري ڇڏيا آھن. ھاڻ اڏاوت ٿري ڊي پرنٽنگ، ڊرون ٽيڪنالوجي ۽ روبوٽڪس سائنس جي امتزاج سان ٽيڪنالاجيءَ سان ايتري قدر سلھاڙجي چڪي آھي جو پاڪستان سميت اڄ سموري عرب، چين، ڀارت، روس، يورپ، آمريڪي دنيا ۾ اسمارٽ ھومز ۽ اسمارٽ سٽيز جو رجحان ايتري قدر وڌڻ لڳو آھي جو ايندڙ ھزارئي جي آخر تائين سنگيولرائيزيشن انقلاب جو اھڙو بائيو ميٽرڪس دور اچي ويندو جنھن ۾ ھر شيءِ ھڪ ڪِلڪ جي مفاصلي تي ھر شئي ھوندي. جتي اڄ وڃ بس ھڪ ميجڪ ڪيپسول ذريعي ٿيندي ۽ عمارتون به D 3 پرنٽر منٽن ۾ تيار ڪري ڏيندو. ڀاڄيون ۽ ميوا به ٿرتُ ”کُلي وڃ سم سم“ وانگر موبائل ايپ وسيلي ڪِلڪ ڪرڻ سان اوھان جي سامھون ھوندا ته اوھان جي ٺاھيل باريءَ جو ٻج ڪيئن اُپري ٿو ۽ ڏسندي ڏسندي ھڪ ميويدار وڻ ٿي پوي ٿو يا ساوڪ يا وري چانور. اِن دور کي ”E پلينيٽ“ ”برقي گرھ“ چيو وڃي ٿو جنھن ۾ ڪراچيءَ کان آمريڪا تائين سڀئي ھڪ ئي فريڪوئنسيءَ ۾ پوئيل ھونداسين.

1958ع کان 1963ع جي دور کي آمريڪا ۾ مستقبل بينيءَ جو سونھري دور ڄاتو وڃي ٿو. آمريڪا جي خلائي تحقيقي اداري ناسا جو بنياد 1958ع ۾ رکيو ويو. جڏھن اينيميٽڊ ڪاميڊي سيريز The Jetson آمريڪي ٽيليويزن تي 1962ع کان شروع ٿي 1963ع تائين آن ايئر رھي. گھرن جي اڏاوت بابت آمريڪا جي مشھور ھائوسنگ ويب سائيٽ 1900ع کان 1970ع تائين مستقبل جي گھرن جي اڏاوت ۽ ڊيزائن جي حوالي سان آمريڪي ماھرن جي اڳڪٿين تي تحقيق ڪرڻ بابت سوچيو. تحقيق جي دائري ۾ اڏاوت لاءِ ڪتب ايندڙ ميٽيريل، اڏاوتي ٽيڪنڪس ۽ آرڪيٽيڪچرل اسٽائل شامل ھئا.

تحقيقاتي ٽيم ۾ شامل آرٽسٽن اُن زماني جا اڏاوتي تصور کڻي جديد ٽيڪنالوجيءَ جي مدد سان ڪمپيوٽر جنريٽڊ اميجز تيار ڪيا آھن، جن کي حقيقت جي روپ ۾ آڻڻ لاءِ ھن وقت به مُلڪ آمريڪا ۽ چين ڪلھو ڪلھي سان ملائي بيٺا آھن. ساڳيءَ ريت ترقي يافته دنيا جا ملڪ برطانيا، فرانس، ڪئنيڊا، ڪوريا، ملائيشيا، سنگاپور به ٽيڪنالوجيءَ جي برڪتن سان اُھي سڀئي تجربا ڪاميابيءَ سان ڪري رھيا آھن جيڪي اڳ رڳو خواب ھئا. ھاڻي اڏاوتي صنعت نه رڳو ٽيڪنالوجيءَ ۾ ماڊرن ٿي

چڪي آهي پر شيشي جي گهرن، گُنبدي عمارتن ۽ هلنڊڙ ڦرندڙ گهرن جي صورت ۾ خاص طور آمريڪا سميت سڀني ترقي يافتا ملڪن جي ڊزني ليند ۽ الادين جهڙين تفريح گاهن ۾ اِهي خوبصورت ڊيزائنون اوهان ڪي نظر اينديون، جنهن جو تازو ماڊل اسان وٽ بحريہ ٽائون، ڊي ايچ اي ۾ فضائيہ آهي جن کي پوري پاڪستان ۾ هاءِ ڪلاس سهولتن سان گڏ اهڙين منفرد اڏاوتي ڊيزائنن سان بہ سينگاريو پيو وڃي جنهن جي سونهن اُن وقت نکري ايندي جڏهن اهي پروجيڪٽس مڪمل ٿيندا. مستقبل جي گهرن جي اڏاوت جو گهڻي ڀاڱي تصور گهٽ ايراضيءَ تي سهڻي من موهڻي اجهي جو آهي چو تہ وڌندڙ آباديءَ ۾ ماحول دوست هر پاسي کليل گهر ئي ماحولياتي گدلاڻ کي ختم ڪري گڏوگڏ خلائي وستيون قائم ڪرڻ ۾ بہ ڪارائتا آهن. وقت سر اڏاوت چيڪي مٽي، سر، پٿر، ماربل، سيمنٽ، لوهہ، اسٽيل کان ٿيندي شيشي ۽ ڪاٺ تائين پهتي جن ۾ نوان تصور پيش ڪندي زلزلي کان بچاءَ لاءِ شيشي جي ڪارائتي استعمال کي بہ نظر ۾ رکيو ويو.

**گلاس هائوس (1920ع)**

1920ع جي ڏهاڪي ۾ مستقبل جي گلاس هائوس بابت اڳڪٿي ڪندي چيو ويو تہ هي گهر شيشي جي اهڙي قسم مان تيار ڪيو ويندو جيڪو سج جي الٽرا وائلٽ شعاعن مان هيلٿ ريز (صحت بخش شعاعن) کي جذب ڪري گهر ۾ داخل ڪندو جنهن سان سڄو سال گهر ۾ صحت بخش قدرتي روشني شامل هوندي. وسڪاري جي مند يا آسمان تي ڪارن ڪڪرن جي صورت ۾ گهر کي مرڪري آرڪ ليمپ (پاري جي بتي) وسيلي روشن رکيو ويندو. مخصوص قسم جي هن شيشي کي Vita Glass جو نالو ڏنو ويو. حيرت جي ڳالهہ اِها آهي تہ پهرين مرحلي ۾ عام شيشي سان اهڙي قسم جي گهر جو تجربو هڪ چڙيا گهر ۾ ڪيو ويو پر ان آئيڊيا تي اِهو چئي ڪم روڪيو ويو تہ اهڙا گهر ماڻهن کي گهرن تائين محدود ڪري ڇڏيندا ۽ ڪين ٻاهر وڃڻ جي ضرورت نہ پوندي.

هن تجويز ڪيل Vita Glass مان ٺهيل گهر ۾ رهڻ جون خوبيون ڪجهہ هن ريت ٻڌايون ويون: هي چمڙيءَ جي ٽيوننگ ڪندو، رت کي قوت بخشيندو، جسم جي مدافعتي نظام کي مضبوط ڪندو. ان کان سواءِ سردين ۾ گهر کي گرم رکڻ لاءِ هٿرادو روشني پيدا ڪندو. اها هام پڻ هنئي وئي تہ هن گهر جون پٽيون حرڪت ڪنديون ۽ فرنيچر بہ پاڻ هرتو هيڏي هوڏي جاءِ مٽائيندو. گهر سان گڏ ڪار ۽ ايئر ڪار لاءِ گيراج بہ تجويز ڪيو ويو. جي اوهين گلاس هائوس (Glass House) مان لاڀ حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا تہ Vita glass جي خوبين کي ڏسي ڪري شيشي جو گهر جوڙي مستقبل شناس ٿي سگهو ٿا.

**رولنگ هائوس (Rolling House_1930):**





اڏام کٽولين يا اُڏندڙ قالين جا قصا

اسان ننڍي هوندي الف ليليٰ (هڪ هزار هڪ راتيون) ۾ پڙهيا هئاسين جڏهن الادين کي جنتي قالين تي ويهاري مٿان مٿان اڏاري ماڳ تي پهچائيندو هو. رولنگ هائوس يا گهمندڙ ڦرندڙ گهر به اهڙو ئي هڪ تصور آهي ته اهڙا پنهنجي ئي مدار تي گهمندڙ گهر ڊيزائن ڪجن، جن کي ضرورت پٽاندڙ ڪٿي به ڪٿي کلي وانگر ٺوڪي پنهنجو اجهو جوڙيو وڃي. ايورڊ ۽ سائنس اينڊ مڪينڪس ميگزين پنهنجي سيپٽمبر 1930ع جي شماري ۾ هام هنئي ته مدار جي شڪل جا گهر نه رڳو حقيقت جو روپ ڌاريندا پر دنيا جي "فيشن ايبل هومز" جو رتبو به ماڻي وٺندا. اڏاوت ۽ ڊيزائن ۾ ان نواڻ جو مقصد پرانهن علائقن ۾ اڏاوتي گهرن جي ڊليوريءَ کي سولو ڪرڻ هو. ڇو ته مدار نما گهر جي خول کي ڪنهن ٻئي هنڌ پري فيبريڪيٽ ڪيو ويندو جنهن ۾ درين لاءِ جاءِ ڇڏي ويندي. ڪنهن گاڏيءَ يا ٽريڪٽر وسيلي ان خول يا ڍانچي کي ان جاءِ ڪٽي وڃبو جتي گهر گهربل هوندو. خول ۽ ڍانچي کي ان جاءِ تي آڻڻ کان پوءِ ان ۾ وڏيڪ شيون وڌيون وينديون.

اهڙو رولنگ هائوس به ماحول دوست گهر جي درجي بنديءَ ۾ اچي ٿو ڇو ته انسان کي اِها ڳالهه ته پڪي ٿي وئي آهي ته فيڪٽرين جي دونهين ۽ گدلاڻ اسان جو ساهه منجهائي رکيو آهي ته پوءِ ڇو نه جهنگ ۾ هلي خيمو اڏجي يا شهر ۾ فطرت کي آڻي ماحول سان دوستي ڪجي. جي اوهان جو به اهڙو خيال آهي ته پوءِ رولنگ هائوس اوهان لاءِ بهترين تفريح ٿي سگهي ٿو اوهان جي "ڊيزائن ۽ آرڪيٽيڪچر انٽيلي جنس ۽ آرڪي ٽيڪچرل مائنڊ سان."

**اسپيس هائوس (1950ع)**

خلائي گهر نالي مان ئي ظاهر آهي ته مان زميني نه خلائي آهي. ان کي هت نه پولار ۾ ڳولهيو. ڊسمبر 1953ع ۾ سائنس فڪشن ايڊونچر رسالي گنبد گهر (Dome House) خلا جي بيروني حصي ۾ ٺاهڻ جي تجويز ڏني جنهن کي "شيشي جو گنبد" (Glass Dome) نالو ڏنو. آرٽسٽ ايليڪس شومبرگ آزاد گهمندڙ هڪ اهڙي برفيلي ڌرتيءَ جو تصور پيش ڪيو جنهن جي ٻاهرين سطح تي نامعلوم وشال ڪائنات ۾ "روف ٽاپ پيراشوٽ" لانچ ڪري سگهجن.

ايليڪس شومبرگ 1920ع جي ڏهاڪي ۾ ونڊو ڊسپلي اسٽوڊيو ڪمپنيءَ ۾ آرٽسٽ ۽ پارٽنر طور ڪم ڪيو. ايليڪس جي گهر جي ڊيزائن شيشي جي ٻن تهن تي مشتمل آهي. گنبد گهر کي ٻاهرين ماحول کان محفوظ رکي ٿو جڏهن ته هڪ پٽ کان ٻئي پٽ تائين گهري رنگ جا شيشا، گهر جون ٻاهريون حصو آهن. اهڙو مستقبل شناس گهر ڊيزائن ڪرڻ جو سبب خلائي جهازن لاءِ بندرگاهه (Port) جون سهولتون مهيا ڪرڻ هو جنهن جي ٻين خوبين ۾ آسٽرو ٽرف گارڊن، ڪميونيڪيشن ٽرانسميٽر ۽ ڪوڙ ساري ڪليل جاءِ شامل آهي. اِها خلائي گهر ٺاهڻ جي جستجو اهڙو خلاباز ڪري سگهي ٿو جيڪو سنڌ ۽ پاڪستان مان خلائي سفر جو حصيدار ٿيڻ چاهيندو هجي.

# شهرسازيءَ ۾ آرٽ ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال

محمد مبين

اسين عوامي آرٽ جي اهم تبديلين مان گذري رهيا آهيون. شهرن جي تخليقي پيداوار جي گهڻ رخي نيت ورڪ ۾ شهري منصوبابندي ۽ ليند اسڪيپ آرڪيٽيڪچر جي مدد سان عمارتن ڪي عوامي آرٽ سان سينگاريو پيو وڃي جيئن تازو ڪراچيءَ جي پٽين کي صاف سٿري ڪرڻ لاءِ جيڪي فني مصوري جا شاهڪار جوڙيا ويا يا وري تازو پيپلز اسڪوائر فيملي پارڪ، تخليقي جڳهه ناهڻ جو ادراڪ، شهريت جا وڌندڙ اثر، ڊجيٽل پروڊڪشن جي سولائيءَ سان دستياب اوزارن ۽ بين ثقافتي ميلن ملاڪڙن جي رغبت ڪارڻ شاندار عوامي آرٽ جي اهميت هر گذرندڙ ڏينهن سان وڌندي پئي وڃي. عوامي آرٽ کي هاڻ ڪنهن بہ بلڊنگ جي سونهن جي ڪٽ مڃيو پيو وڃي. اڄ اڏاوتي فن سان گڏ مُصوري ۽ مجسمن جي شڪل ۾ علامتي ۽ تجريدي حُسن کي اوليت ڏني ويندي آهي ۽ ڪنهن بہ هوٽل جي لابي يا ڪمري ۾ اهڙن عوامي فن پارن جي سجاوٽ لازمي جز مڃي ويندي آهي. وڪٽورين، ڪوٿڪ ۽ رومن آرٽ جي مجسمن ۾ بہ هاڻ علامتي رنگ غالب آهي جنهن کي اسين پاپولر يا اسٽريٽ آرٽ جي نالي سان بہ سڃاڻون ٿا. شهرن جي بي پناهہ ۽ اعصاب ٽڪائيندڙ مصروفيت ۾ عوامي جاين تي عوامي فن جا اهڙا مظاهرا اُٽتر صورتحال اختيار ڪري رهيا آهن جيئن ڪراچي، لاهور، فيصل آباد، گجرانوالا، جهلم، اسلام آباد، راولپنڊي، ملتان، پشاور، ڪوئيٽا، هن وقت ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين جا مرڪز ٿي ويا آهن. ملڪ جي وڏن شهرن بشمول ڪشمير جي مظفرڳڙهہ ۽ گلگت بلستان فيسٽيول، هزاره، وسيب، پوٺوهاري ادبي ثقافتي ميلا ادب موسيقي ۽ مصوريءَ جو سُهڻو امتزاج رهيا آهن.





اِن ڏس ۾ پاڪستان لٽريچر فيسٽيول نالي سموري پاڪستان ۾ پرڏيهه ۾ آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچيءَ جي پليٽفارم تان سنڌ حڪومت ادب آرٽ ۽ ڪلچر کي عالم ۾ اجاريو آهي تنهن جو مثال نٿو ملي. هِن وقت پوري سنڌ جي ضلعن ۾ آرٽس ڪائونسلز متحرڪ ڪردار ادا ڪري رهيا آهن جنهن ۾ سنڌ جي راڄڌاني ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص، نوابشاهه، خيرپورميرس، سکر، لاڙڪاڻو شڪارپور، جيڪب آباد، مٺي، ٿرپارڪر، عمرڪوٽ، سيوهڻ شريف، دادو آرٽ ادب ۽ ثقافت جي ميدان ۾ پنهنجي عالمي شهرت پڌري ڪري رهيا آهن. سنڌ جو سرتاج شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ماڳ ڀٽ شاهه هالا هجي يا خيرپور ميرس جي درازا شريف جو سچل سرمست، سنڌ جي صوفي درگاهن تي مصوري ۽ مجسمي جي امتزاج سان عوامي آرٽ ڏسڻ وٽان آهي. فطرت جي هنج ۾ اهڙن فن پارن جي موجودگيءَ سان آرٽ ڪلچر لٽريچر کي سوشل ميڊيا پليٽ فارم تي متعارف ڪرائي سنڌ ۾ سياحت کي فروغ ڏئي سگهجي ٿو. روح کي شاد رکڻ، ماحولياتي گدلاڻ تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ گلابن ۽ وڻن سان سجايل باغ يا روڊ بيلٽ تي ساوڪ جو بندوبست ڪري اسين پاڻ کي ماحول دوست عوامي آرٽ ۾ ڏيهه کان مڃرائي سگهون ٿا. هن وقت عوامي آرٽ عوامي سياحت جو لازمي حصو ٿي ويو آهي. جيئن جيئن انسانن جي آبادي ۾ رفتار ۾ واڌ ٿيندي پئي وڃي تيئن تيئن هر هفتي ڪا نه ڪا نئين ايجاد ۽ ٽيڪنالوجي سامهون اچي رهي آهي. نت نئين ۽ منفرد ايجاد سان گڏ عوامي آرٽ جي اهميت ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وڃي. ٿورو تصور ڪيو: ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص، سانگهڙ، سکر، خيرپور ميرس، لاڙڪاڻو شڪارپور، جيڪب آباد تائين 36 ضلعن جي پٽين تي سنڌ جي هيروز ماڳن مڪانن سان سلهاڙيل عوامي آرٽ هُجي ته ڪيڏو نه سنو ڏيک ڏئي. ساڳيءَ ريت پنجاب، پختونخواهه، بلوچستان، گلگت، هنزه ۽ ڪشميري هيروز ۽ ماڳن مڪانن سان پٽين کي سنواري عالمي سياحت لاءِ منفرد مقام حاصل ڪري سگهجي ٿو.

**باڪمال عوامي فن:**

اڏاوتن ۾ باڪمال عوامي فن جي لازمي شموليت جو سليقو ۽ ڏانءُ اسان کي باغن، گلن ڦلن سان محبت ڪندڙ فرانسيسين سيکاريو. هُو عمارتن ۾ يوناني ديوتائن جي مجسما سازيءَ جو فن سيکاريندا هئا. جنهن کي بيوئڪس آرٽس آرڪيٽيڪچر (Beaus

Arts. Architecture) جيو ويندو آهي.
جنهن ۾ مڪعبي ۽ جياميٽريءَ جي شڪل ۾ ور وڪڙ واري لهريدار ساخت نظر ايندي آهي. اِهو اڪيڊمڪ آرڪيٽيڪچرل اسٽائل، پيرس جي ايڪول ديس بيوئڪس آرٽس ۾ 1830ع کان 19هين صديءَ جي آخر تائين پڙهايو ويندو رهيو. اِهو فرانس جي نيوڪلاسيڪل اصولن تي ٻڌل هو جنهن ۾ گوٿڪ ۽ ”نئين جاڳرتا“ (Renaissance) جي اڏاوتي طرز جون خوبيون به شامل ڪيون وينديون هيون. اِن ۾ ڪنهن به عمارت تي مجسمن ۽ تاريخي لفظن تي ٻڌل تختين جي سجاوٽ کي لازمي قرار ڏنو ويندو هو. فرانس مان هي فن سرحدون لتاڙي اٽلي، اسپين، برطانيا، آمريڪا، ڪئنيڊا، ارجنٽائن، نيدرلينڊ ۽ روس تائين ڦهلجي ويو. اڄ به اهم چوراهن تي مجسمن جي تنصيب ۽ مينارن تي جنگي سوين جا قصا ڪنهن به قوم جي شاندار ماضيءَ کي ياد ڪرڻ جو ڪارائتو طريقو مڃيو ويندو آهي. لينڊ اسڪيپ آرڪيٽيڪچر اينڊ آرٽ ۾ هاڻ انجنيئرز پينٽرز ۽ مجسما سازن وچ ۾ هڪٻئي سان لاڳاپن ۽ سهڪار ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. عوامي فن جي اهميت کي تسليم ڪندي هاڻ عوامي شاهراهن، پبلڪ پارڪس ۽ يادگارن تي آرٽ کي لازمي جز طور مڃيو ويندو آهي. عوامي جاين تي اهڙو اهتمام هاڻ رڳو ميونسپلٽيز ۽ ڪارپوريشنز جو ڪم ناهي رهيو پر عوام (آرٽس گروپ) جي شرڪت ان ۾ نواڻ پيدا ڪئي آهي. جيئن ڪراچيءَ جي برنس روڊ، گارڊن يا سي ويو تي اهڙيون ڪوششون ورتيون ويون جن ڪراچيءَ جي پٽين جي سونهن وڌائي ڇڏي پر ان جي پرگهور نه لهڻ واري اِهو عوامي آرٽ جذباتي لهر ثابت ٿيو. ان ڪري ڪنهن به شعبي ۾ سقلتا لاءِ مستقل مزاجيءَ سان ڪم ۽ سار سنڀال به ضروري آهي.

**ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال:**

شهري منصوباساز اڄڪلهه هر تعميراتي پروجيڪٽ ۾ ٽيڪنالاجيءَ جي استعمال کي ترجيح ڏئي رهيا آهن ۽ سڄي عمارت کي سي سي ٽي وي ڪئميرائن کان سواءِ واءِ فاءِ، ڪلائوڊ ڪمپيوٽنگ ۽ هولو گراف ٽيڪنالاجيءَ سان سلهاڙي ڪين اسمارٽ هومز جي شڪل ڏئي رهيا آهن. اڏاوت جي شعبي ۾ اسمارٽ لاڪ، آٽوميٽڪ



هوم مانيٽرنگ، ڊيوائيسز سميت ورچوئل ۽ آگمنٽڊ ريئلٽي پروجيڪٽس جي D3 ماڊلنگ کي ممڪن بڻائي ڇڏيو آهي، جنهن ۾ عمارت جي ذري پُرزي جي اڏاوت، وائرنگ ۽ اسٽرڪچر جي ڪٽ پئجي وڃي ٿي. جڏهن ته ويئر ايبل ٽيڪنالاجيءَ سان آن لائن سائٽ ۾ ڪم جي صورتحال کي پنهنجي ئي گهر، آفيس يا رستي ويندي ڊيسڪ ٽاپ، ليپ ٽاپ ۽ موبائل تي ڏسي سگهجي ٿو. ڊرون سرويئر پاڻ‌هرتو توهان کي سائٽ اپ ڊيٽس ۽ تصويرون اُماڻي سگهي ٿو. ”پري ڊڪٽيو انالائٽڪس“ يعني اڳڪٿ تجزيہ ڪار ڊيوائس سان خرچ پکي ۽ لاڳت جي اڳڪٿي ممڪن آهي. جڏهن ته ڪنيڪٽڊ جاب سائٽس اڏاوت کي ٽيڪنالوجيءَ سان اهڙيءَ ريت هم آهنگ ڪيو آهي جو اوهين انٽرنيٽ ذريعي گهرويٺي ڪنهن بہ پروجيڪٽ بابت قيمت، شرط، ضابطا ۽ تصويري ماڊل ڏسي سگهو ٿا. ايترو ئي نہ پر ايراضيءَ جو آن لائن رڪارڊ بہ هينئر موجود آهي.

اڄ عوامي پائلٽ منصوبن ۾ اهڙا پروجيڪٽ عوامي مقبوليت حاصل ڪري رهيا آهن جيڪي عوامي فن سان سلهاڙيل هُجن. ان جو پڌرو مثال نيويارڪ سٽي ڊپارٽمينٽ آف ٽرانسپورٽ پاران شروع ڪيل نيويارڪ سٽي پلازا پروگرام آهي، جنهن ۾ 39 ايڪڙن تي پيادل هلندڙ اُنهن روڊن ۽ بلاڪس کي ڪاميابيءَ سان عارضي پلازائن جي صورت ڏني وئي جيڪي ويران هئا. انهن سان گڏ ٻوٽا، پينٽ ۽ گول ڦرندڙ ڪرسيون رکيون ويون. اهو تجربو دلڪش رهيو جتي ماڻهو ڪجهہ دير ويهي ساهہ پٽين يا پنهنجو تخليقي اظهار ڪن. ساڳيو ئي تفريحي هنڌ ٽائمز اسڪوائر کي چونڊيو ويو جتي 2009ع ۾ ”فولڊنگ لان چيئرز“ نصب ڪيون ويون. اڄ ٽائمز اسڪوائر پيادل هلندڙن لاءِ بهترين تفريحي ماڳ آهي جتي اچي پنهنجي عوامي فن جو اظهار مصوري، مجسم سازي ۽ گلوڪاريءَ ذريعي ڪندي نظر ايندا تہ ڪجهہ ان ماحول جي سُر تال ۾ پڙهڻ کي پنهنجو بهترين ماڳ سمجهندا آهن ڇو تہ هت فطرت، آرٽ ۽ موسيقي هڪ ٿي وڃن ٿا ۽ اِن ڪرت کي مشاهداتي اک سان ڏسي شاعري، ڪهاڻي ۽ ناول جي روپ ۾ آڻڻ لاءِ هڪ اديب لاءِ بہ اِهو بهترين ماڳ آهي جيئن اسان وٽ ڀٽ شاهہ، سچل درازا، لعل شهباز قلندر، عوامي فن جا سهڻا ٿاڪ آهن جن جي سار سنڀال اسان جو ڪم آهي.



# اسڪرپٽ رائٽنگ جي وٽندڙ گهرج

فرح ناز



جيڪڏهن اوهين شاگرد، شاگردياڻيون آهيو ۽ ڪنهن اهڙي ڪيريئر کي اپنائڻ جا خواهشمند آهيو جتي اوهان کي پئسا به ملن ۽ اوهان جي صلاحيتن ۾ به نکار اچي ته بلاشڪ اڄڪلهه سڀ کان وڌيڪ منافعي بخش ڪاروبار يا ڌنڌو اسڪرپٽ رائٽنگ آهي. ڊرامو هُجي يا سيريل، ٽيلي فلم هجي يا ڊاڪيومينٽري فلم يا وري ناٽڪ ۽ فلم. شوبز انٽرٽينمنٽ انڊسٽريءَ ۾ شاعر ۽ ڪهاڻيڪار جو بنيادي ڪردار هوندو آهي جنهن جي ذات تي موسيقي جُڙي ٿي، گُلوڪار ڳائن ٿا. هڪ گڏيل تخليقي دسترخوان جُڙي ٿو پر سٺي ڪهاڻيءَ کانسواءِ نه هدايتڪار کو ڪمال ڏيکاري سگهي ٿو ۽ نه ئي اداڪار يا اداڪاره. هاڻ ته ڪهاڻي ۽ پلاٽ کي ڏسي اداڪار/اداڪارائون فيصلو ڪندا آهن ته اهو ڪردار ڪجي به يا نه. ته پوءِ چونڊ اِن هنر کي سکيو وڃي جو ته هر ڪو معياري ۽ نکور ڪهاڻيءَ جو ڳولائو آهي.

**ٽائيٽل پيج ناهيو!**

سڀ کان پهرين صفحي جي وچ تي چٽن اکرن ۾ ڊرامي جو نالو/عنوان. پنهنجو نالو. فون نمبر. ادبي ايجنٽ (جي ڪو آهي) جو نالو لکو.

**مناسب فونٽ، حاشيو ۽ مفاصلو:**

لفظن کي قلم وسيلي لکو ٿا يا ڪمپيوٽر تي ڪمپوزنگ ڪيو پنهنجي صورتن منجهه اوهان کي لفظن جو فونٽ پوائنٽ وڏو رکڻو پوندو ۽ حاشيو ناهيندي منظر جو تعارف پيش ڪرڻو پوندو. جهڙوڪ: تعارف. سارا جو اپارٽمنٽ. ڪچن – رات جو وقت وغيره.

منظرنگاري ۽ ڪردارن جي ترتيب

لاءِ منظر (Scene) کان پهريان صفحي جي ”مٿان کان هيٺاهين پاسي ليڪون “(Lug Lines) ڪڍو! جنهن ۾ ڪنهن به ايڪشن جي جاءِ جو ذڪر ڪيو ته واقعو ”اندر“ (Indoor) جو آهي يا ”ٻاهر“ (Outdoor) جو. ان جو عنوان اوهين اِن ڊور لوڪيشن. آئوٽ ڊور لوڪيشن ڏئي سگهو ٿا. جڏهن اوهين لوڪيشن ڄاڻايو ٿا ته پوءِ اهو به ڏسڻو پوندو ته وقت صبح/منجهند/شام/رات جو آ. ڪردارن جا نالا بولڊ فونٽ ۾ لکيل هجن ۽ اُن آڏو مڪالما جيڪي ان ڳالهه تي آڌاريل آهن ته اوهان جي اسڪرپٽ جي نوعيت ڇاهي؟! اُن حساب سان ڊائيلاگ موتيءَ وانگر پوئي سگهو ٿا. مڪالمن سان گڏ ڏنگين (Brackets) ۾ هدايتون: (مثال طور: ڪاوڙ منجهان – جهيڻي آواز ۾) درج هجن.

پيشڪش جو فارميٽ ضرورت موجب رکو!

جيڪڏهن اوهين مووي ۽ جو اسڪرپٽ لکي رهيا/رهيون آهيو ته ان جو فارميٽ اُن انداز ۾ رکو. جيڪڏهن اوهين ڊرامو لکڻ جا خواهشمند آهيو ته رائج فارميٽ ۾ لکڻو پوندو. اهي بنيادي طور تي هڪ جهڙا هوندا آهن پر انهن ۾ معمولي فرق هوندو آهي. ان لاءِ اوهين پهريان لکيل اسڪرپٽس جي مُسودن کي ڏسي ان فرق کي ڄاڻي سگهو ٿا. جنهن لاءِ اڄڪلهه گوگل کان وڌ ڪو به دوست ڪونهي. ان ڏس ۾ يوٽيوب ٽيوٽوريل وڊيوز اوهان جي فن ۾ نکار آڻڻ لاءِ 24 ڪلاڪ موجود آهي.

**ڪهاڻيءَ جو مڪمل خاڪو (Outline) ترتيب ڏيو:**

جڏهن اسان ڪنهن به ڪهاڻيءَ کي ڊرامي جي صورت ڏيندا آهيون ته سڀ کان پهريان ڪهاڻيءَ جو خاڪو (Story out



(Line پيش ڪندا آهيون جنهن ۾ ڪهاڻيءَ جو مرڪزي خيال، بنيادي مقصد ۽ انت (Climax) کي ڊرائنگز ۽ ڊايا گرامز وسيلي سمجهائي سگهوٿا. ان لاءِ سڀ کان پهريان آغاز جي وقت ۾ ان منظر کي پيش ڪرڻو آهي جنهن ماحول ۾ ڪهاڻيءَ جو هيرو يا پروٽاگونسٽ پنهنجي حياتي گهاري ٿو. ان ڪانپوءِ هن جي زندگيءَ سان لاڳاپيل هر هڪ ڪردار جي مزاج کي واڪو ڪندي سندس سماجي ڪرت موجب مڪالما لکڻا پوندا. جيڪڏهن عام ڪردار آهي ته مڪالما به عوامي رکڻا پوندا، جنهن لاءِ ڪنهن به لکاريءَ جي مشاهداتي اک وڏي سگهه رکي ٿي ته هُو پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڪهڙا ڪردار ڏسي ٿو ۽ انهن کي ڪيڏي سچيتائي ۽ باريڪ بينيءَ سان پرکي ٿو. جنهن ۾ آمهون سامهون- ويجهو – پري- هينانهين – متانهين شاٽ جي ڊائريڪشن به اسڪرپٽ رائٽر جي ذمي هوندي آهي پر هڪ لکاري ان فرض کان ساڳيءَ ريت آجو ناهي. جهڙي ريت هڪ ڊائريڪٽر پنهنجي فوٽو لينس مائينڊ سان ڪهاڻيءَ کي تڪي توري ٿو يا وري فنڪار اسڪرپٽ پڙهي ڪا راءِ ٺاهي ٿو. هتي فلم انڊسٽريءَ ۾ لکاريءَ جو ڪردار پَل جان سونهين جو هُجي پر ڪيس مارڪيٽنگ ۽ پبلڪ ڊمانڊ موجب به ڪردارن جي ڪٽ ڪرٽي پوندي آهي، ان ڪري فلم ۽ انڊسٽريءَ ۾ لکاريءَ جي حيثيت رابطي واري پُل جهڙي آهي جيڪو پروڊيوسر جي فرمائش تي لکي ٿو. جيئن اجوڪي ڊجيٽل ميڊيا جا گهٽي پاڳي لکاري سيٽ جي فرمائش تي ڪهاڻي جوڙين ٿا، جنهن ۾ هر منظر ۽ ڊائيلاگ پبلڪ ڊمانڊ تي بدليو به وڃي ٿو ۽ پنهنجي من پسند دنيا ڏيکارڻ لاءِ مجبور به ڪيو وڃي ٿو. اهڙي ماحول ۾ هڪ دانشمند اسڪرپٽ رائٽر اُهو ليکبو جيڪو پنهنجي تحريري فن ۾ پنهنجو مَٽ پاڻ هوندو. هو پبلڪ ۽ ايليٽ ڊمانڊ وچ ۾ توازن کي هٿان وڃڻ نه ڏيندو. اسٽوري آئوٽ لائن ئي اوهان جي تحريري فن جو پهريون دستاويز آهي، جنهن کي درياهه کي ڪوزي ۾ بند ڪرڻ جو ڏانءُ ئي اوهان کي ڊيجيٽل ميڊيا ۾ بهترين مستقبل ڏئي سگهجي ٿو. هن فيلڊ ۾ پنهنجو پاڻ ملهائڻ لاءِ اوهان کي ملٽي ٽاسڪ مائنڊ ٿيڻو پوندو. هن فن جي هر جُزي سان واقفيت، سينيماٽو گرافي، سائونڊ ٽريڪ، ڪئميرا اينگل، لائٽنگ، ميوزڪ سميت هر عنصر جي ڄاڻ سان گڏ ڊراما، سيريلز، سوپ، ٽيلي فلمز، فلمز ۽ فڪشن پڙهڻ جو جنون جي حد تائين شوق هُجي ته پوءِ اوهان کي سوڀ جي وات تان ڪو به ٽيڙي نٿو سگهي. اسين گهٽي قدر ٻُڌَ سُڌَ تي پنهنجو مستقبل تباهه ڪندا آهيون. اسان کي ايئن نه ڪرڻ گهرجي. پاڻ به آزمائش گهرجي ۽ ان آزمائش تي پورو لهڻ لاءِ مستقل مزاجي انتهائي ضروري آهي.

**پنهنجي لکت سادي رکو:**

جي اوهين اِهو پانيو ٿا ته تصوراتي ۽ فلسفياڻن مڪالمن سان ڏسندڙن جي دل موهي وٺندا ته اها اوهان جي غلط فهمي ۽ ڀُل آهي. مڪالما جيترا سادا ۽ رائج ٻوليءَ ۾ هوندا، اوترو عوام کي اپيل ڪندا. باقي عوام جي ذوق کي بهتر ڪرڻ لاءِ ورجاءَ طور گهرا فلسفياڻا جملا به لکي سگهجن ٿا.

**پنهنجو اسٽائيل برقرار رکو:**

ياد رکو ته اسڪرپٽ ايڪشن ۽ ڊائيلاگ تي ٻڌل هوندا آهن تنهن ڪري ان ڳالهه کي يقيني بڻايو ته اوهان جا ڪردار حقيقي انداز ۾ ڳالهه ڪن. پنهنجي اسٽائيل کي مڪس ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪيو هڪ هاري ۽ مزدور جي واتان ڊاڪٽر، وڪيل، انجنيئر، اديب جي ٻولي نٿا ڳالهرائي سگهو. ڪردارن موجب ٻولي جي عوامي واهپي کي ڪتب آڻيو جنهن نوعيت جو ڪردار تخليق ڪيو ويو آهي ان لحاظ کان مڪالما لکو.

**ڏسندڙن جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ ضروري ڳالهيون**

ايڪشن مختصر ۽ مڪالمن تي

وڏيڪ وقت ڏيو. هر هڪ ڪردار جي ڊنڊي موجب ڊائيلاگ لکو ته جيئن هٽ ٿوڪيا نه لڳن – ڪٽ – ٽو – ڪٽ شاٽس جو امتزاج ان ريت هجي جو هر ڊائيلاگ جي پڄاڻي ۾ ٻئي ڪردار سان وڃي ملي. جيئن اڄڪلهه ايڪشن، سسپنس، رومانٽڪ ڊرامن ۽ موويز ۾ اِها ٽيڪنيڪ استعمال ٿئي ٿي پر ٽرينڊ موجب ڊراما لکڻ واري ڪِرت کي عادت ڪرڻ نه گهرجي. ڪڏهن سنجيده ته ڪڏهن مزاحيا، زندگيءَ جي هر رنگ کي اجارجي.

**ڊگهن جُملن کان پاسو ڪيو:**

ڪو زمانو هو جنهن ۾ اينگهه ۽ ڊيگهه ڪنهن به لکت جو حُسن هئي، پوءِ وقت بدليو ته اختصار کي لکت جو روح قرار ڏنو ويو . اسان وٽ اُهي ڊائيلاگ مشهور ٿيا جيڪي ننڍا ۽ تکيل توريل هئا! جو ته اسڪرين تي مڪالمن جو اسڪرين ٽائيم به طئي هوندو آهي. هڪ منٽ ته ڪڏهن به منٽ پر ڪنهن به ڪردار کي يا ڪردارن جي جوڙيءَ وچ ۾ ڳالهه ٻولهه کي اينگهائي نٿو سگهجي جو ته هاڻ زمانو ماٺار وارو ناهي. هر هڪ جي هٿ ۾ ريموٽ ڪنٽرول آهي، مجال آهي جو ڪو هڪ منٽ به ترسي. ان ڪري هڪ هڪ لفظ کي اشتهاري لفظن وانگر ڳڻي لکڻو پوي ٿو. توهان جا ڊائيلاگ جيترا تز هوندا، اوترو لاپ ملندو باقي ٻڪار جو زمانو هاڻي موڪلائي ويو.

**اسڪرپٽ مڪمل ڪرڻ کانپوءِ لازمي مرحلا:**

هي اُهو مرحلو آهي جڏهن هڪ ناقد ذهن سان اوهين پنهنجي لکت جو جائزو وٺو ٿا ته پڙهڻ ۾ ڪيئن ٿي لڳي!؟ ڪيتري رواني آهي!؟ پنهنجي اسڪرپٽ جا پاڻ کي اسڪرپٽ ايڊيٽر ٿي ڇنڊڇاڻ ڪندي غير ضروري تفصيل ڪٽي ڇڏيو. هتي پنهنجي مسودي جو تنقيدي نگاهه سان جائزو وٺو. جيڪو ڪم اسڪرپٽ ايڊيٽر ڪندو آهي، اُهو ئي اوهان به ڪيو مسودو مڪمل ٿيڻ کانپوءِ جيڪڏهن اوهان کي پسند نه اچي ته پنهنجو سمورو مسودو نئين سر لکو. هر قسم جي جهول کي ختم ڪري اُن کي پنهنجي مخلص دوستن کي ڏيکاريو سندن ڏنل صلاحن جي روشنيءَ ۾ ٻيهر لکو. جيڪڏهن پوءِ به تسلي نٿي ٿئي ته ٽيون ڀيرو لکو! پل ته ويهارو چڪر لکڻو پوي پر لکو! اوهان جو پهريون اسڪرپٽ ئي ايڏو شاندار هئڻ گهرجي جو آن ايئر ٿيندي ئي واهه......واهه ٿي وڃي. گهٽ لکو پر اهڙو لکو جيڪي دلين کي ڇُهي وڃي! سيئي وڏا ۽ مشهور اسڪرپٽ رائيٽر ايئن ئي ڪندا آهن. جيستائين هو پاڻ مطمئن ناهن ٿيندا تيستائين مسودن ۾ ڪاٽا ڪوٽي ڪندا رهندا آهن. اوهان کي به اهو ئي ڪرڻو پوندو جنهن جو انعام ۽ اڪرام سوڀ جي صورت ۾ ئي ملندو.



# موبائل فون جو وڌيڪ استعمال صحت لاءِ نقصانڪار... پر ڇو؟



امبر احمد

اڄ جيڪو بہ ڏسو تہ ان جي هٿ ۾ موبائيل فون هوندو آهي ۽ هو پنهنجي دنيا ۾ گم هوندو آهي. موبائيل فون اسان جي جسم ۽ عادتن جو حصو لڳي ٿو. ڪيترن ئي ماڻهن لاءِ اهو ڪنهن علت کان گهٽ ناهي. سمهندي، جاڳندي، کائيندي پيئندي، اٿندي ويهندي، ايتري قدر جو غسل خاني ۾ بہ موبائيل فون جو استعمال ايترو تہ عام ٿي ويو آهي جو ائين ٿو لڳي ڄڻ توهان موبائيل فون استعمال نہ ڪري رهيا آهيو پر موبائيل فون توهان کي استعمال ڪري رهيو آهي.

پر ڇا توهان ڪڏهن سوچيو آهي تہ نيري روشنيءَ جا ڪهڙا نقصان آهن جن تي توهان جون اکيون اٽڪيل آهن؟ جيئن تہ اسان ڄاڻون ٿا تہ هن دنيا ۾ جيڪي بہ شيون موجود آهن انهن جا فائدا ۽ نقصان آهن. جيئن تہ موبائل فون جا سماج ۾ نوجوانن لاءِ ڪي فائدا بہ آهن ۽ نقصان بہ آهن.

هن مضمون جو بنيادي مقصد سماج ۾ نوجوانن لاءِ موبائيل فون جي استعمال جي سمورن نقصانن کي اجاگر ڪرڻ آهي تہ جيئن عوام توڙي موبائل استعمال ڪندڙن کي ان کان آگاهي ٿيڻ گهرجي. ڇو تہ موبائيل فون استعمال ڪرڻ جي فائدن جي باري ۾ تہ هرڪو ڄاڻي ٿو پر انهن جي زندگيءَ تي پوندڙ خراب اثرن جي باري ۾ ڪين ڪا بہ خبر ناهي.

**موبائيل فون جي وڌيڪ استعمال جا نقصان:**

تحقيق ۾ ڇيو ويو آهي تہ موبائيل فون جو گهڻي وقت تائين استعمال صحت لاءِ نقصانڪار ثابت ٿي سگهي ٿو.

فون مان نڪرندڙ روشني نہ رڳو توهان جي اکين لاءِ پر توهان جي چمڙي لاءِ بہ نقصانڪار آهي. توهان جي سوشل ميڊيا جي خبرن ۽ فيڊز کي اسڪرول ڪرڻ سان وقت گذري سگهي ٿو پر توهان کي نقصان جي باري ۾ پڻ ڄڻتي ڪرڻ جي ضرورت آهي.

موبائيل فونن مان نيرن شعاعن جي ويڪر ٿلهي هوندي آهي، بلڪل سج جي شعاعن وانگر. تحقيق آهي تہ جڏهن اهو توهان جي اکين يا چمڙي تي پوي ٿو اهو توهان جي چمڙي کي تيزيءَ سان ترتيب ڏئي سگهي ٿو.

موبائيل فون جو وقت ضايع ٿيڻ بہ هڪ وڏو مسئلو آهي، موبائل فون ماڻهن جي زندگيءَ جي ڪيترن ئي رخن ۾ مدد ڪري ٿو پر موبائل فون بہ وقت جي زيان جو سڀ کان وڏو سبب آهي. گهڻو ڪري نوجوان ۽ شاگرد ان کان متاثر ٿين ٿا. اهي هميشہ موبائيل فون کي وڊيو گيمز کيڏڻ، فلمون ڏسڻ، گانا ٻڌڻ ۽ ٻين تفريح لاءِ استعمال ڪرڻ چاهيندا آهن ۽ پنهنجو قيمتي وقت ضايع ڪندا آهن. شاگردن ۽ نوجوانن لاءِ سڀ کان وڌيڪ قيمتي شيءِ سندن موجوده وقت آهي. شاگردن کي گهرجي تہ هو پنهنجي وقت جو صحيح استعمال ڪندي پنهنجي مستقبل کي سنوارين.

موبائيل فون اڄڪلهہ سڀ کان وڌيڪ اذيت ڏيندڙ شين مان هڪ آهي. ماڻهو موبائيل فون استعمال ڪندا آهن ۽ ڪم ڪرڻ، کائڻ، گهمڻ، پڙهائي، ٻين سان ڳالهائڻ ۽ گاڏي هلائڻ دوران موبائيل تي پيا ڳالهائيندا آهن. اڪثر روڊ حادثا موبائيل فون جي استعمال جي ڪري ٿين ٿا. ڊرائيونگ دوران موبائيل فون جو زياده استعمال ڪنهن جي جان کي خطري ۾ وجهي سگهي ٿو.

مهانگو موبائل فون هاڻي اسٽيٽس سمبل بڻجي ويو آهي. موبائل فون تي پئسا

ضايع ڪرڻ هڪ عام ڳالهه آهي. نوان ۽ قيمتي موبائيل فون خريد ڪرڻ ۽ استعمال ڪرڻ جديد فيشن جو رجحان آهي. هر ٻيو ماڻهو هڪ نئون ۽ قيمتي موبائل فون خريد ڪرڻ چاهي ٿو. هڪ تازي مطالعي مان معلوم ٿيو آهي ته آمريڪا ۾ ماڻهو نوان آئي فون ماڊل خريد ڪرڻ لاءِ پنهنجا گردا وڪرو ڪرڻ، نوان ۽ قيمتي موبائيل فون استعمال ڪرڻ جا عادي ٿي ويا آهن. اهي موبائيل فونن جا نوان ماڊل خريد ڪرڻ ۾ تمام گهڻو پئسو ضايع ڪن ٿا.

موبائل فون جو سڀ کان وڏو ۽ نقصانڪار اثر اکين تي پوندو آهي. انڌائپ ۽ گهٽ بصارت جو بنيادي سبب موبائل فون جو مسلسل استعمال آهي. بهتر اهو آهي ته اسان موبائيل فون کي صرف ضرورت جي طور تي استعمال ڪريون ۽ ان جا عادي نه ٿي وڃون.

موبائيل فون جي استعمال جو سڀ کان وڏو نقصان جسماني بيمارين ۾ اضافو آهي، ان حوالي سان طبي ماهر به غلط آهن، هو مختلف صلاحون ڏين ٿا ۽ خطرن کان آگاه ڪندا رهندا آهن، جنهن سبب دماغي دٻاءُ، پريشاني، دل جي بيمارين، مثي جو سور نظر جي ڪمزوري ۽ ٻيون لڪيل بيماريون پيدا نه ٿين، مختلف مفت ڪالز ۽ مفت ايس ايم ايس بنڊلن جي آفر سان نئون نسل سڄي رات ڪالز ۽ ايس ايم ايس ۾ مصروف آهي، ننڊ نه اچڻ سبب صحت تي تمام گهڻو اثر پوي ٿو.

موبائيل فون جي استعمال جو تعليم تي گهرو اثر پوي ٿو موبائيل ڪمپنين پاران استعمال ڪندڙن لاءِ نوان ۽ پرڪشش ليڪچر ڏسي، جيڪي نه ٿا چاهين، سي به موبائل فون استعمال ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا ۽ اها ئي انهن موبائل ڪمپنين جي چال آهي. وڏيڪ استعمال ڪندڙ پنهنجو نيٽ ورڪ استعمال ڪري سگهن ٿا پر انهن پيڪيجز جو اسان جي نوجوان نسل تي وڏو اثر پيو آهي.

موبائيل فونن جي زيادتي سبب ڏوهن ۾ اضافو ٿيو آهي، خاص ڪري اغوا ۽ ڌاڙن جون وارداتون، جڏهن ته موبائيل فون چوري جي واقعن ۾ ايترو ته اضافو ٿي ويو آهي، جو ان جي ڳڻپ ڪرڻ ناممڪن آهي، قانون تي عمل ٿيڻ باوجود ان ڳڻپ به نٿو ڪري سگهجي. ان تي ادارن وڏي حد تائين ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي، پر ڏوهن ۽ خودڪشي جي وڌندڙ واقعن ۾ موبائيل فون جي غلط استعمال کي روڪڻ لاءِ سيڪيورٽي ادارن ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن ادارن کي وڏيڪ اهم ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. موبائيل فون جا ٻيا به ڪيترا ئي نقصان آهن جن جو شمار ڪرڻ اجا باقي آهي پر اهي ئي



خرابيون آهن جيڪي اسان سماج ۾ ڏسي رهيا آهيون.

اڄڪلهه يوٽيوب تي ٽڪ ٽاڪ تمام گهڻو آهي. جنهن ۾ ٻار ۽ نوجوان پنهنجو وقت گذارين ٿا. جڏهن ته هي سونهري وقت ڪين پنهنجي ڪم ۾ مصروف رهڻ گهرجي. موبائل هڪ ضرورت آهي. جيڪڏهن ان کي تفريح بڻايو وڃي ته پوءِ اهو غلط آهي ۽ اسان جو گهڻو وقت ان ۾ ضايع ٿي ويندو. وقت بذات خود هڪ قيمتي شيءِ آهي. گذري ويل وقت ڪڏهن به واپس نه ٿو اچي.

هينئر تائين، ماڻهو موبائل فون جي نقصانڪار اثرن بابت ايترو ئي ڄاڻن ٿا جيترو 30 سال اڳ سگريٽ نوشي ۽ ڦڦڙن جي ڪينسر بابت ڄاڻندا هئا.

موبائل فون جو استعمال پهريون پيرو ناروي ۽ سويڊن ۾ شروع ٿيو. انهن ملڪن جي تحقيق موجب موبائل فون مان خارج ٿيندڙ شعاعن جو انساني صحت سان لاڳاپو آهي.

هڪ تحقيق موجب موبائيل فون جو بار بار استعمال ڦڦڙن جي ڪينسر ٿيڻ جا امڪان وڌائي ٿو. اهڙي طرح لنڊن جي رائل سوسائٽي هڪ مقالو شايع ڪيو آهي، جنهن موجب جيڪي ٻار 20 سالن جي عمر کان اڳ موبائل فون استعمال ڪرڻ شروع ڪن ٿا، انهن ۾ 29 سالن جي عمر تائين دماغي ڪينسر ٿيڻ جا امڪان انهن ٻارن کان پنج ڀيرا وڌيڪ ٿي وڃن ٿا، جيڪي ٻار ننڍپڻ ۾ موبائيل استعمال نه ڪندا هئا.

**موبائيل فون جي نقصانڪار اثرن کان ڪيئن بچي سگهو ٿا؟**

انهن نقصانن کان بچڻ لاءِ ڪجهه اهڙيون تدبيرون ۽ عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي. جنهن سان اسان کي ان شيءِ کي استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي. جيڪا اسان جي ضرورت آهي. پر ان سان گڏوگڏ سماج تي ان جي خراب اثرن کان بچڻ لاءِ. ان سلسلي ۾ سڀ کان اهم ذميواري والدين تي عائد ٿئي ٿي. والدين کي گهرجي ته هو پنهنجي ٻارن کي موبائيل فون ڏيڻ کان پهريان ان جو خيال رکن ته ڇا سندن ٻار کي موبائيل فون جي ضرورت آهي ۽ پوءِ خيال رکن ته ٻار ڪيئن موبائل فون استعمال ڪري رهيا آهن. توهان ڪنهن سان ڳالهائي رهيا آهيو؟ توهان ڇا جي باري ۾ ڳالهائي رهيا آهيو؟



بالغ ۽ ٻار موبائيل فون جي اثرن کان محفوظ رهي سگهن ٿا جيڪڏهن اهي انهن کان پري رهن. خاص ڪري رات جو سمهڻ وقت، موبائل فون کي پنهنجي بستري جي پرسان نه رکو يا پنهنجي کيسي ۾ نه رکو.

ان سان گڏ سيني نوجوانن کي خيال رکڻ گهرجي ته موبائل فون ڪالن ۽ غير اخلاقي سرگرمين ۾ پنهنجو وقت ضايع نه ڪن. وائرس جي استعمال جو تعليم تي گهرو اثر آهي.

موبائيل ڪمپنين پاران استعمال ڪندڙن لاءِ جديد ۽ پرڪشش ليڪچر ڏسي، نه چاهيندڙ ماڻهو به موبائيل فون استعمال ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو ۽ اها ئي انهن موبائيل ڪمپنين جي چال آهي ته جيئن هو پنهنجي نيٽ ورڪ کي وڌ کان وڌ استعمال ڪن. پر اهي پيڪيجز آهن. جن جو اسان جي نوجوان نسل تي غلط اثر پيو.

توهان کي هڪ ڏينهن ۾ ڪيترو وقت موبائل فون استعمال ڪرڻ گهرجي؟

اسان کي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته موبائل فون جو استعمال گهٽ ۾ گهٽ ڪيو وڃي. ماهرن جو چوڻ آهي ته 2 کان 5 سالن جي عمر وارن ٻارن لاءِ اسڪرين ٽائيم في ڏينهن هڪ ڪلاڪ تائين محدود هجڻ گهرجي. وڏي عمر جي ماڻهن لاءِ، اها سفارش ڪئي وئي آهي ته موبائل فون جي استعمال کي 2 ڪلاڪن کان گهٽ في ڏينهن تائين محدود ڪيو وڃي.

هڏين کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪئلشيم مهيا ڪندڙ غذا

# قدرتي طريقي سان حاصل ٿيندڙ ڪئلشيم

حبدار علي



هاٿي ته هر ٻار به ڄاڻي ٿو ته ڪئلشيم هڏين کي مضبوط ڪرڻ ۽ جسماني واڌ ويجهه لاءِ ڪيتري ضروري آهي. هر ماءُ جي اِها ڪوشش هوندي آهي ته هن جا ٻار کٽي ڪيترا به وڏا ٿي وڃن، گهٽ ۾ گهٽ هڪ گلاس کير روزاني پيئن، اڪثر مائرون پنهنجي ٻارن کي کير پيئڻ جي بار بار تلقين ڪنديون رهنديون آهن. کير ۾ به ڪئلشيم هوندي آهي، جنهن سان هڏا مضبوط ٿيندا آهن. ڪئلشيم اسان لاءِ ڪيتري اهم آهي اچو ته ان بابت ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪريون.

**ڪئلشيم ڇا آهي؟**

اوهان جي جسم ۾ جيتري به ڪئلشيم آهي اها گهڻي ڀاڱي ڏندن ۽ هڏين ۾ هوندي آهي، رت ۾ به ڪئلشيم موجود هوندي آهي جيڪا جسم لاءِ انتهائي ضروري ڪم ڪندي آهي جسم جون هڏيون بينڪ جو ڪم ڪنديون آهن. اوهان جيتري ڪئلشيم واپرايو ٿا، اها اوهان جي بون بينڪ ۾ جمع ٿي ويندي آهي. هڏين جي بينڪ رت کي ايتري ڪئلشيم مهيا ڪندي آهي جيتري اُن جي سطح کي معمول تي رکڻ جي ضرورت هوندي آهي. جيڪڏهن اوهين ڪئلشيم نه واپرائيندا ته بون بينڪ خالي ٿي ويندي، ضروري ڳالهه اها آهي ته ڪئلشيم واري خوراڪ واپرايو جيڪا رت جي سطح کي برابر رکي ۽ هڏين کي مضبوط ڪري.

**ڪئلشيم جي کوٽ سان ڇا ٿيندو آهي؟**

ڪئلشيم جي کوٽ جي ڪري سڀ کان پهريان اوهان جون هڏيون ۽ ڏند متاثر ٿيندا آهن. هڏين جو ڀُرڻ، هڏن ۽ جوڙن ۾ سور، هٿن پيرن جو مُڙي وڃڻ، اهي سڀئي ڪئلشيم جي کوٽ جون علامتون آهن. اڄڪلهه جديد لائيف اسٽائل ۽ ڪيلوريز سان ڀرپور غذائن (چاڪليٽ، ڪيڪ، ڪولڊ ڊرنڪ، جنڪ فوڊز) کائڻ جي ڪري ڪيلشيئم جي کوٽ هڪ عام مسئلو ٿيندي پئي وڃي. اڄڪلهه ڳڀرو بزرگ، اڌڙوٽ ڄمار جا ماڻهوئي نه پر ٻار ۽ نوجوان به ڪيلشيئم جي کوٽ جي پريشانيءَ ۾ مبتلا آهن. ڊاڪٽر جسم ۾ ڪيلشيئم جي کوٽ جي نشاندهي ڪرڻ کانپوءِ ڪيلشيئم جي کوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ دوائون تجويز ڪندا آهن جيڪي ڪنهن حد تائين اسانجي جسم کي توانائي مهيا ڪرڻ ۾ مدد ڪنديون آهن پر انهن جو وڌيڪ استعمال گردن کي متاثر ڪري سگهي ٿو. قدرتي طريقي سان حاصل ڪيل ڪيلشيم صحت لاءِ وڌيڪ مفيد ۽ فائديمند هوندي آهي. جسم کي ڪيلشيئم جي مناسب مقدار فراهم ڪرڻ لاءِ ڪهڙي غذا ڪارآمد آهي ۽ ڪهڙين غذائي شين منجهه وڌيڪ ڪيلشيئم هوندي آهي!؟ ته پوءِ اچو ته ڏسون اسين ڪهڙيون ڀاڄيون ۽ ميوا، خوراڪ جي شيڊول ۾ شامل ڪري سگهون ٿا.

**پنن واريون ڀاڄيون لاڀائتيون آهن:**

انسان آدجڳاد کان ساوڪ جو چاهڪ رهيو آهي. ڪيس ساواڻ، سائي ڇپر من کي موهيندي رهي آهي ته پوءِ سايون ڀاڄيون ۽ ميوا اسان جي صحت ۽ تدرستيءَ جون ضامن هونديون آهن پر ڪيلشيئم جي کوٽ پوري ڪرڻ لاءِ پن واريون ڀاڄيون انتهائي فائديمند هونديون آهن. جهڙوڪ: گوبي، پلي، ساڳ، مٽر، ڪنيپيون، موري وغيره. اوهين انهن ڀاڄين کي باقاعدگيءَ سان پنهنجي ڊائيٽ پلان ۾ شامل ڪيو ڇو ته اهي ڪيلشيئم جي مقرر مقدار کي پورو ڪرڻ ۾ معاونت فراهم ڪن ٿيون.

**ڦريون (Beans):**

ڦريون انساني جسم کي ڪيلشيئم جي ڀرپور رسد مهيا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪنديون آهن. سِم جون ڦريون، مٽر، گوار جي

ڦري، فرينچ بينز، رانهن جي ڦري وغيره ۾ ڪيلشيئم سان گڏ پروٽين بہ وافر مقدار ۾ هوندي آهي تنهن ڪري عورتون ڦرين تي مشتمل غذائي روٽين کي وڌيڪ ترجيح ڏين.

**کير (Milk):**

ننڍي لاڪون اوهان بہ اِهو گيت پڙهيو هوندو تہ جو کير پيئي سو وير ٿئي.... ڏند زور وٺن، سنا سهٽا لڳن... تہ کير ڪيلشيئم جي کوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ بهترين ٽانڪ آهي. هن ۾ ڪيلشيئم وڏي مقدار ۾ هوندو آهي. کير ۾ موجود ڪيلشيئم جي خاصيت هڏن، جوڙن، پُٺن کي مضبوط ڪرڻ ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪندي آهي. ان ڪانسواءِ کير مان ٺهيل شين (Dairy Products) جهڙوڪ ڪڙ، ڏهي، مکڻ وغيره بہ جسم کي مناسب مقدار ۾ ڪيلشيئم مهيا ڪندي آهي. هڪ پاءُ کير ۾ 30 سيڪڙو ڪيلشيئم ۽ وٽامن D جي وڏي مقدار موجود هوندي آهي جيڪا هڏين جي مضبوطيءَ لاءِ نهايت نفعي بخش آهي. پوڙها، ٻار، جوان کير مان ٺهيل شين کي ڪثرت سان استعمال ڪري صحتمند ۽ چاڪ چڱي ڀلي حياتي گهاري سگهن ٿا.

**ڏهي (Yogurt):**

ڏهي اهڙي خوراڪ آهي جنهن ۾ ڪيلشيئم سان وٽامن ڊي جو بہ وڏو مقدار هوندي آهي. ڏهيءَ جي هڪ پيالي ۾ 30 سيڪڙو ڪيلشيئم ۽ 20 سيڪڙو وٽامن ڊي موجود هوندي آهي. جيڪا انهن ٻنهي خوراڪ جي هڪ ڏينهن جي جسماني گهرج کي پورو ڪري ڇڏيندي آهي.

**سالمن ڪاچرو مڇي (Salmon Fish):**

درياهي ۽ ساموندي ڪاچرو مڇي سالمن اوهان جي هڏين لاءِ هڪ بي بهترين خوراڪ آهي، سالمن مڇيءَ ۾ وٽامن ڊي ۽ ڪيلشيئم جي وافر مقدار موجود هوندي آهي. ان ڪان سواءِ مڇيءَ ۾ اوميگا 3 بہ موجود هوندو آهي جيڪو اوهان جي دل جي صحت لاءِ نهايت مفيد مڃيو ويندو آهي.

**بادام (Almonds):**

بادام کي پنهنجي روزمره جي خوراڪ ۾ شامل ڪري اوهين صحتمند ۽ مضبوط هڏيون حاصل ڪري سگهو ٿا. هن مان ڪيلشيئم ڪان سواءِ اوهين صحتمند چربي بہ حاصل ڪر سگهو ٿا جا مجموعي طور صحت لاءِ نهايت فائديمند آهي.

**ڪڙ پنير (Cheese):**

ڪڙُ يا مائو چيز ڪيلشيئم سان ڀرپور هوندي آهي پر ان جو اعتدال سان استعمال ئي صحتمند هڏين جي ضمانت ٿي سگهي ٿو. ڏيڍ اونس پنير ۾ 30 سيڪڙي ڪان وڌيڪ ڪيلشيئم موجود هوندي آهي جيڪا هڪ ڏينهن جي ڪيلشيئم جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي.

**بيضو/آنو (Egg):**

هونئن تہ آني ۾ رڳو 6 سيڪڙو وٽامن ڊي هوندي آهي پر اِها وٽامن حاصل ڪرڻ جو نهايت آسان وسيلو آهي، ٻيو تہ بيضي جي زردي وٽامن ڊي سان ڀرپور هوندي آهي.

**پالڪ (Spinach):**

هڏين کي ضروري ڪيلشيئم مهيا ڪرڻ لاءِ هفتي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پالڪ ضرور کائو. پالڪ ۾ نہ رڳو 25 سيڪڙو ڪيلشيئم هوندي آهي بلڪ اها نشاستہ دار غذائي (Fibers) فولاد ۽ وٽامن اي سان ڀرپور هوندي آهي.





سنڌ جو نگران وڏو وزير (ر) جسٽس مقبول باقر مليرايڪسپريس وي پراجيڪٽ تي هلندڙ ڪم جو معائنو ڪري رهيو آهي.



سنڌ جو نگران وڏو وزير (ر) جسٽس مقبول باقر
اولڊ ڦليلي ڪئنال (حيدرآباد) تي ٺهندڙ پل جي ڪم جو معائنو ڪرڻ دوران لاڳاپيل عملدارن سان ڳالهائي رهيو آهي.

Monthly **PAIGHAM** Karachi

DECEMBER -2023

# CALENDER 2024

## JANUARY

| SUN | MON | TUE | WED | THU | FRI | SAT |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 |
| 7 | 8 | 9 | 10 | 11 | 12 | 13 |
| 14 | 15 | 16 | 17 | 18 | 19 | 20 |
| 21 | 22 | 23 | 24 | 25 | 26 | 27 |
| 28 | 29 | 30 | 31 | | | |

## FEBRUARY

| SUN | MON | TUE | WED | THU | FRI | SAT |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | 1 | 2 | 3 |
| 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 | 10 |
| 11 | 12 | 13 | 14 | 15 | 16 | 17 |
| 18 | 19 | 20 | 21 | 22 | 23 | 24 |
| 25 | 26 | 27 | 28 | 29 | | |

## MARCH

| SUN | MON | TUE | WED | THU | FRI | SAT |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | 1 | 2 |
| 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 |
| 10 | 11 | 12 | 13 | 14 | 15 | 16 |
| 17 | 18 | 19 | 20 | 21 | 22 | 23 |
| 24 | 25 | 26 | 27 | 28 | 29 | 30 |
| 31 | | | | | | |

## APRIL

| SUN | MON | TUE | WED | THU | FRI | SAT |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 |
| 7 | 8 | 9 | 10 | 11 | 12 | 13 |
| 14 | 15 | 16 | 17 | 18 | 19 | 20 |
| 21 | 22 | 23 | 24 | 25 | 26 | 27 |
| 28 | 29 | 30 | | | | |

## MAY

| SUN | MON | TUE | WED | THU | FRI | SAT |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | 1 | 2 | 3 | 4 |
| 5 | 6 | 7 | 8 | 9 | 10 | 11 |
| 12 | 13 | 14 | 15 | 16 | 17 | 18 |
| 19 | 20 | 21 | 22 | 23 | 24 | 25 |
| 26 | 27 | 28 | 29 | 30 | 31 | |

## JUNE

| SUN | MON | TUE | WED | THU | FRI | SAT |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | 1 |
| 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 |
| 9 | 10 | 11 | 12 | 13 | 14 | 15 |
| 16 | 17 | 18 | 19 | 20 | 21 | 22 |
| 23 | 24 | 25 | 26 | 27 | 28 | 29 |
| 30 | | | | | | |

## JULY

| SUN | MON | TUE | WED | THU | FRI | SAT |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 |
| 7 | 8 | 9 | 10 | 11 | 12 | 13 |
| 14 | 15 | 16 | 17 | 18 | 19 | 20 |
| 21 | 22 | 23 | 24 | 25 | 26 | 27 |
| 28 | 29 | 30 | 31 | | | |

## AUGUST

| SUN | MON | TUE | WED | THU | FRI | SAT |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | 1 | 2 | 3 |
| 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 | 10 |
| 11 | 12 | 13 | 14 | 15 | 16 | 17 |
| 18 | 19 | 20 | 21 | 22 | 23 | 24 |
| 25 | 26 | 27 | 28 | 29 | 30 | 31 |

## SEPTEMBER

| SUN | MON | TUE | WED | THU | FRI | SAT |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 |
| 8 | 9 | 10 | 11 | 12 | 13 | 14 |
| 15 | 16 | 17 | 18 | 19 | 20 | 21 |
| 22 | 23 | 24 | 25 | 26 | 27 | 28 |
| 29 | 30 | | | | | |

## OCTOBER

| SUN | MON | TUE | WED | THU | FRI | SAT |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 |
| 6 | 7 | 8 | 9 | 10 | 11 | 12 |
| 13 | 14 | 15 | 16 | 17 | 18 | 19 |
| 20 | 21 | 22 | 23 | 24 | 25 | 26 |
| 27 | 28 | 29 | 30 | 31 | | |

## NOVEMBER

| SUN | MON | TUE | WED | THU | FRI | SAT |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | 1 | 2 |
| 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 |
| 10 | 11 | 12 | 13 | 14 | 15 | 16 |
| 17 | 18 | 19 | 20 | 21 | 22 | 23 |
| 24 | 25 | 26 | 27 | 28 | 29 | 30 |

## DECEMBER

| SUN | MON | TUE | WED | THU | FRI | SAT |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 |
| 8 | 9 | 10 | 11 | 12 | 13 | 14 |
| 15 | 16 | 17 | 18 | 19 | 20 | 21 |
| 22 | 23 | 24 | 25 | 26 | 27 | 28 |
| 29 | 30 | 31 | | | | |

Information Department
Government of Sindh